# برف ۾ سڙندڙ ماڻهو

(ڪھاڻيون)



حڪيم عبدالرؤف ڪياني

يوسف سنڌي

Marfat.com

Marfat.com

# بَرف ۾
# سَڙندڙ
# ماڻهو

Marfat.com

Marfat.com

# برف ۾ سڙندڙ ماڻهو

(ڪهاڻيون)

DATA ENTERED

حڪيم عبدالرؤف ڪياني

يوسف سنڌي

سچائي اشاعت گهر - دڙو

2016ع

Marfat.com

## اسٽاڪسٽ

- پيڪاڪ بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد.
  Cell#0322_3011506
- ڪويتا ڪتاب گهر، ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد.
- ڪنگ پن ڪتاب گهر، پريس ڪلب حيدرآباد.
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد.
- قليچ ڪتاب گهر لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد.
- ڪلچر ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي.
- مهراڻ ڪتاب گهر گهنٽي ٽاڪ نيئر سپنا لان لاڙڪاڻو.
- فڪشن هائوس رابعه اسڪوائر حيدرآباد.
- شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد.
- رابيل ڪتاب گهر_لاڙڪاڻو.

297.08
ب 373 ع
122841

سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر- 118

حق ۽ واسطا محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | برف ۾ سڙندڙ ماڻهو |
| موضوع | : | ڪهاڻيون |
| ليکڪ | : | حڪيم عبدالرؤف ڪياني |
| ترجمو | : | يوسف سنڌي |
| ڇاپو | : | پهريون 2016ع |
| ٽائٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | جهانزيب علي جوڻيجو (ساحل پرنٽر حيدرآباد) |
| ڇپائيندڙ | : | سچائي اشاعت گهر- فون: 0301-3640468 |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد 03332634650 |

**قيمت : =/200**

Baraf Main Sarndar Manhon (Stories) —BY: Hakeem Abdul Rauf Kayani
Published by. Sachai Ishait Ghar, DARRO. Sindh.
Translet in Sindhi: **Yousif Sindhi**
Edition First. 2016. Cell: 0301-3640468
Email: myusifmemon@gmail.com

Marfat.com

# اَرپنا

| | |
|---|---|
| نہ امان جي نالي .... | نہ بابا جي نالي .... |
| نہ ڌيءَ جي نالي .... | نہ پُٽ جي نالي .... |
| نہ مسلمانن جي نالي .... | نہ عيسائين جي نالي .... |
| نہ هندن جي نالي .... | نہ سکن جي نالي .... |
| نہ يهودين جي نالي .... | نہ ٻُڌن جي نالي .... |
| نہ پارسين جي نالي .... | نہ مُلحدن جي نالي .... |
| نہ مسلڪن جي نالي .... | نہ غير مقلدين جي نالي.... |

دراصل

ورهاست کان مٿاهين

محبت، جرئت ۽ انسانيت جي آفاقي جذبن جي نالي....

حڪيم عبدالرؤف ڪياني

Marfat.com

Marfat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ▪ سنڌيڪار پاران.... | يوسف سنڌي | 09 |
| ▪ ليکڪ پاران... | حڪيم عبدالرؤف ڪياني | 12 |
| | | 15 |
| 1. ڪارو جادو | | 25 |
| 2. احتجاج | | 35 |
| 3. سياسي خطاب | | 45 |
| 4. وڏو فرض | | 53 |
| 5. مسجد | | 65 |
| 6. پير سائين | | 75 |
| 7. ٻُڪ | | 83 |
| 8. انڌو پيينو | | 95 |
| 9. ڪروڙپتي | | 103 |
| 10. چيڙهہ | | 111 |
| 11. راهب... ! | | 115 |
| 12. لـــڄَ | | |
| ٻہ ننڍيون ڪهاڻيون | | |
| 13. خاموش بابا | | 125 |
| 14. ٻارڙي | | 126 |


Marfat.com

Marfat.com

# سنڌيڪار پاران....

ڪراچي لٽريري فيسٽيول جي آخري ڏينهن ستين فيبري 2016ع تي، ڪتابن جي اسٽالن ڪي ڏسندي، جڏهن فڪشن هائوس جي بوڪ اسٽال تي پهتس ۽ اُن جي مالڪ جناب ظهور احمد سان ڪچهري ڪري رهيو هئس، جو اوچتو پاڻ منهنجي پر ۾ هڪ فل سوٽ ۾ بيٺل همراهه ڏانهن اشارو ڪندي چيائين. "يوسف صاحب! هن دوست سان ملو... جناب حڪيم عبدالرؤف ڪياني، اردو جو تمام سُٺو اسٽوري رائيٽر..."

مون هڪ نظر ان همراهه ڏانهن ڏٺو ان وچ ۾ حڪيم صاحب سان، ظهور احمد منهنجو تعارف ڪرايو ته اسين هڪٻئي سان ڏاڍي گرمجوشيءَ سان ملياسين. ۽ اُتي ئي بيٺي بيٺي ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. ان دوران پاڻ پنهنجا ٻه ڪتاب "*برف میں جلتے لوگ*" ۽ "*خزاں آلود بھار*" مونکي سوکڙي ڪري ڏنائين.

ڪتاب هوئڻ ٻه وڏو تحفو هوندو آهي... منهنجي لاءِ ته ڪتابن کان وڌيڪ قيمتي ڪو ٻيو تحفو آهي ئي ڪو نه... مون سندس مهرباني مڃي.

حيدرآباد اچي جڏهن مون حڪيم عبدالرؤف ڪيانيءَ جون ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪيون ته يڪو پڙهندو ئي ويس. روزاني زندگي جي ڪار وهنوار ۾ پيش ايندڙ ڳالهيون ۽ واقعا... بلڪل سادي ۽ منفرد انداز ۾... هر قسم جي مصنوعيت کان خالي لکڻ جو اسلوب. ڪهاڻيون پڙهي مونکي ايئن محسوس ٿيو ته ڪياني صاحب اردو ادب جو نجم عباسي آهي، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي ڪهاڻيڪار مرحوم ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي لکڻ جو اسلوب ٻه اهڙو ئي هوندو هو.



Marfat.com

حڪيم عبدالرؤف ڪياني جي هر ڪهاڻي موضوعي لحاظ کان نہ رڳو وسيع ڪئنواس تي رکي... پر جيڪڏهن انهن ڪهاڻين کي ڊراما ٽائيز ڪجي تہ اسڪرين تي ڏاڍو سُٺو تاثر ڇڏين.

حڪيم عبدالرؤف جون نئديون نئديون ڪهاڻيون وقتائتيون ۽ اهم موضوعن تي لکيل آهن. سندس ڪهاڻي "مسجد" پڙهي ملڪ ۾ فرقيواريت جي پکڙيل زهر جي سڄي تصوير سامهون اچي تي وڃي. "انڌو پيئنو" پڙهي فرقيواريت جي بنياد تي دهشتگرديءَ جو شڪار بڻيل ماڻهو ۽ ان ڪانپوءِ انهن جي ڪٽنبن جا مسئلا سامهون اچيو وڃن... "وڏو فرض" پڙهڻ سان احساس ٿئي ٿو تہ انسانيت هر مذهبي رسم ۽ عبادت کان وڏو فض آهي ايئن حڪيم صاحب جي هر ڪهاڻيءَ جو تاثر ڏاڍو گهرو آهي.

حڪيم عبدالرؤف ڪيانيءَ پنهنجي ڪهاڻين ۾ سڄو ڌيان پنهنجي ڳالهہ کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ تي ڏنو آهي، ان لاءِ ٻاڻ ٻولي سادي ۽ عوامي انداز اختيار ڪيو اٿس.

حڪيم صاحب پنهنجي ڪهاڻين ۾ جن مسئلن تي قلم کنيو آهي، اهي اجوڪي دور جا اهم ۽ ٻرندڙ مسئلا آهن ۽ ٻاڻ نہ رڳو مسئلن جي نشاندهي ڪئي اٿس، پر ڪٿي ڪٿي انهن جو حل بہ ڏسيو اٿس.. ايئن ٻاڻ ايئن چوندي ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ٿا ڪريون تہ حڪيم صاحب مقصدي ادب جو قائل آهي ۽ سماجي ناسورن کي قلم جي نشتر سان چيري انهن ناسورن جو گند پَت ڪيڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، سندس ڪهاڻين جو اهو گُڻ، ڪهاڻين جي فني پاسن جي ڪوتاهيءَ کي لڪائي ٿو ڇڏي ۽ قاري هڪ ڪهاڻي پڙهڻ ڪانپوءِ ٻاٽمرادو ٻي ڪهاڻي پڙهڻ ٿو لڳي.

سندس ڪهاڻين جي سنڌي ترجمي ۾ سندس ٻنهي ڪهاڻين جي مجموعن مان چوندہ ڪهاڻيون ترجمو ڪيون ويون آهن. حڪيم صاحب جي ڪهاڻين جو پيغام محبت آهي. جيڪو هڪ آفاقي جذبو آهي، انسانيت جو پيغام آهي، انسانيت کانسواءِ زندگي جهنم آهي. حڪيم صاحب جي ڪهاڻين جو پيغام فرقيواريت ۽ دهشتگرديءَ جي باهہ ۾ سڙندڙ زندگين کي بچائڻ جو پيغام آهي. سندس ڪهاڻيون وهم پرستيءَ تي وار ۽



Marfat.com

عقليت پسنديءَ جو پرچار ڪن ٿيون. هو پنهنجي قلم جي وسيلي نقلي پيرن فقيرن جي نڳين جا ناهه ڦاڙي ٿو. هو سماج ۾ بغاوت ٿو چاهي اجاين وهمن کان، حڪيم صاحب هڪ اهڙو سماج چاهي ٿو جيڪو فرقيواريت کان پاڪ، اڻ برابري ۽ اوچ نيچ کان آجو خوشحال سماج هجي ۽ هڪ باشعور ليکڪ جي لکڻ جو اهو ئي مقصد هوندو آهي.

مون سندس انهيءَ پيغام کي سنڌي پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ سندس ئي خواهش تحت هنن ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي ۽ مونکي هيءَ ڪتاب سنڌي پڙهندڙن جي حوالي ڪندي خوشي ۽ اطمينان جو احساس پيو ٿئي.

**يوسف سنڌي**

حيدرآباد. اٺين اپريل 2016ع



Marfat.com

# ليکڪ پاران...

[1]

ڪائنات جي ڏينهن ۽ راتين جي ڦيري ۾، حالتون ۽ واقعا، موقعا ۽ شڪليون بدلايو انساني زندگين تي اثر انداز ٿيندا رهندا آهن. ان اثر پذيريءَ کي ڪير، ڪيئن ٿو ڏسي، اها پنهنجي پنهنجي سُڌ ۽ سمجهه جي ڳالهه آهي، عقل جي درجي جي ڳالهه بي عقل ڪيئن ٿو سمجهي سگهي. اسانجي ڏينهن ۽ راتين جا معاملا بهترين ادب آهي، جنهن کي مون سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اوهانکي منهنجين ڪهاڻين ۾ هن اڌ مِئل سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار نظر ايندا. انهن ئي اڌ مِئل، سڌ ڪندڙ هلڪڙن ۽ اڇوتن موضوعن تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

[2]

مونکي ان ڳالهه جو اعتراف آهي تہ منهنجون ڪهاڻيون ڪي اعليٰ معيار جون ناهن. دراصل مون پنهنجي معاشري جهڙيون ئي ڪهاڻيون لکيون آهن. آئون انهن ڪهاڻين جي معيار کي بُلند ڪرڻ ۽ وزني بنائڻ جي ضرور ڪوشش ڪريان ها، جيڪڏهن اهي منهنجي معاشري جا هم وزن نہ هجن ها. آئون نٿو چاهيان تہ منهنجي معاشري کان وزني شئي منهجي معاشري جا ماڻهو پنهنجن ڪلهن تي کڻي مونکي پٺون ڏيڻ لڳن. آئون ان ئي بيٺل پاڻيءَ ۾ ترڻ تي مجبور آهيان ۽ مونکي جيڪو نظر آيو آهي، اهو ئي لکيو اٿم ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجهه نظر اچڻ لڳي تہ ٻين کي ب پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ جي مهرباني ڪن ۽ نہ ڏسڻ چاهين تہ اکيون ٻوٽي ڇڏين، معاشري تہ اڳ ۾ ئي اکيون ٻوٽي رکيون آهن. آئون ب پاڻ کي ننڊ جي هنج ۾ وڃي ٿو وڃان.



Marfat.com

[3]

هي ڪهاڻيون مون شعور ڪوشش ۽ رياضت سان نہ لکيون آهن، حقيقت ۾ اهي جگر جي رت جون اهي حرارتون آهن، جيڪي پاڇا بنجي ڦاٽيون ۽ ڪائنات ۾ وکري ويون.

زندگي جو ڪاروهنوار هڪ جادوگري آهي، جيڪو ڪرتب ڏيکاري راڙو ريهہ ڪرڻ جي بدران حيرت ۽ مزاح جي "فريب" ۾ ڦاسائي تو چڙي مونکي لکندي پنهنجي مجرد هئڻ جو اعتراف ضرور آهي. هي تخيلي تخليقون الائجي ادب جي ڪنهن درجي تي پوريون لهن بہ ٿيون يا نہ البتہ اها ڳالهہ منهنجي لاءِ حيرت ۾ وجهندڙ آهي تہ زندگيءَ جا تماشا تہ خبرون سڏبيون آهن، جيڪي اخبارن، ٽيلي ويزن ۽ نيٽ جي سونهن بنجن ٿيون.

يا وري ڪالم ۾ تير ۽ نشتر جي جانچ ۽ پرک جي ور چاڙهيون وڃن ٿيون. پر اهو عجيب اتفاق آهي تہ اهو ئي تماشو "فرضي ڪردارن" سان "ڪهاڻي" بنجيو وڃي. پوءِ اهو نہ ڇيپي تو نہ وري ڏنگي تو پر پڙهندڙ بي خود ٿي پنهنجي مٿان ڪِلي ٿو واهہ ڙي انسان واهہ. پوءِ پڙهندڙ اها ڪهاڻي طاق تي رکي ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ انهن ئي منظرن ۾ موجود پيچرن تي وساريل ساروڻين جي سهاري پنهنجي جاءِ ڳولهڻ ۾ پنهنجي هستيءَ کان بي خبر گم ٿيو وڃي ٿو.

دنيا جي نقشي تي آئون ڪٿي موجود آهيان... اها حقيقت ۾ اها ڳولا ئي پنهنجي وجود ۽ پنهنجي ربَ جي ڳولا آهي.. جيڪا "مَن اعراف" سڏبي آهي.

اسين جڏهن باهہ ۾ سڙون ٿا تہ رڙ ٿا ڪريون، هاءِ گهوڙا ٿا ڪريون، ٻين تي الزامن جي وٺ وٺان لايو ٿا ڏيون ۽ پنهنجي بي ڏوهي هئڻ تي دليل ٿا گهڙيون. پر جڏهن اسين نظرياتي طور تي پنهنجن ذهنن کي هٿراڌو ۽ مخصوص عقيدن سان گڏوگڏ طبقن جي برف ۾ ويڙهي جمود جو شڪار ٿي زندگي گذارڻ لڳون ٿا تہ ان وقت محبت، برداشت، احترام، فڪر، سوچ ۽ انساني قدر ۽ ملهہ. مذهب، مسلڪ، برادري ۽ طبقا هڪ دائري ۾ قيد ٿي رهجي وڃن ٿا. ۽ انهن شين جي شدت ممڪن نہ ٿي رهي. ان دائري جي اندر برف ۽ ٻاهر آزادي آهي... هاڻ اها اوهانجي مرضي آهي، پاڻ تہ آزاديءَ جا قائل آهيون... زندگي لفظن جي کيڏ نہ آهي... سوچ ۽ احساس جي شطرنج آهي.



Marfat.com

# کارو جادو

Marfat.com

Marfat.com

گهڻي ڳولاڦولا ۽ غورويچار جي باوجود ڪجهه بہ سمجهه ۾ نہ پئي آيو. گهر وارن، پاڙن ۽ پيرن ڪانسواءِ باقي سيني مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن کي شڪ جي نظرن سان تي ڏٺو. گهر ۾ ايندڙ مهمانن جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ سختي کي نوٽ ڪيو پئي ويو ۽ انهن جي وڃڻ کانپوءِ پاڻ ۾ ويهي انهن جي هڪ هڪ لفظ ۽ هڪ هڪ جملي جي اندر لڪل معنيٰ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي.

جيڪڏهن وڏي پاءُ چيو تي تہ مون کي فلاڻي مائٽ تي سؤ سيڪڙو يقين آهي تہ پيڻ سندس شڪ کي رد ڪري تي چڙيو ۽ چوڻ تي لڳي ان جو پيرن فقيرن وٽ اچڻ وڃڻ گهٽ آهي. اهو ڪم تہ اسان جي ڪنهن ڳجهي دشمن جو ڪيل آهي.

”اها وري ڪهڙي دشمني؟ اسين ان وقت انهن جي ڏيئرن جا رشتا گهري ونون ها تہ نوبت هيستائين نہ اچي ها.“ وڏي پيڻ منهن ڦٽائيندي چيو.

”هر ڪنهن کي سندس نيت ڪم ايندي.. چڙين ڪٽي.“ امڙ مايوسيءَ وارين نظرن سان ڏسندي آهستي چيو.

”نيٺ بہ تہ ماڻهو اوهان ڪان چا تا گهرن... مون کي ڪنهن عامل يا پير ڪان حساب ڪرائڻ ڏيو.. پوءِ آئون انهن کي گيسيون نہ ڪرايان تہ مون کي نہ چئجو!... بي غيرت ماڻهو!“ نانيءَ ڪاوڙمان چيو.

هن جي جتني بہ دل چاهي تي، اتي ميرا سيرا ڪپڙا اچلي چڙيندي هئي. گهر ۾ ڪوئن ۽ جيتن جڻين جي پرمار هئي. ڪنهن پانچا ڪٽي تي چڙيا تہ ڪنهن گنديءَ جي پلاند کي ۽ هيءَ چوي تي تہ ڪارو جادو آهي.



Marfat.com

”ڪو مون تي ڪارو جادو ڪرائي تہ ڏسي... ڪارو جادو ٻادو ڪجهہ بہ ڪونهي.. بس اهو سڀ ڊونگ آهي!“ بابا سخت لهجي ۾ چيو.

”هيءَ وٽ ڪير وٺي اچ!“ بابا خالي بالٽي ڪٽ تي اڇليندي چيو. ”سڀ چندا هڪ هنڌ ويهي ڪشمير جو مسئلو حل نہ ڪريو... آئون هڪ ضروري ڪم سان وڃان پيو...“

”تون وڃ بابا!... توکي ڪنهن چيو... تہ تون اسان سان ويهي ڪشمير جو مسئلو حل ڪرائي... هونئن بہ هاڻ ڪشمير جو مسئلو پراڻو ٿي ويو آهي... هاڻ تہ فلسطين ۽ افغانستان جا مسئلا اُن کان بہ وڏا مسئلا بڻيل آهن.“

”چڱو چڱو! اوهان جهڙا حڪمران بڻجندا رهندا تہ اهي مسئلا ڪڏهن بہ حل نہ ٿيندا.“ اهو ٻڌي سڀ ڀائر ۽ ڀينرون کلڻ لڳا.

بابهيس جي جملي سڄي بحث کي سهيڙيندي، سيني تي خاموشي ۽ کل جي گڏيل سڏيل ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي. ٿوري دير ڪانپوءِ سڀ هٿن سان حيرانگيءَ مان اشارا ڪندي هڪٻئي کي سواليا نظرن سان ڏسڻ لڳا تہ ڀيهر بحث جي شروعات ڪير ڪندو.

”ماسي پراڻي زماني جي آهي. سو شايد وهم تي پيو اٿس.“ ڀائٽيءَ مُرڪندي چيو. وچٽ ڏيءَ اُٿي ۽ الماڙيءَ مان ڪجهہ گنديون ۽ شلوارون ڪڍي هن جي اڳيان اڇلي اٿلائي پٿلائي ڏيکارڻ لڳي.

”هي ڏس... هيءَ ڏس!“ ڀهرين رات هن شلوار جا پانچا هنڌ هنڌ تان ڪتجي ويا هئا... ان ڏينهن امان نہ چانهہ پيتي نہ ناشتو ڪيو.. گذريل ڏينهن هڪ پير صاحب کان تعويذ وٺي آئي هئي ۽ اهي گهوٽي پنجن ڏينهن تائين پيئندي رهي... پر جيئن ئي تعويذن جو اثر ختم ٿيو ٻي ڏينهن وري ساڳي ڪار.

”هي ڏس!... صفا نئون سوٽ... گذريل هفتي امان شاهده ماسي جي پُٽ جي پرڻي تي پاتو هو. سوٽ پائيندي ئي پانچن تي هنڌ هنڌ تي گول گول سوراخ ۽ ڪتي بي ترتيب سوراخ ٿي ويا. ان جي ڪري امان سڄو ڏينهن جيَ ۾ احساس ڪمتريءَ جو شڪار رهي ۽ اسين چئون ٿيون تہ اهو وهم آهي... وهم بہ بي سبب تہ ڪونهي هوندو... هي ڏس... جتان ڪتان سلوارون ۽ گنديون جڻ ڦڻنچيءَ سان ڪُتريون ويون آهن.“



Marfat.com

"اڇا تہ اها ڳالهہ آهي." هن ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

سيني کي ڪاري جادو جو پڪو يقين ٿي چڪو هو. گهر وارن جا شڪ ۽ شبها دور ٿي چڪا هئا. اڳ ۾ اهي هِتان هُتان جون ٻڌل سُڌل ڳالهيون هيون ۽ هاڻ سيني کي يقين ٿي ويو هو ۽ سندس ڪچو يقين پڪي يقين ۾ بدلجي چڪو هو.

"هيءَ ضرور ڪارو جادو آهي."

"الائجي ڪنهن امان تي ڪرايو آهي".

"جيئڻ اوهان جي امڙ تڙپي تہ اوهين سڀ ڏکاريون ٿيون... سڄي برادريءَ جا ماڻهو سمجهن ٿا تہ شايد مون ڏيئرن جا رشتا برادريءَ کان ٻاهر طئي ڪيا آهن ۽ پُٽ بہ ٻاهران پرڻايا اٿم... حالانڪ اوهان جو پيءُ هر ڳالهہ ۾ هڪجيترو شامل آهي. پر ان جي ڪپڙن جا پانچا تہ نٿا ڪتجن!" امان طنزيہ انداز ۾ هٿ کي جهٽڪو ڏيندي چيو.

"آئون اڳ ئي بيمار ۽ هلڻ چلڻ کان ئي هلاڪ آهيان، وري جڏهن کان مون تي ڪارو جادو ڪرايو ويو آهي، تڏهن کان مٿي ۾ سور، الٽي ۽ اُبڙڪا ۽ پيٽ ۾ سور رهڻ لڳو اٿم." امان ڳالهائيندي اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ پوءِ ڪٽ تي ليٽي پئي.

"شڪورَ منهنجو خيال آهي تہ ان عامل کان حساب چو نہ ڪرائجي...!" حسن نندي ڀاءُ کي مخاطب ٿيندي چيو.

"ڪهڙي کان...؟"

"اهو ئي يار...!... جنهن جي باري ۾ منهنجو دوست سليمان ٻڌائي رهيو هو تہ تمام وڏو عامل آهي... ڪاري جادوءَ جي توڙ جو تہ وڏو ماهر آهي... پر في وڏي ٿو وٺي... پر امان جي صحت جي اڳيان تہ ڪجهہ بہ ڪونهي... خبر تہ پوي تہ آخر ماجرا ڪهڙي آهي. جيڪڏهن بيماري هجي ها تہ آئون امان کي ڪار ڪري سُٺي مان سُٺي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃان ها... پر هن دور ۾ ڪنهن عامل پير فقير جو ملڻ بہ تہ وڏو مسئلو آهي... پوءِ بہ ڳولهيون ٿا..." حسن ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو.

"ترس! آئون اجهو ٿو پُڇان!" هن جي موبائل آن ٿئي تہ ايڊريس بہ پڇي ٿو وٺانس. هن سليمان کي فون ڪري عامل جي ائڊريس ۽ فون نمبر نوٽ



Marfat.com

ڪندي وڏي آواز ۾ چيو. ”هاڻ مسئلو حل ٿي ويندو. بس رڳو هڪ پيرو جادو ڪندڙ جي نالي جي خبر پئجي وڃي... ته پوءِ سندس منهن ڪارو ڪري سڄي شهر ۾ نه ڦيرايانس ته منهنجو نالو لاهي ڪُتي تي رکجو.“

گهر جي ماحول ۾ اداسي ڇانئجي چڪي هئي. عامل چوٿين ملاقات ۾ به في جا پنج هزار روپيا وٺندي ڪارو جادو ڪندڙ جون نشانيون ٻڌائيندي چيو ”منهنجي حساب ۾ اوهان جي ويجهي مائٽياڻي آهي، جنهن جو گهر اوهان جي گهر سان گڏ آهي. هن جا وار ٿورا ڪنٽيل آهن. هوءَ تکو ڳالهائي ٿي... ڪلڻ مهل هن جا سامهون وارا ڏند نظر اچن ٿا. هوءَ اڪثر بند شلوار پائيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مٿي تي گندي به ڪندي آهي ۽ ڪڏهن مٿي گهاڙي.. هاڻ سُڃاڻڻ اوهان جو ڪم آهي... اسين نالو ٻڌائينداسين ته ڳالهه جهيڙي جهٽي تائين پهچي وڃي ٿي.“

پوءِ عامل مٽي ڏسندي سندن ماءُ جي هنج ۾ تعويذ اڇليندي چيو ”هي تعويذ پنهنجي گهر جي اڱڻ جي دروازي کان ٿورو مٿيرو ڪونٽر سان هٽي چڏيو ته جيئن هر ايندڙ ويندڙ جي نظر ان جي لڪت تي پوندي رهي... ۽ امان کي ڇهن مهينن تائين ماتم ۽ شادي مراديءَ واري گهر وڃي نه وڃجو. سبب ڪهڙا به هجن هوءَ اوهان جو گهر برباد ڪرڻ تي چاهي. ڪيس ڏک آهي. سندس پيٽ ۾ سور جاڳندا اٿندا آهن ۽ پيٽ ۾ مروڙ پوندي اٿس.“ عامل وڏي آواز ۾ چيو.

”يا غفور“، ”يا ڪريم“ چوندي هن پنهنجي ڏاڙهي جي سفيد ۽ ڪارن وارن جي وچ ۾ آڱريون ڦيريندي هنن ڏانهن ڏسندي چيو ”هاڻ وڃو... شاباس!... هاڻ وڃو ۽ انتظار ڪريو... جلد ئي ڪارو جادو اوهان جي دشمن جي ڪنڌ تي سوار ٿي ڳالهائڻ لڳندو... هو لُڇندو، تڙپندو منهن مٿو پٽيندو... هڪ ڏينهن هن جي ڪپڙن ۾ باهه لڳي ويندي. پنهنجي گهر جي اندر ٻوليهيوس... اتان ئي ملندو.“

”ڇا بابا سائين!“

”تعويذ پُٽ!... ڪارو جادو اندران ئي نڪرندو... رمز کي سمجهو... وڃو...“

پُٽ... شاباس... وڃو... پريشاني جي ڪا ڳالهه ڪونهي. اوهين صحيح



Marfat.com

”هاڻ اهو بہ تو حساب ٿئي، جيڪو پوکيو هونديئي، اهو ئي لُڻنديئن۔“ ننڍي ياءُ طنزيہ لهجي ۾ چيو. ”اڳ ۾ئي چاليھ هزار دڦ تي چڪا آهن.“

”ڪيترا پئسا...؟... ڪيترا پئسا...؟.. پٺهنس اندر گهڙندي ڪاوڙ ۾ پڇيو.

”ڪجھ بہ نہ... اوهان کان تہ پئسا وٺي مون نہ ڏنا... اوهان تہ ٻاهر وڃي ويهو... هي ڏسو تعويذ... اوهين تہ انهن شين کي ميڄيو ئي نٿا. هن سان گڏ انساني وارُ ڪسيل سُئي تہ ڏسو...“ وڏي ياءُ سواليا انداز ۾ چيو.

”نيڪ آهي... هنن کي ڪٺي منهنجي نظرن کان پري تي وڃو... اوهان جهڙن ڪمزور عقيدن وارن ماڻهن جي ڪري ئي اهڙن جعلي پيرن ۽ عاملن جو ڏنڌو هلندو آهي. ائين نہ!“ پٺهنس بيزاريءُ مان ٻي طرف منهن ڦيريندي چيو.

”تہ پوءِ هي وري ڇا آهي؟.. هي ڏس، انڌي کي بہ نظر پيو اچي... ڪسيل سُئي انساني وار ۽ قرآني آيت جو ٽڪرو...“ ماڻهنس ٻي پاسان تيز وڪون کڻندي آئي. ”واقعي!“

”هاءِ ظالمو! اوهان جو شل ٻيرو ٻُڏي“ ماڻهنس، پٺهنس ڏانهن ڏسندي چيو ”هاڻ هن کي تہ مون سان ڪا غرض ئي نہ رهي آهي... هاڻ تہ آئون پوڙهي تي چڪي آهيان. هن کي ٻي شادي ڪرايو... هن کي تہ هاڻ منهنجي موت جو اوسيئڙو آهي.“

ها ها ها.

”تنهنجي مرڻ سان ڪهڙا مسئلا نبرندا... وهم اٿئي... پئي چئو... مون سان وڙهڻ تہ تنهنجو من پسند مشغلو آهي.“

”ها... جڻ قسم ڪنيل اٿم.“

”تون ئي قسم آهين... مون کي قسم نٿا اچن... مون تہ سادي سودي انداز ۾ زندگي گذاري ڇڏي آهي.“

”تون تہ جوانيءُ ۾ وڏن پانچن واريون سلوارون ۽ پرت ريل پهراڻ پائي نهي جڙي ٻاهر نڪرندو هئين... پر توکي تہ ان وقت ڪنهن اک بہ نہ هنئي.“ زالهنس، مڙسهنس کي تنقيدي لهجي ۾ چيو.

”اک رکڻ واري بہ تہ تون هئينءَ، تون گهر ۾ ڪنهن چڱي ۽ سهڻي صورت کي پيير رکڻ ئي ڪٿي ڏيندي هئين؟!“ ڳالھ ڪري مڙسهنس چپ ٿي ويو.

”اوهين ٻڏو ٻارو... ڪٿي منهنجو وات نہ کلي پئي، چڱائي ان ۾ اٿئي تہ چپ رهو.“ هن ڪاوڙ ۾ مڙسهنس ڏانهن ڏسندي چيو.



١٣٢٨٧١

Marfat.com

سيٺي پيٽون ۾ پائر فڪرمند ھئا تہ ڪو نبيرو ڪڏيو وڃي.

”نيٺ بہ تہ ڪيس سندس عملن جي سزا ملڻ گھرجي. ھڪ ڏينھن حشر جو ميدان تہ برپا ڪرڻون پوندو... ڳالھہ ھر ھنڌ پکڙبي...“

”پر ڪجھ ٻيا ماڻھون بہ پنھنجن ڪرتوتن کان توبھہ تائب ٿي ويندا...“ وڏي پاءَ ڳالھہ ڇڪيندي چيو.

ايتري ۾ ننڍو پاءَ ڪمري ۾ گھڙيو ۽ پرسان پيل ٽپائيءَ تي ويھي رھيو.

”لڪ چپ ۾ ڇا ٿي پئي ڳالھہ ٻولھہ ٿئي.“

”تون ٻاھر ھليو وڃ... تنھنجو دماغ ڪم نٿو ڪري“ پيڻ ڪيس گھوريندي چيو.

”تون بيوقوف آھين!“

”ڪيئن؟... تہ ڇا اوھان سيني جا دماغ جاپان ۽ آمريڪا مان امپورٽ ٿيا آھن؟ آئون ھتي ئي ويھندس ۽ ھن سڄي ڪارروائي ۾ مخالف ڌر جو ڪردار ادا ڪندس.“ ھن ڪنڌ ڌوڻيندي وڏو ٺھڪ ڏنو ۽ پنھنجي ھٿن سان تاڙي وڄائي ۽ پوءِ انھن جي ڳالھين جي وچ ۾ بار بار... جي... جي... جي... بلڪل... چوندي جھومندي ڳالھائڻ لڳو. ايتري ۾ سندن امڙ ٻاھران اُٿي ڪمري ۾ آئي ۽ چيائين, ”آھستي ڳالھايو اوھان جو گوڙ ٻاھر پيو ٻُڌجي ۽ اھا بہ وينئي آھي. جنھن جو اھو ڪارنامون آھي.“ اھو چئي ماڻھس اڳيان وڏي الماڙي مان ڪپڙا ڪڍڻ لڳي.

ايتري ۾ ننڍي پاءُ زور سان رڙ ڪئي, ”ھو ڏسو!... ھو ڏسو...! ڪارو جادو ڏسو.“

اھو چئي ھو اُٿي جھومڻ لڳو ۽ ٻئي ھٿ مٿي ڪٽي دمال وجھڻ لڳو. امڙ جي گندي جو پلاند ڪپڙن جي الماڙيءَ ۾ رکيل يو.پي.ايس. جي بيٽري جي مٿان پيو ھو. ۽ سلوار جو پانچو بيٽري سان لڳي رھيو ھو. بيٽري جي تيزاب سان پانچي جي ھڪ سائيڊ ۽ گندي جو پلاند ھنڌ ھنڌ تان سوراخ ٿيو پيو ھو.

سڀ ڪلي ڪلي ٻيٺا ٿي ويا.

”اڇا تہ ھي بيٽريءَ جي تيزاب جو جادو آھي“ اوچتو سيئي ھڪبئي ڏانھن حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳا.

ايتري ۾ سندن پيءُ اندر گھڙيو ۽ چوڻ لڳو ”اڙي بي غيرتو! آئون ڪيترا ئي ڀيرا اوھان کي چئي چڪو آھيان تہ ويلڊنگ جي دوڪان تان لوھہ جو ھڪ ڪاريڪ ٺھرائي اچو... ۽ ھيءَ يو.پي.ايس ۽ بيٽري مٿي ڪري اُن ۾ رکو.“



Marfat.com

# احتجاج

Marfat.com

Marfat.com

ڊاڪٽر تپاسڻ کانپوءِ شاهد ۽ معظم ڏانهن ڏسندي چيو ”هيءَ دل جو دورو به ٿي سگهي ٿو. ڪيس جيترو به جلد ٿي سگهي اسلام آباد جي ڪنهن وڏي اسپتال ۾ پهچائڻ جو بندوبست ڪريو.“

هنن پنهنجي پيءُ کي سنيالينديءَ ايمبولينس ۾ اسٽريچر تي ليٽايو ۽ ٻئي پاڻ پرسان سيٽ تي ويهي رهيا. ايمبولينس نيشنل هاءِ وي تي هلڻ لڳي، ٽريفڪ جي رفتار تمام گهٽي سُست هئي، پري پري گاڏين، بسين ۽ ٽرڪن جي هڪ ڊگهي قطار نظر اچي رهي هئي. ساڄي کاٻي پاسي کان ڪجهه موٽر سائيڪل سوارن غلط مڙندي ٽريفڪ کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ڇڏيو هو. ٽريفڪ جي سُست رفتاريءَ سبب ڪجهه ڊرائيور پنهنجون گاڏيون هاءِ وي سان لڳ روڊ تي لاهي هڪ ڪچي رستي تان ٻين گاڏين کان اڳيان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا.

شاهد، معظم کي اشارو ڪيو ته اسين به ان رستي تان اڳتي وڌون. لڳ ڀڳ ٻن ٽن ڪلوميٽرن جي ڪچي ۽ خطرناڪ رستي تان ٿيندي هو هڪ نندي پل ٽپي ٻيهر هاءِ وي تي پهتا ته ڪجهه پريرو نوجوان هٿن ۾ ڏنڊا، هاڪيون ۽ لوهي پائپ کڻيو بيٺا هئا. ڪن جي هٿن ۾ ته پيٽرول سان ڀريل پلاسٽڪ جون بوتلون به هيون.

اوچتو هاءِ هاءِ ڪندي نوجوانن جا جٿا اچي پهتا. هنن رستي تي گاڏين جا پراڻا ٽائر اُڇليا ۽ انهن تي وٽن جون سُڪل ٽاريون رکي باهه ڏيئي ڇڏي.

شاهد معظم کي هيٺ لهڻ جي لاءِ چيو.

هو ٻئي ايمبولينس مان لهي پنڌ هلندي اڳيان وڌيا ۽ انهن احتجاج ڪندڙ نوجوانن کي منٿون ڪرڻ لڳا ته اسان کي لنگهڻ جو رستو ڏيو اسان



Marfat.com

جو پيءُ دل جي دوري سبب سخت تڪليف ۾ آهي، پر هنن رستو ڪولڻ کان انڪار ڪندي ڪين پنتي هٽڻ جي لاءِ چيو ائين نہ ڪرڻ جي صورت ۾ هنن جو باهہ جي وڪڙ ۾ اچڻ جو امڪان آهي.

معظم پنهنجون ٻانهون ڪنجيون تہ جيئن انهن سان ٻہ ٻہ هٿ ڪري سگهجن، پر شاهد ڪيس ٻانهن کان ڇڪيندي چيو "جلدي واپس هل! بابا جي طبيعت اڳ ۾ ئي وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي... ائين نہ ٿئي جو پاڻ کنهن ٻي مصيبت ۾ اڙجي وڃون!"

معظم ڪنڌ جهڪائي انهن نوجوانن کي ڪاوڙمان گهوريندي واپس وريو.

شاهد چوڻ لڳو "خبر ڪونهي تہ هيءَ احتجاج ڇو پيو ٿئي... نہ ڪو بينر نہ وري ڪو پوسٽر، نہ ئي وري هنن نوجوانن جي ڪو اڳواٽي ڪندي پيو نظر اچي."

معظم چوڻ لڳو "هت تہ جنهن کي ڏس تہ نعرا هڻندو... زنده باد... مرده باد ڪندو هاءِ هاءِ... چورن ۽ ڪرپٽ حڪومت جا نعرا هڻڻ شروع ڪري ٿو ڇڏي اسان جو بہ ڪو حال ڪونهي... اسين پهرين انهن سياستدانن کي ووٽ ڏيڻ ۽ ڪنٽرائڻ جي لاءِ رشتن ناتن ۾ ويريون وجهي ڇڏيندا آهيون ۽ انهن جي سچائي ۽ ايمانداري جون ساکون ڏيڻ لڳندا آهيون... پوءِ جڏهن اهي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهندا آهن تہ انهن جي خلاف ئي احتجاج ڪرڻ جي لاءِ رستن تي نڪري ايندا آهيون. ووٽ ڏيڻ کان اڳ ۾ اسين ڇو نہ سوچيندا آهيون."

شاهد نفرت مان چوڻ شروع ڪيو "دراصل ملڪ جون واڳون سنڀالڻ اسان جي سياستدانن جي وس ۾ ڪونهي... فوجي حڪومت ئي بهتر هوندي آهي."

معظم شاهد ڏانهن ڏسندي وراڻيو "هائو ڪو سخت قسم جو جنرل حڪومت تي قبضو ڪري ٿو تہ سياستدان بہ چپ ڪريو ڇڏين ۽ عوام تي بي وسي ڇانئجي وڃي ٿي... باقي هتي تہ هڪ پارٽي اقتدار ۾ اچي ٿي تہ ٻي پارٽي سندس ٽنگون ڇڪڻ تي لڳي... ملڪ جو نظام نيڪ ٿئي بہ تہ ڪيئن!؟"



Marfat.com

هو ڳالهيون ڪندا ايمبولينس وٽ پهچي ويا. معظم پنهنجي پيءُ جي نس ڏسندي حال احوال پڇيو هن جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي رهي هئي. رنگ هئڊبو ٿي چڪو هئس ۽ سور سبب ويهاٽي جو سهاور وني ويهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ايتري ۾ روڊ تي ڪجهه همراهه بينر ۽ ڪتبا ڪٽي نعرا هڻندي لنگهيا. انهن بينرن تي لکيل هو.

بجلي پاڻي... هاءِ هاءِ.. گئس جي بندش هاءِ هاءِ

حڪمرانو جواب ڏيو... بجلي، گئس ۽ پاڻي جو حساب ڏيو

نامنظور نامنظور... ڪرپٽ حڪومت نامنظور.

ڏسندي ئي ڏسندي دونهه جا ڪارا ڪڪر فضا ۾ ڇانئجڻ لڳا. ڊرائيور ايمبولينس جي سائرن جو آواز تيز ڪري ڇڏيو پر ان جو ڪنهن تي به اثر نه پيو. گاڏين جي ڊگهي قطارن مان نڪرڻ جي ڪا سبيل پيدا ٿي ته نوجوانن ڏنڊا ڪڍي، گاڏين جي اڳيان پٿر اڇلي ٿي ڇڏيا. جيڪڏهن ڪنهن انهن پٿرن تان لنگهڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان گاڏي جا ڏنڊن سان شيشا ڀڃي ٿي ڇڏيائون.

ڪجهه گاڏين کي باهه به لڳائي وئي. مظاهرين ۾ اهي نوجوان به شامل هئا، جيڪي حب الوطنيءَ جي دعويٰ ڪندا ۽ سياسي جلسن ۾ زنده باد ۽ مرده باد جا نعرا هڻندي نه ٿڪبا هئا.

نظرن جي حد تائين گاڏين جون ڊگهيون قطارون هيون. مظاهرو ڪندڙ گرمي ۽ سخت اُس ۾ به نعري بازي جاري رکيو آيا.

ٿوري دير کان پوءِ پوليس به اچي پهتي. پوليس وارا وين بيهاري مظاهرو ڪندڙن سان ڳالهين جي لاءِ اڳيان وڌيا ته پويان ڪجهه مظاهرين پوليس وين تي پيٽرول هاري باهه لڳائي ڇڏي ۽ پوليس وارن جون ورديون ڦاڙي ڇڏيون... ان دوران پوليس پاران لاٺي چارج، فائرنگ ۽ مظاهرين پاران پٿراءُ شروع ٿي ويو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه پوليس وارا ته ڪجهه مسافر به زخمي ٿي پيا. ان ڇڪ ڇڪان ۾ ڪجهه همراهه ته اٿي ڀڳا، پر گاڏين ۾ ڦاٿل مسافر ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين نيشنل هاءِ وي تي ڦاٿل ٽريفڪ ۾ ڪيترن بي وسيءَ جي تصوير بڻيا ويٺا رهيا.



Marfat.com

هنن جي لاچاري جو ڪو اوهي واهي نہ هو. هر شخص ڏنل هو. ٽريفڪ جي بندش کي ڪيترائي ڪلاڪ گذري ويا. ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترائي ڦيرين وارا جوس، منرل واٽر جون بوتلون ۽ بيون شيون وڪڻڻ جي لاءِ ڪٽي اچي پهتا. وڏي عمر جا مسافر، مرد، عورتون ۽ ٻار گاڏين مان لهي پير وارين هوٽلن ۾ چانهہ بسڪوٽ ۽ ڪانڊ پيئڻ ۾ مصروف ٿي ويا.

اڪثر مسافر ڪنن سان موبائيلون لڳايو پنهنجن مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن کي ٽريفڪ جي بندش جي باري ۾ ٻڌائي رهيا هئا. ڪنهن کي ايئرپورٽ پهچڻو هو تہ ڪنهن کي پنهنجي ڪنهن مٽ مائٽ ۽ دوست يار جي شاديءَ ۾ وڃڻو هو. ڪو ڪنهن مريض کي پڇڻ جي لاءِ وڃي رهيو هو تہ ڪو وري ڪيترن ئي مهينن کانپوءِ پنهنجي ڪم تان موڪل وٺي پنهنجن ٻارن ۽ گهر وارن سان ملڻ جي لاءِ وڃي رهيو هو. ڪو گهران اسڪول يا يونيورسٽي وڃڻ جي لاءِ نڪتو هو تہ ڪنهن جي امڙ مرض جي شدت سبب پنهنجي پٽڙي جي راهہ تڪي رهي هئي. ڪٿي ڪنهن پياري جو جنازو تدفين جو منتظر هو تہ هو اچي آخري ديدار کانپوءِ کيس پنهنجن هٿن سان لحد ۾ لاهي.

سڄي دنيا ۾ روز جي، معمول وانگر ان ڏينهن جو سج بہ الل وهاڻيءَ جو اُڀريو هو ۽ کيس ڪنهن رڪاوٽ کانسواءِ پنهنجي وقت تي لهي وڃڻو هو. مظاهرين سان انتظاميہ ۽ پوليس جي ڏکين ڳالهين مُهاڙين کانپوءِ ٽريفڪ کي گرين سنگل ڏنو ويو. ٽريفڪ جي لڳاتار ڇهن ڪلاڪن جي بندش کانپوءِ هوريان هوريان گاڏين رستي تي سُرڻ شروع ڪيو. گاڏين کي ائين هوريان هوريان سُرندي بہ وڏيڪ تي ڪلاڪ گذري ويا. ٽريفڪ ۾ ڦاٿل رهڻ سبب سندس پيءُ تڪليف سبب ڪنجهي رهيو هو. ائين لڳاتار نون ڪان ڏهن ڪلاڪن جي دير کانپوءِ جڏهن هو اسلام آباد جي هڪ وڏي اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ پهتا تہ وارڊن ۾ ڪجهہ نرسن ۽ اسپتال جي عملي کانسواءِ ڪنهن بہ ٻي ڊاڪٽر کي اُت موجود نہ ڏسي هو ٻي وسي، لاچاري ۽ حسرت جي تصوير بڻجي ويا.

ڊاڪٽر ٽن ڏينهن جي هڙتال تي هئا. ٿوري دير کانپوءِ سفيد گائون پاتل ڪجهہ ڊاڪٽرن ۽ ليڊي ڊاڪٽرياڻيون ڪتبا ڪڍي احتجاج ڪندي



Marfat.com

اسپتال جي حدن ۾ گهريا. ٻنهي ڀائرن ڊار ڊار ڪجهه ڊاڪٽرن کي منٿون ۽ ايلاز ڪيا ته ڪو سندن پيءُ کي هڪ نظر ڏسي وٺي، شايد ان جي جان بچي وڃڻ جي ڪا اميد نظر اچي، پر مسيحائن جڻ ٻڌي اڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي. شاهد حسرت وارين نظرن سان ڪنهن مسيحا جو منتظر هو ۽ دل ئي دل ۾ سوچي رهيو هو ته، ”هي ڪهڙا مسيحا آهن، جيڪي ڪجهه پئسن جي عيوض پيغمبري پيشي سان غداري ڪري سگهن ٿا.“

معظم چوڻ لڳو ”ادل، هي پرڏيهي دواساز ڪمپنين جا چاڙتا آهن. ڪين ان ڳالهه سان ڪا به غرض ڪونهي ته ڪو مري ٿو يا جيئي ٿو.“

”سڀ ماڻهو هڪجهڙا ته نه هوندا آهن... پنجئي آڱريون برابر ڪونهن، انهن ۾ درد دل رکندڙ مسيحا به آهن.“

هو اجا پاڻ ۾ اهو بحث مباحثو ڪري رهيا هئا ته اسپتال جي گئلري مان لنگهندي هڪ ڊاڪٽر، سامهون بيٺل هڪ نرس کي جلدي جلدي سندس پيءُ کي ايمرجنسي ڪمري ۾ شفٽ ڪرڻ ۽ دوائن سان گڏ ضروري ٽيسٽن ۽ آڪسيجن لڳائڻ جي هدايت ڪئي.

اهو ڏسي ٻنهي ڀائرن جي پيٽ ۾ ساهه پيو. هو ڊاڪٽر جي مهرباني مڃڻ لڳا ۽ ڊاڪٽر مرڪي ايمرجنسي روم جو دروازو کوليو ۽ سندس پيءُ کي تپاسي اُتان هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ واپسيءَ تي ڊاڪٽر سندس پيءُ جون تفتيشي ليبارٽري ٽيسٽون ڏسندي ان جي باري ۾ مڪمل معلومات وٺڻ چاهي، پوءِ هن پيءُ کي پنهنجي وات ۾ وجهندي چٻاڙيندي کن ترسي، ڪجهه سوچيندي چيو ”هن کي به پيرا هارٽ اٽيڪ ٿي چڪو آهي. هتي آڻيندي اوهان کي ڪافي دير ٿي چڪي آهي.“

ٻئي ڀائر ڊاڪٽر جي چهري کي ڏسڻ لڳا.

”منهنجي خيال ۾ مون کي هاڻ ڊاڪٽرن جي احتجاج ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، نه ته هي همراه هرو ڀرو....“

ائين چئي هو دروازو کولي تڪو تڪو هلندي اسپتال جي ورانڊي ۾ موجود ڊاڪٽرن جي ميڙ ۾ گم ٿي ويو.



Marfat.com

ٿوري دير ڪانپوءِ ڊاڪٽرن جي هڙتال ختم ٿيڻ جي خوشخبري ملي. وارڊ ۾ ليڊي ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرن جي اچ وڃ ٿيڻ لڳي. ان دوران شاهد ۽ معظم جون پيئرون، پائر ۽ مٽ مائٽ بيمار کي پُڇڻ جي لاءِ اچڻ شروع ٿي ويا.

سيئي نيشنل هاءِ وي تي احتجاج ڪندڙن جي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهائي، انهن جي مذمت ڪري رهيا هئا. احتجاج جي حوالي سان اڻ پڙهيل ۽ جٽ ڳوناٽا بہ اهڙي تہ دانشوراڻي گفتگو ڪري رهيا هئا، ڄڻ هنن سڄي زندگي اهڙو ڪو بہ ڪم نہ ڪيو هجي. جنهن مان ٻين کي تڪليف پهتي هجي.

ڪجھ همراهہ تہ پنهنجي صفائي ۾ ائين ڳالهائڻ لڳا جو ڄڻ وٽن پنهنجن نمازن، روزن جي پابندي ۽ صبح و شام جي تسبيح ۽ وظيفن جي ذڪر ڪانسواءِ ٻيو ڪو موضوع ئي نہ هجي. ڪي وري اهو ٻڌائي رهيا هئا تہ توبھ... استغفار اسان جو اولاد تہ اهڙي ڪنهن بہ احتجاج ۾ ڪڏهن بہ شامل نہ ٿيندو آهي. اسان تہ انهن جي اهڙي تربيت نہ ڪئي آهي. اسان جو نانو تہ طبيعت جو ايترو تہ سخت هو جو هو ٻارن کي ڪرڪيٽ کيڏڻ بہ نہ ڏيندو هو. جيڪڏهن هُن جي ڪو ڳالھ نہ ٻڌندو هو تہ هو ٻيٺي ٻيٺي ٻارڙن کي چڳو ڳُتڪو ڏيئي ڇڏيندو هو. اسان جي سڄي پاڙي جا ٻار ڪانئس ڏاڍو ڊڄندا هئا. هو ٻارن کي هر وقت نماز پڙهڻ ۽ وڏن جو احترام ڪرڻ جو درس ڏيندور هندو هو. ڪي وري چئي رهيا هئا تہ احتجاج ڪجي تہ ڪو ڍنگ جو ۽ ناهي نوڪي ڪجي، پارليامينٽ جي اڳيان ڌرڻو هڻجي. ڪنهن کليل ميدان ۾ وڃي نعرا هڻجن. بجلي، گئس ۽ ميونسپل ڪميٽي جي آفيس جي سامهون وڃي ڌرڻو هڻجي. پر هيءُ وري ڪهڙو احتجاج آهي تہ ڪنهن جي جان وڃي تہ ڀلي وڃي... ڪو بيماري سبب تڙپندو رهي تہ ڀلي تڙپي...

معظم انهن ماڻهن جي ڳالھ ڪٽيندي چيو "اها ڳالھ منهنجي سمجھ کان تہ صفا ٻاهر آهي. ڀلا اهو تہ ٻڌايو تہ اوهان جن گهرن جي بجلي جي لوڊشيڊنگ يا گئس جي بندش حڪومت ڪئي آهي. يا عوام...؟ اوهين پنهنجن ئي ماڻهن کي تڪليف ڇو ٿا رسايو.. ٽريفڪ ۾ ڦاٿل ويچاري عوام جو ڪهڙو ڏوهہ...!" هن اجا ڳالھ پوري ئي مس ڪئي جو ڪيس سڏ ٿيو. معظم معظم... شاهد... شاهد... ڪٿي آهيو!" پيٽس روئندي سڏيس.



Marfat.com

ٻئي ياڻر تڪا تڪا هلندا هنن جي پرسان پهتا تہ سندن امڙ ڇڪ ڏيندي روئندي ايمرجنسي ڪمري مان ٻاهر نڪتي.

”هاءِ... هاءِ... اوهان جو پيءُ!“

”صبر ڪر... امان... جيڪا رب جي رضا!“ وارڊ نرس هن جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

اسپتال جي عملي ضروري لکپڙهہ ڪانپوءِ ڪين ڪائونٽر تي بل ڏيئي ميت ايمبولينس ۾ رکڻ جو چيو. ايمبولينس سائرن وڄائيندي اسپتال جي مکيہ دروازي مان اندر گهڙي ٻنهي ڀائرن ميت ايمبولينس ۾ رکيو.

ايمبولينس جو دروازو بند ڪندي هنن ايمبولينس جي ڊرائيور کي ايمبولينس هلائڻ جي لاءِ چيو. هو ۽ سندن ڀينرون روئندي سندس پيءُ جي موت جو ذميدار رستي تي احتجاج ڪندڙن کي قرار ڏيئي رهيا هئا. سڄو رستو هنن جي ڳالهين جو موضوع احتجاج هو.

هڪ ڪلاڪ جي مسافري ڪانپوءِ هو پنهنجي شهر جي حدن ۾ گهڙيا. جتي نيشنل هاءِ وي تي سندس پاڙي جا ماڻهو مٽ مائٽ ۽ دوست يار پري پري کان هنن جي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ بيٺا هئا. سيئي احتجاج ڪندڙن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا هئا. ايتري ۾ ايمبولينس بہ اچي هنن جي پر سان بيٺي تہ مٽ مائٽ کين ڀرانڙي پائي روئڻ لڳا ۽ عورتن روئڻ ۽ پٽڻ شروع ڪيو.

ان روئڻ ۽ پٽڪي ۾ ڪجهہ همراهہ هڪٻئي سان هٿ ملائيندا افسوس ڪندا اڳتي وڌندا رهيا. ڪن دوستن شاهد ۽ معظم کي صلاح ڏني تہ اسان کي دفنائڻ کان اڳ احتجاج جي ذريعي حڪومت کي اهو پيغام ڏيڻ گهرجي تہ هيءُ موت رستي جي بند ٿيڻ سبب ٿيو آهي ۽ آئنده اهڙا موت نہ ٿيڻ گهرجن. ٿوري ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ احتجاج جو طريقو طئي ٿي ويو.

سڀ ماڻهو ان ڳالهہ تي سهمت ٿي ويا. هنن ايمولينس کي سڌو ڪري نيشنل هاءِ وي تي وچ روڊ تي بيهاريو ۽ ٽريفڪ بيهاري ڇڏي. مٽن مائٽن رستي تي وڏا وڏا پٿر ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ حڪومت جي مخالف ۾ نعرا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا. ڏسندي ئي ڏسندي گاڏين جون ڊگهيون قطارون بيهي ويون. روڊ جي وچ تي ريڙهين وارا ۽ مزدور پنهنجون ريڙهيون گهيلي



Marfat.com

آيا ۽ سامان رکي وڪڻڻ لڳا ۽ مسافر بي وسيءَ جي حالت ۾ ٽريفڪ ڪلڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳا.

چوڌاري ٽريفڪ جي بندش جو خراب حال هو. ماڻهو گاڏين مان لهي احتجاج ڪرڻ جو سبب پڇي ميت کي ڏسي انا الله و انا اليه راجعون چوندا واپس وڃي پنهنجي گاڏين ۾ ٽي وينا. ٻنهي پاسن جي گهر هئي تہ ڪنهن اعليٰ حڪومتي عملدار جي آمد ڪانسواءِ هو هتان ميت نہ کڻندا. ڪجھ مسافر هيٺ لهي، ڪجھ پڇڻ ڳاڇڻ ڪانسواءِ ٽريفڪ جي تيز رفتاريءَ تي افسوس ڪندا وڃي پنهنجي گاڏين ۾ ٽي وينا.

ٽريفڪ جي بندش کي ڪيترائي ڪلاڪ گذري چڪا هئا.

ان ڏينهن شاهد ۽ معظم کي پنهنجي ڏک جي ڪري اهو خيال ئي نہ رهيو تہ ڪٿي پريان گاڏين جي ڊگهين قطارن ۾ ڪا ايمبولينس ڦاٿل هوندي يا ڪنهن گاڏيءَ ۾ ڪو مريض اسپتال وڃڻ جي لاءِ تڙپي رهيو هوندو.

✍

Marfat.com

# سیاسي خطاب

Marfat.com

Marfat.com

ميمبر اسيمبلي هال ۾ هڪٻئي سان ڪلنديءَ مرڪنديءَ گلي ملنديءَ ۽ هڪٻئي کي مبارڪون ڏيندي پنهنجي پنهنجي سيٽن تي ويهي ٿا رهن. پهرينءَ ڏينهن ۽ اسيمبليءَ جي پهرينءَ اجلاس ۾ شرڪت جتي دلي خوشي ۽ فخر جو ڪارڻ هئي، اتي اسيمبليءَ ۾ پهچڻ جون ننڍپڻ جون خواهشون ۽ سارونڻيون هن جي دل ۾ گڏ وچڙ تي رهيون هيون.

هڪ پاسي دماغ ٽيلي ويزن اسڪرين جي طرز تي ٿهيل اسيمبلي هال جي خوبصورت منظرن جي عڪاسي ورجائي رهيو هو ته ٻي طرف هن جون نظرون شناسا اسيمبلي ميمبرن جي شناسا چهرن جي ڳولا ۾ ساجي ۽ کابي ڏسي رهيون هيون.

هوريان هوريان هو پنهنجي سوچ کي هڪ نقطي تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. سڀئي ميمبر پنهنجي پنهنجي پارٽي جي اڳواڻن سان ملاقات جي اوسيئڙي ۾ پنهنجي سيٽن تي ويٺا هئا. ميان نصير کي اسيمبلي جي سيٽ تي ويهندي جنهن خوشيءَ جو احساس ٿيڻ گهرجي ها، اهو هان ڪري جي شڪل اختيار ڪري رهيو هو. چوندن جي ڏينهن جون سرگرميون هُن جي دماغ ۾ خواب جيان گردش ڪري رهيون هيون... هو سوچي رهيو هو ته ڪيترا نه ڏکوئيندڙ ۽ ڪربناڪ منظر هئا. هر طرف نعري بازي، بينرز وال چاڪنگ جا منظر ۽ جيئي جيئي... آوي هي آوي ميان نصير اسان جو شينهن آهي.... وغيره وغيره.

نه ڏينهن ڏينهن هو نه رات رات هئي. نه صبح صبح هئي، نه شام شام هئي، نه اليڪشن آفيس وڃڻ جو وقت مقرر هو نه گهر وڃڻ جو وقت مقرر هو. صبح جو گهران نڪري هڪڙي پاسي وڃبو هو ته شام جو الائجي ڪٿان وڃي نڪربو هو. پئسي ڏوڪڙ جي ڏار بربادي ۽ ناڪامي جو سوچينا ي ئي ساهه ٻوساٽجندو محسوس ٿيندو هو.



Marfat.com

سامھون بيٺل اميدوار جي وڏن وڏن جلسن جون خبرون پڙهندي ئي پاڻي جو ڍڪ ئي نڙي کان هيٺ نہ لهندو هو. ڪڏهن هو ڳوٺن جي پيچرن تي پيو هلندو هو تہ ڪنهن مهل وري سوڙهن ۽ ڌوڙ هاڻن رستن تي. ڪٿي تيمارداريون تي ڪرڻيون پيون تہ ڪٿي ڇهہ ڇهہ مهينا ۽ سال سال پراڻيون تعزيتون.

پر وليمن ۽ شادين جي ڪاڄن ڪان سُنا موقعا ميسر اچڻ ممڪن ئي نہ هئا. اُتي تہ ڪيترين ئي غير متوقع ۽ خوشگوار ملاقاتون تي وينديون هيون. ڪهڙا نہ نظارا هئا. جن خواب حقيقت جو روپ وٺي چڪا هئا.

جن جو ڪو ڏنڊو ڏاڙي نہ هوندو هو يا واندا هوندا هئا، سي اچي منهنجي آفيس ۾ ديرو ڄمائيندا هئا. جڻ سندن پنهنجو گهر هجي. انهن ماڻهن تي آئون ڏاڍو حيران آهيان، جيڪي مون سان هٿ ملائي ايترو تہ خوش ٿيندا هئا، جڻ هنن ڪا ڪيپ ڪٽي هجي ۽ پوءِ هو ڪيترن ئي ڏينهن تائين پنهنجي يارن دوستن ۾ اهو ٻڌائيندي ٿڪبا ئي نہ هئا. ڪيترين ئي وڏين برادرين جا ماڻهو اسان جا حمايتي بنجي چڪا هئا. هو اسان جا حمايتي اسان جي ڪنهن ڪارڪردگيءَ جي ڪري نہ ٿيا هئا، پر هنن تہ پنهنجي حريف کي اسان جي مخالف اميدوار جي چونڊ مهم ۾ وڃڻ جو مزو چکائڻ تي چاهيو ۽ سيني ڪان وڌيڪ اليڪشن وارن ڏينهن ۾ برادرين جو پاڻ ۾ ڏڦيڙ اسان جي ڪم آيو.

پر منهنجي ڪاميابيءَ جي پويان جنهن شخص جو هٿ هو اها منير جي ذات هئي. منير بہ پنهنجي نالي جيان روشن ۽ منير شخص آهي.

هن کي بہ تہ ڪهڙو نہ ذهن ۽ دماغ مليو آهي. پهرين ئي ڏينهن ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو هٿ ۾ ڏيئي چيائين، "جيڪڏهن اوهين هن ۾ لکيل ڳالهيون ياد ڪري ڇڏيو تہ اوهان جو مخالف اميدوار اوهان کي ڪڏهن بہ شڪست ڏيئي نہ سگهندو."

ان ڪاڳر تي لکيل راز جن مصري اهرامن جون اڳڪٿيون هيون. جيڪي اڄ ڏينهن تائين سچ ثابت ٿيون آهن. ڪيس ايترو عقل ۽ سُڌ سمجهہ ڪٿان ملي، هن ننڍي وهيءَ ۾ اهڙا رازَ اهي بہ هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي، جن درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو هجي.

منهنجي چونڊ مهم جو پهريون ڪامياب عوامي جلسو ان ڪاڳر جي ٽڪري تي لکيل راز جي ڪري ٿي سگهيو. ان ڪاڳر تي لکيل لکت کي



Marfat.com

جڏهن مون پنهنجي تقرير جو حصو بنايو تہ اُتي موجود ماڻهن جي دلين ۾ منهنجي سچائي، حب الوطني ۽ علائقي سان گهري وابستگي جي ڌاڪ ويهي رهي.

اهو راز هي هو: ”دوستو! آئون ڪامياب ٿي اوهان جا لڙڪ اُگهندس، اوهان جن بي روزگار ٻارن کي وڏن عهدن تي آفيسر پرتي ڪرائيندس.“

مٿيان جملا پڏي پنڊال ۾ موجود هر عمر جو ماڻهو منهنجي هر جملي تي تاڙيون وڄائي رهيو هو.

پهرين جلسي جي ڪاميابي ڪانپوءِ منهنجي دل خوش هئي. ماڻهن مون کي علائقي جو درد رکندڙ اميدوار چئي ٽڪبا ٿي نہ هٿا. ڪيترين ئي برادرين ۽ شهري تنظيمن جي ماڻهن پنهنجن گهرن جي مٿان منهنجي پارٽيءَ جا جهنڊا هڻي ڇڏيا هئا.

ٻارن تي شرٽس تي منهنجي تصويرن وارا بيج ۽ اسٽيڪر هڻي ڇڏيا. جڏهن منهنجي جيت کي للڪاريو ويندو هو تہ چوڌول ٿيندو هو تہ هن ڪان وڌيڪ علائقي جو تعمير ۽ ترقيءَ جو جذبو ڪنهن ٻي اميدوار جي دل ۾ ٿي ئي نٿو سگهي.

مخالف اميدوار جڏهن پنهنجي ڪاميابيءَ جي لاءِ منهنجي ڪردار ڪشي جو سهارو ورتو هن ڪڏهن اقربا پروري، تہ ڪڏهن شراب نوشي تہ ڪڏهن وري عيش عشرت ۾ ٻڏو رهڻ جهڙا الزام هنيا. پر منهنجن حامين ايندڙ مرحلي جي لاءِ هڪ وڏي جلسي جي تياري مڪمل ڪري ورتي ۽ اهو جلسو منهنجي فتح کي يقيني بنائڻ جي لاءِ آخري معرڪو هو.

منير رات جو دير سان منهنجي گهر آيو. اتي موجود ماڻهن جو ميڙ دهل جي وڄت تي نچي ۽ تاڙيون وڄائي رهيو هو. منير منهنجي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪندي سڀاڻي جي جلسي جي لاءِ هدايتون ڏيڻ شروع ڪيون.

”ڇا آئون اهي سڀ وعدا پورا ڪري سگهندس؟“

جواب ۾ هن چيو ”سياست ۾ ڪرڻو ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي... سياست فقط هڪ سياسي خطاب جو نالو آهي. پنهنجو خطاب يقيني بڻائي ۽ ماڻهن کي ڳالهين سان قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر بعد ۾ فنڊ نہ ملڻ ۽ مخالف اميدوار پاران ڪمن ۾ رڪاوٽون وجهڻ جو بهانو ڪري پنج سال گذاري ڇڏج... ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر.“



Marfat.com

بي ڏينهن پنڊال سڄي ڇڪو هو ۽ وڏين وڏين برادرين ۽ تنظيمن منهنجي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو. ماڻهو پري پري کان ٽولين ۾ جلوسن جي صورت ۾ اچي رهيا هئا. وڏيون وڏيون قد ڪاٺ جون مالڪ شخصيتون بہ پنهنجون پارٽيون بدلائي اسان جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي چڪيون هيون. ماڻهو ڪين سياسي لوٽن جو خطاب ڏيئي رهيا هئا، پر ڪين پنهنجو آئيندو اسان جي پارٽي ۾ نظر اچي رهيو هو. هو پنهنجي اڳوڻي پارٽي جي قيادت تي الزامن جو مينهن وسائي، جواز جي لاءِ ماڻهن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

جلسي کي خطاب ڪندي مختلف برادرين جي چڱن مڙسن جذباتي انداز ۾ منهنجي مخالف اميدوار تي طنز جا تير هلايا ۽ ٽاٽن جي سياست جا الزام هڻي ڪين بيڄڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪاڳر جي ٽڪري تي لکيل لکت مون کي زباني ياد هئي. پنهنجي واري اچڻ تي آئون اسٽيج تي موجود ڊائس جي پويان اچي بيٺس. منهنجي تقرير کان اڳ منهنجي پارٽي، منهنجي ذات جي حوالي سان ايمانداري ۽ ديانتداري جا زوردار نعرا هنيا ويا.

مون مائيڪ کي هٿ ۾ جهليو ۽ هڪ هڪ ڪاغذي هدايت تي ماڻهن جي ضميرن کي لوڏي ڇڏيم. "اوهين آزمايل ماڻهن کي ٻيهر نہ آزمايو پنهنجي هن خادم کي هڪ ڀيرو موقعو ڏيو." پوءِ ڇا هو مون علائقي جي بنيادي هيلٿ سينٽرن، سرڪاري اسپتالن جي بهتري ۽ اتي موجود ڊاڪٽرن جو قبلو درست ڪرڻ جي هامَ هڻندي زوردار لفظن ۾ اسڪول، ڪاليجن جي چوديواري، خاص ڪري گرلس اسڪول جي چوديواري ۽ گرلس اسڪولن کي هائر سيڪنڊري اسڪول جو درجو ڏيارڻ، علائقي ۾ يونيورسٽيءَ جي قيام، بجلي ۽ گئس جي رٿائن جو اعلان ڪيو. پنڊال بار بار تاڙين جي آواز تي ٻُرائجي ٿي ويو.

منير جي هدايت تي مون هر برادريءَ جي سرگرم اڳواڻن جا نالا وٺي سندن ٿورا مڃيا ۽ پاڻ کي سندن نوڪر ۽ ٻانهون چيم. پنهنجي سادگي جو ذڪر ڪيم ۽ سندن رهنمائي ۽ هدايتن جي مهرباني مڃيم. ۽ مون هر گهڙي انهن سان صلاح مشورو ڪري پنهنجو سياسي سفر جاري رکڻ جو ذڪر ڪيو. بس پوءِ ڇا هو. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ ٿيندڙ چونڊ کٽڻ منهنجي



Marfat.com

لاءِ يقيني هئي. پر پوءِ بہ بي يقينيءَ جي ڊيڄاريندڙ ديوي منهنجي مٿان ڇانيل رهندي هئي. اليڪشن جا ڪيترائي مرحلا ڪنهن حد تائين سهپ جوڳا هئا، پر ننڍين ننڍين اڏن تي مکين جي ڀڻ ڀڻ ۾ ڇپر وارين هوٽلن ۾ ويهي ڪنين پيالين ۾ چانهہ پيئڻ ۽ ميرن سيرن ٽانون ۾ رکيل مانين مان گرهہ ڀڃي کائڻ ڏاڍو ڏکيو مرحلو هو. ڪنهن قيد ۾ هئڻ جيان!

چانهہ جي پيالن تي ڀڻ ڀڻ ڪندڙ مکين کي هر هر هٿ سان اُڏائڻ ۽ چانهہ جون سرڪيون ڀري اڌ پيالي اتي ڇڏي ڀڄڻ ۽ ڏيهاڙي وارن مزدورن جي چاپلوسي ڪرڻ، ووٽ گهرڻ ۽ ڪين فرمانبرداريءَ جي پڪ ڏيارڻ، مٽي هاڻن ۽ ميرا ڪپڙا پاتل مزدورن کي گلي لڳائي ملڻ ڪنهن خواب جي تعبير کان گهٽ نہ هو.

شروع کان وٺي آخر تائين عجيب قسم جي منافقت ائين گڏ هلي رهي هئي. جيئن بدن روح کي گڏ ڪٺي هلندو آهي. انهن خباثتن ۽ منافقاڻين مصروفيتن جو نوحو رات جو بستري تي ليٽڻ مهل پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هئس تہ ٿڪل هئڻ سبب سمهي پوندو هئس. رات ائين گذرندي هئي، ڄڻ بس اِجهو سُتو هئس. جاڳندي ئي ٻي ڏينهن جي معرڪي لاءِ اٿي کڙو ٿيو هو. ان ڏينهن ۽ رات جي هڻ وٺ ۽ ڀڄ ڊڪ سبب شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ جا ماڻهو اسان جي ڪاميابي جا ڳڻ ڳائي رهيا هئا. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ آئون قومي اسيمبلي جي هن هال ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو آهيان.

اوچتو هن ڪنڌ کي جهٽڪو ڏنو تہ اسيمبلي هال ۾ قومي اسيمبلي جو ٽيندڙ پهريون اجلاس پُڄاڻيءَ تي پهچڻ وارو هو. اسيمبلي ميمبر واپسيءَ جي تياري ڪري رهيا هئا. جيئن تہ سڀ ميمبر وڏو معرڪو سر ڪري هتي پهتا هئا. تنهنڪري هو سينو تاڻي، وڏي غرور واري چال مان هلي رهيا هئا ۽ دلين ۾ ائين هئن ڄڻ ڪين زميني جنت ملي ويئي هجي.

اجلاس ختم ٿيو تہ ڪجهہ همراهہ اسيمبلي ڪيفي ٽيريا ۾ وڃي چانهہ جون چسڪيون وٺي رهيا هئا تہ ڪي وري گاڏي جي هنڌ جي وڏين وڏين هوٽلن ۽ ريسٽورينٽس ۾ هليا ويا.

خوشقسمتيءَ سان ميان نصير جي پارٽي اقتدار ۾ اچي چڪي هئي. ڪجهہ وقت کانپوءِ ميان نصير گاڏي جي هنڌ ۾ ئي رهائش اختيار ڪري ورتي ۽ منير کي پنهنجو ذاتي سيڪريٽري مقرر ڪيو.



Marfat.com

"منير يار! هي منهنجي پهرين ۽ آخري اليڪشن هئي."
"ڪيئن سائين!"
"يار! هي منهنجي وس جو ڪم ڪونهي."
"هتي جيڪو بہ ايندو آهي، ان جي واپسي گهر جي بدران ٻي پارٽي ۾ هوندي آهي." منير ٿهڪ ڏيندي وراڻيو.

نصير ميان چپن ئي چپن ۾ هلڪي مايوس ڪندڙ مُرڪ سان خاموشي اختيار ڪري ورتي.

هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي علائقي مان بہ ڦيرو ڏيئي ايندو هو. ووٽر اڪثر هن جي گهر ملاقات جي لاءِ ايندا هئا تہ اتي موجود نوڪر چاڪر چانهہ بسڪوٽ ۽ شربت سان سندن خدمت ڪري، ڪين ميان نصير سان ملائڻ جي بدران ضروري ۽ اهم گڏجاڻيءَ جو چئي ڪين چلتو ڪري ڇڏيندا هئا.

هاڻ ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي مخالف اميدوار جي ووٽرن ۽ پنهنجي حمايتين جي جهيڙي جي صورت ۾ پنهنجن حمايتين جي لاءِ ٿاڻي تي فون بہ ڪري ڇڏيندو هو. صفا ڳچيءَ ۾ پوندڙ شخص جي چوڻ تي ڪنهن غريب جي ٻار جي نوڪريءَ لاءِ درخواست تي صحيح وجهي واسطيدار کاتي ڏانهن موڪلي ڇڏيندو هو ۽ پوءِ اتي فون ڪري سمجهائي ڇڏيندو هو تہ ڪين چئجو تہ جاءِ خالي ٿيندي ئي ڪيس پرتي ڪيو ويندو.

پنجن سالن ۾ حڪومت مخالف نعري بازي، بجلي، گئس ۽ پاڻي جي بحران، دهشتگردي، مدرسن جي خلاف پاليسين ۽ ڪمزور معاشي رٿابنديءَ سبب ميان نصير ايندڙ چونڊن ۾ پنهنجي نہ کٽڻ جو خطرو محسوس ڪندي، پنهنجي اليڪشن جا خرچ حڪومت طرفان ملندڙ فندن مان پورا ڪري ورتا هئا.

"هاڻ پارٽي بدلائڻ ضروري آهي." منير چيو.
"ڇو...؟"
"تہ جيئن اسان جو مستقبل اونداهو نہ ٿئي" ملڪي سياست ۾ روشن مستقبل پارٽي بدلائڻ سان مشروط آهي." منير هن کي ڏسندي وراڻيو.

هاڻ ميان نصير جي ذهن ۾ سياست جو چسڪو ويهي رهيو هو ۽ هاڻ هو ايندڙ چونڊن ۾ پارٽي بدلائڻ جو سوچي رهيو هو.

مقبول عوامي پارٽي بہ سندس حيثيت کي مڃي چڪي هئي. چونڊن



Marfat.com

ڪان اڳ هن ان عوامي مقبوليت رکندڙ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي.

چونڊن جي شيڊول جو اعلان ٿي چڪو هو. چونڊ مهم زورن تي هئي. نئين سياسي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي باوجود بہ هن جي منهن مان مايوسي جا ڪي بہ آثار نظر نہ پئي آيا.

جلسي جي لاءِ پنڊال لڳي چڪو هو. ماڻهو ٽولين جي صورت ۾ جلسي ۾ اچي رهيا هئا. هو پُرجوش ۽ پراميد هو. هن پنهنجي تقرير ۾ پنهنجي اڳوڻي پارٽي تي ڪرپشن، پنهنجا نوازڻ ۽ فنڊن جي ناانصافي واري ۽ غير قانوني ورڇ جي الزامن جي بوڇاڙ ڪري ڏني. اهڙين تقريرن جي ڪري هو هڪ ڀيرو ٻيهر ماڻهن ۾ مقبول ٿيڻ لڳو. ماڻهن سندس بي وسي ۽ لاچاري کي مڃي ڪيس علائقي جي پسماندگي جو ذميدار قرار ڏيڻ جي بدران الزام سندس اڳوڻي پارٽيءَ تي مڙهيو. ٻي ڏينهن سندس تقرير وڏين سرخين سان اخبارن ۾ ڇپي ۽ تجزيي نگارن جي تجزين ۽ ڪالمن جي ڏيان جو مرڪز رهيو.

ميان نصير چونڊون کٽي هڪ ڀيرو ٻيهر اسيمبليءَ ۾ پهچي چڪو هو. هن جون دلي حسرتون ۽ خواهشون هڪ ڀيرو ٻيهر پروان چڙهڻ لڳيون. هن پنهنجي باقي رهيل کهيل "خواهشن جي پورائي لاءِ پنهنجي تڪ جي ترقي لاءِ ملندڙ فنڊن کي ٽورو گهڻو استعمال ڪري، ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل بنجي چڪو هو.

"ميان نصير اوهان پارٽي ڇو بدلائي؟" ماڻهو پڇندا هئس.

"منهنجي اڳوڻي پارٽيءَ اقربا پروريءَ جا رڪارڊ ٽوري ڇڏيا هئا. حڪومتي خزاني کي دل کولي لٽيو هو. اسين کين عدالت جي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو ڪنداسين." ميان نصير پرجوش جواب ڏنو.

ڪجهہ وقت کان ملڪ جي صدر اسيمبليون ٽوري ڇڏيون ۽ نين چونڊن جو اعلان ڪيو ويو.

هن ڀيري سندس پارٽي تي آمريڪي وفاداريءَ جا الزام لڳا ۽ ان حوالي سان اخبارن ۾ خبرون ۽ تجزيا ڇپيا.

اليڪٽرانڪس ميڊيا ۾ هن جي پارٽيءَ کي سڏن سنون پروگرامن ۾ بحث ۽ مباحثي ۾ خوار ٿيڻو پيو. هوريان هوريان عوامي ذهن بدتر جو شڪار ٿيڻ لڳا ۽ هاڻ عوام جون نظرون ڪنهن ٻي سياسي پارٽي تي ڪتيون، جنهن جي ملڪ جون واڳون سنڀالڻ جو چوپول ٿيڻ لڳو. هاڻ هو ان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو سوچڻ لڳو. ملڪي سياست جي فضا مڪمل طور تي بدلجي



Marfat.com

چڪي هئي. سياسي پارٽين کي هاڻ گهٽين ۽ پاڙن جي رستن جي تعمير، اسپتالن ۽ ڪاليجن جي اڏاوت لاءِ ڪروڙين روپين جا فنڊ ڏيڻ ۽ عملي طور تي فنڊ خرچڻ جي باوجود به ووٽ ملندا نظر نه پي آيا.

هن هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي سياسي پارٽي کي ڇڏي ڏنو ۽ مشهور محب وطن ۽ آمريڪا مخالف نعرا هڻندڙ سياسي پارٽي جي ڪڇ ۾ پناهه ورتي. چونڊن جا ڏينهن ويجها هئا. پنڊال هڪ ڀيرو ٻيهر لڳي چڪو هو. حد نظر تائين ماڻهن جو ميڙ ڪنو تي چڪو هو. ماڻهو پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي جلسي گاهه ۾ ائين اچي مڙيا هئا، ڄڻ ڪين هتي اچڻ جي مزدوري ڏني ويئي هجي.

هن جلسي گاه جي پهرين قطار ۾ علائقائي پريس ڪلب جي سينيئر صحافين جي لاءِ خالي ڪرسيون رکرايون هيون. پر ان ڏينهن هڪ به صحافي جلسي گاهه ۾ نه آيو هو. ميان نصير پنهنجي تقرير ۾ پنهنجي مد مقابل اميدوار ۽ پنهنجي اڳوڻي پارٽيءَ تي دل کولي ڇوهه ڇنڊيا. عوام جي لاءِ تعميراتي ڪمن جا وعدا ورجايا. پر ڪيس ٻي ڏينهن اهو سڀ اخبارن ۾ نه اچڻ جو خدشو هو. هن چاهيو ٿي ته اخبارون ڪيس هڪ ڀيرو ٻيهر ڀرپور ڪوريج ڏين.

”يار منير هاڻ ڇا ٿيندو؟“ ميان نصير پريشاني مان چيو.

”اوهين اُلڪو نه ڪريو... آئون پريس ڪلب فون ٿو ڪريان.“ منير وراڻيو.

منير ٿوري دير فون ملائيندو رهيو.“ ٿون بزي آهي... شايد فون خراب آهي“

ٻي ڏينهن هن جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن اخبارن جي پهرين صفحي تي سندس لفظ بلفظ تقرير ڇپي. اخبارن جون سرخيون ڏسي هن منير کي مخاطب ٿي چيو.

”يار منير صحافين کي غيب جو علم هوندو آهي ڇا؟ هنن ته منهنجي تقرير جو هر جملو جلسي گاهه ۾ نه هئڻ جي باوجود به ڇپي ڇڏيو آهي.

منير کلندي وراڻيو ”ميان نصير صاحب!... هيءَ اها ئي تقرير آهي، جيڪا اوهين هر ڀيري پارٽي بدلائڻ مهل سامهون بيٺل اميدوار ۽ پنهنجي اڳوڻي پارٽيءَ جي خلاف ڪندا آهيو ۽ عوام کي دلاسا ۽ آسرا ڏيندا آهيو. اهي خبرون چار پنج سال اڳ اخبارن ۾ ڇپجي چڪيون آهن.

هو ان ذلت جي ڪيفيت کي محسوس ڪندي، پنهنجي هٿ جي آڱرين جي پورن کي ڪنهندي، هڪ ڀيرو ٻيهر سياست جي مونجهارن ۾ گم ٿي ويو.



Marfat.com

# وضو فرض

Marfat.com

Marfat.com

رات جي پهرينءَ ۽ پوئينءَ پهر ۾ سمهڻ دوران اوچتو راشد جي اک کلي

تي ويئي. هن هر پيري پنهنجي سري کان رکيل موبائل تي وقت تي ڏٺو ۽ پيهر اکيون ٻوتي تي ڇڏيائين ۽ سُمهڻ جي ڪوشش تي ڪيائين. ڪيس اهو ڪتڪو هو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ صبح جو دير سان جاڳ ٿيڻ سبب فارم جمع ڪرائڻ ۾ دير نہ ٿي وڃي. هو فجر جي بانگ سان گڏ ئي اُٿي وينو ۽ ريموٽ سان ايئرڪنڊيشنڊ بند ڪري فجر جي نماز پڙهڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ واش روم هليو ويو. وضو ڪري موٽي هن پنهنجي زال کي سڏيو "رقيہ... او رقيہ... هاڻ سجاڳ ٿي... فجر جي نماز ۾ بنھ ٿورو وقت اچي بچيو آهي... اٿي نماز پڙھ... ۽ پوءِ منهنجي لاءِ ناشتو تيار ڪر... مونکي اڄ حج جي لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ جي لاءِ آفيس وڃڻو آهي... سفر بہ ٻن ڪلاڪن جو آهي."

ٻاهر تيز هوا ۽ طوفان سبب دروازا ۽ دريون زور زور سان پاڻ ۾ ٽڪرائجي رهيا هئا ۽ هوا جي شور سبب سيٽي جهڙا آواز پيدا ٿي رهيا هئا.

رقيہ اٿي دريءَ جا پردا هٽائي ٻاهر ڏٺو تہ هوا جي تيز جهونڪن سبب وڻ بہ جهڪي رهيا هئا.

"اوهين مسجد پيا وڃو ڇا؟"

"نہ! ٻاهر مينهن جي مُنڌ آهي... گهر ۾ ئي نماز پڙهان ٿو."

راشد لائونج ۾ مصلو وڇائي نماز پڙهي ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ لڳو. ٿوري دير ڪانپوءِ رقيہ بہ پاسي ۾ مصلو وڇائي نماز پڙهي، ناشتو ناهڻ جي لاءِ رڌڻي ۾ هلي ويئي. راشد بہ قرآن کي چمي پنهنجي اکين سان لڳايو ۽ پوءِ ان تي اُڪيچاٽي ويڙهي الماڙيءَ ۾ رکي ڊائننگ ٽيبل جي سامهون ناشتي جي انتظار ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.



Marfat.com

درين جي جهروڪن ۽ دروازن جي هينان گذرندڙ هوا جي جهونڪن سبب پيدا ٿيندڙ شور ڊپ جهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. هوا جي زوزاٽن مان ائين پئي محسوس ٿيو ته ڪو اڪيلو شخص ٻيلي مان لنگهي رهيو آهي ۽ چوڌس وڻن جي پٽن ۽ ٽارين جي ٽڪرڻ سبب سنساهٽ پيدا ٿي رهي هئي.

ٻيئي زال مڙس، ٻارڙن جي جاڳي وڃڻ جي ڊپ سبب پاڻ ۾ صفا آهستي ڳالهائي رهيا هئا. رقيه رڌڻي ۾ ٿانوَ نهايت آهستي آهستي رکي رهي هئي. هن رڌڻي مان سڏ ڪري پنکو تيز ڪرڻ جي لاءِ چيو ته متان شهروز جاڳي نه پوي. ايتري ۾ ٻارڙي جي روئڻ جو آواز آيو. راشد ڪمري ڏانهن ڊوڙيو. هي ٻارڙي ڪي الله هو... الله هو جي لولي ڏيئي ٿڦڪي ڏيئي سمهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر ٻارڙي جون نظرون ماءُ کي ڳولهڻ لڳيون. هو نظرون هيڏانهن هوڏانهن گهمائي وري روئڻ لڳو.

”رقيه فيڊر ته کڻي اچ... هي ته ماٺ ئي نٿو ڪري“

”نيٺ ٻه ته پُٽ ڪنهن جو آهي“ رقيه، فيڊر راشد جي هٿ ۾ ڏيندي چيو. ٻارڙي ماءُ کي ڏسندي ئي روئڻ بند ڪري ڇڏيو. راشد ٻارڙي کي فيڊر سان کير پيارڻ لڳو ۽ هاڻ هو اڪيون ٻوٽي فيڊر پيئڻ لڳو ۽ راشد آرام ۽ احتياط سان اُٿي بيهر ڊائننگ ٽيبل جي پرسان رکيل ڪرسيءَ تي ٿي وينو.

”بيگم... ناشتو کڻي اچ!... جلدي.. ٻاهر موسم ڏاڍي خراب آهي... گوڙ ٻه پيو ٿئي... آئون جلدي وڃڻ ٿو چاهيان... ڪٿي ائين نه ٿئي ته حج جو فارم جمع ڪرڻ ۾ دير نه ٿي وڃي.“

ايتري ۾ رقيه ٽيبل تي ناشتو رکندي چيو ”هي ونو سرڪار... ناشتو حاضر آهي“ گهڙي کن ترسي چيائين، ”مون کي ٻه ساڻ وٺيو هلو ها ته آئون ٻه الله جي گهر جو ديدار ڪري اچان ها... منهنجي حسرت ٻه پوري ٿي وڃي ها... خير منهنجا اهڙا ڀاڳ ڪٿي!“ اهو چئي رقيه ٿڌو ساهه ڀري ڪولر مان پاڻي کڻڻ جي لاءِ رڌڻي ۾ هلي ويئي.

ناشتو ڪندي رقيه جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا.

”شهروز ننڍو نه هجي ها ته توکي ٻه وٺيو هلان ها. في الحال ته مون وٽ اهي ئي پئسا آهن... سوچيم حج جو فرض ادا ڪري اچان!“ راشد ڪيس



Marfat.com

دلداري ڏيندي چيو ”چوندا ڪين آهن تہ... وقت پيري گرگ ظالم شود پرهيزگار.“

”ان جو مطلب ڇا ٿيو“ رقيہ راشد ڏانهن ڏسندي چيو.

”ان جو مطلب اهو ٿيو تہ پيريءَ ۾ تہ بگھڙ بہ شڪار ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي... الله کي جوانن جي عبادت پسند آهي.“

تيز هوا سبب دروازن ۽ دريِن جي پاڻ ۾ ٽڪرجڻ جي آوازن سبب ائين پي محسوس ٿيو جڻ ڪو لڳاتار دروازو کڙڪائي رهيو آهي. رقيہ چانهہ جو ڪوپ ميز تي رکندي چيو.

”ٻاهر ڪو دروازو پيو کڙڪائي ڇا؟“

”نہ ڪڪرن جي گُڙڻ جو سور آهي.“

”تون ٻاهر وڃي ڏسين چو نٿو.“

”هي گڙڻ وارا وسندا گهٽ آهن... خبر ڪونهي بس اسٽاپ تان گاڏي ملندي بہ ڪي نہ...“ راشد چانهہ جي سرڪي ڀريندي چيو.

ناشتو ڪري راشد ڪپڙا بدلايا ۽ بوٽ پاتائين. پاسپورٽ، شناختي ڪارڊ ۽ گهربل ڪاغذ کيسي ۾ رکندي جلدي پرفيوم جي شيشي کڻي بغلن جي هيٺان ۽ سيني تي اسپري ڪيائين ۽ پوءِ ڪمري مان ٻاهر نڪتو.

هن ڌيمي آواز ۾ لبيڪ... اللهم لبيڪ چوندي، رقيہ کي چيو ”بيگم! دروازو بند ڪر... آئون هاڻ وڃان پيو.“

راشد جيئن ئي دالان جو دروازو کوليو. ٻاهر تيز طوفان سان گڏ بوندا باندي شروع ٿي وئي.

هن ڪنڌ ورائيندي سڏ ڪيو ”بيگم... بيگم... اڙي رقيہ ڪٿي آهين؟ ٻڌ تہ سهي... شهروز جو خيال رکج... آئون شام تائين موٽي ايندس.“... هو خود ڪلامي ڪندي چوڻ لڳو ”حج وڏو فرض آهي... اهو ادا ٿي وڃي تہ انسان جا سڀ گناهہ ڌوپجي وڃن ٿا... ڪاش آئون گناهہ گار الله جي گهر جي طواف لاءِ منظور ڪيو وڃان.“ هو ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ دروازي تي پهتو تہ دروازي کڙڪڻ جو آواز آيو.

هن دروازو کوليو تہ ٻاهر هڪ پوڙهي مائي بيٺي هئي. هن جو چهرو مُرجهايل هو. هن ڏڪندي پنهنجا ڪمزور ۽ ڏبرا هٿ راشد جي اڳيان وڌايا.



Marfat.com

اهو چئي هو ڪيس ٻانهن مان جهلي اندر وٺي آيو.

”رقيہ! هي اسان جو استاد فيروز دين آهي...“ هن ڪيس بينڪ ۾ ويهاريندي بيگم کي چانهہ ڪٽي اچڻ جي لاءِ چيو.

”سائين! ناشتو ڪيو اٿوَ؟“ راشد چيو.

”هائو پُٽ! آئون ناشتو ڪري آيو آهيان. منهنجي ناشتي جو فڪر نہ ڪر.“ هو پنهنجي استاد کي پاڻ وٽ اچڻ، پاڻ لاءِ خير ۽ برڪت جو سوڻ سمجهندي خوش ٿيڻ لڳو. اسڪول واري زماني ۾ استاد صاحب جي ڪيل نصيحتن ۽ پرائمري اسڪول جون ساروٽيون سارينديءَ هو مرڪڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ”سائين! اهي بہ ڪهڙا نہ سٺا ڏينهن هئا. جڏهن اسڪول جي تڏن ۽ ٽوئنٽرين تي ويهي پڙهندا هئاسين.“ هو ڪجھ دير تائين هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ ماضي جون ساروٽيون ساريندو ڪنهن مهل کليو ٿي تہ ڪنهن مهل خاموش ٿي ويو ٿي.

”اوهان جو رعب ئي اهڙو هو جو ٻارن جو اصل ساهہ پيو نڪرندو هو. اسڪول جا استاد بہ اوهان جي قابليت جا قائل هئا.“

ائين ڪجھ دير ڳالهيون ڪندي پوءِ ڪجھ ياد ڪندي پڇيائين. ”ها، سائين! ياد آيم اوهان جي نياڻي ڪيئن آهي... ان وقت صفا ننڍي هئي... جڏهن اسان پرائمري پاس ڪري مدل اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي.“

”پُٽ! سلميٰ هاڻ جوان آهي. ڪجھ ڏينهن کانپوءِ سندس شادي آهي... ڏاڍو پريشان آهيان... ان سلسلي ۾ ڳوليندي پڇائون ڪندي تو وٽ آيو آهيان... مالي حالت ڏاڍي خراب اٿم. پينشن مان مڙيئي گهر جو گاڏو پيو هلي، غربت سبب ويجهن مٽن مائٽن ۽ يائرن بہ ڏيڻ جو رشتو نڪرائي ڇڏيو. سلمي! ايم.ايس.سي. جو امتحان پاس ڪيو آهي.“

ائين چئي استاد ٿوري دير چپ ٿي ويو ۽ پوءِ وري چوڻ لڳو ”برادري کان ٻاهر هڪ هندُ مائٽي ڪئي اٿئون... جنهن کي بہ سال گذري ويا آهن. هو هاڻ شادي لاءِ مجبور پيا ڪن پر ڏاج جو ڪو بلو نہ پيو ٿئي. قرض ڪٽي ڪيترو ئي سامان ورتو اٿم. اجا، ڪيتريون ئي شيون وٺيون آهن... باقي مهنگائي جي هن دور ۾ بن ويلن جي ماني بہ عزت سان نصيب ٿئي تہ غنيمت آهي.“ ماستر فيروز دين ٿڌو ساهہ ڪڍندي چيو.



Marfat.com

ايتري ۾ رقيہ چانهہ، بسڪوٽ ۽ ڪيڪ ميز تي رکيا. چانهہ پيئندي پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي راشد پُڇيو.

"سائين! اوهان کي ڪيتري رقم گهربل آهي."

"پُٽ! مون کي جيڪڏهن هڪ لک روپيا ڪٿان ملي وڃن تہ آئون جلد واپس موٽائڻ جي ڪوشش ڪندس. ٻُڌو اٿم تہ تون حج تي پيو وڃي... پر ڪنهن ضرورتمند جي مدد ڪرڻ سڀ کان وڏو فرض آهي." ڳالهہ ڪندي ماستر فيروزدين جو آواز ڏڪڻ لڳو ۽ پوءِ هن پنهنجي اڇي پڳ جي لڙڪيل سري سان پنهنجون اکيون اگهندي راشد ۾ جوڙهنس ڏانهن التجا وارين نظرن سان ڏٺو.

ماستر صاحب جي لهجي ۾ منٿ، اکين ۾ ڳوڙها هئا، جيڪي ڳڙي سندس اڇي ڏاڙهي کي پيجائي رهيا هئا.

هن پنهنجي لٺ هڪ پاسي رکي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ گوڏن تي رکي صوفي سيٽ جو سهارو وٺي اُٿي بيٺو ۽ راشد ۽ سندس زال جي اڳيان هٿ ٻڌي منٿ ڪرڻ لڳو. هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا ۽ هن چوڻ شروع ڪيو "پُٽ خدا ۽ رسول جو مُهابو اٿئي... مون کي مايوس متان ڪرين... منهنجي عزت جو سوال آهي."

هن پنهنجي ڏاڙهي جي وارن کي کابي هٿ جي آڱرين سان جهلي چيو "هنن اڇن وارن جي عزت رکج... ائين سمجهہ تہ تنهنجو پيءُ تنهنجي اڳيان هٿ ٻڌيو بيٺو آهي. خدا جو سُنهن تہ آئون اها رقم هڪ سال جي اندر توکي واپس ڪري ڇڏيندس."

اهو ٻڌي راشد جي دل خدا جي خوف سبب ڏڪڻ لڳي.

هن پاسپورٽ ۽ ڪاغذ الماڙي ۾ رکندي، اتان هڪ لک روپيا ڪڍي ماستر فيروزدين جي هٿ ۾ ڏنا.

رقيہ کيس آڏي اک سان ڏسندر رهي. هن ڏانهنس ڏسندي چيو "شهروز تورو وڏو ٿئي تہ ايندڙ سال پاڻ ٻيئي گڏجي حج تي هلنداسين."



Marfat.com

# مسجد

Marfat.com

Marfat.com

حي علي الصلواه، حي الصلواه... الله اڪبر... الله اڪبر جون صدائون فضا ۾ گونجي رهيون هيون. بانگي جي سُريلي آواز فضا ۾ اڏار ڪندڙ پکين جي اُڏار جي جوش ۾ ٻه هڪ هيجاني ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي هئي. ابابيلون ۽ جهرڪيون مسجد جي مينارن جي ساڄي ۽ کاٻي پولينڊيون اڏري رهيون هيون.

بهار جي خوبصورت منجهند هئي. اُس ۾ گرمي جي سختي هئي ۽ نه سيءَ جي شدت هئي ۽ هو جڏهن پهريون ڀيرو پنهنجي پيءُ سان گڏ پاڙي جي مسجد ۾ داخل ٿيو ته مسجد جي اڱڻ ۾ وڇايل درين تي وينل ڳوناٺن مان ڪي اُس سيڪڻ سان گڏ امام صاحب جي وعظ جي اوسيئڙي ۾ هئي ته ڪي سنتون پڙهي رهيا هئا.

ان کان اڳ ڪيس مسجد جي اندرين پر رونق ماحول جو اندازو نه هو. هو اڪثر مسجد جي ٻاهران ئي لنگهي ويندو هو. ڪڏهن دوستن سان کيڏندي مسجد ۾ دروازي سان لڳ وضوءَ جي لاءِ لڳل ٽونٽين مان ٻڪ پاڻي جا ڀري پنهنجي اُڃ لاهيندو هو ۽ پوءِ هليو ويندو هو. پر ان ڏينهن ڪيس ان ڳالهه جي خوشي هئي ته هو نماز پڙهڻ جي لاءِ آيو هو.

ڪيس مسجد ۾ ماڻهن جو هڪٻئي جي پويان اچڻ ڏاڍو سٺو لڳي رهيو هو. ڏسندي ئي ڏسندي مسجد جو اڱڻ ۽ مسجد جي مٿين منزل، ايتريقدر جو مسجد جي ڇت تي به ماڻهن جون صفون ٻڌجي ويون. اهو جمعي جو ڏينهن ۽ رمضان شريف جو پهريون ڏهو هو. مسجد جي اڏاوت به ڏاڍي سهڻي ٿيل هئي ۽ اندرينءَ حصي ۾ سفيد ماربل جي سيلن تي ڪاري رنگ جون اُڀريل آيتون هر نمازيءَ جي لاءِ روحاني سڪون جو سبب هيون.

هن مسجد جو مولوي پنهنجي شعله بيانيءَ جي ڪري گهڻو مشهور هو. هو وعظ جي دوران هڪ مضبوط ڏنڊو جيڪو ڪنهن ماهر واڍي ڏاڍي محنت سان جوڙيو هو پنهنجي هٿ ۾ ڪٺي بار بار هوا ۾ لهرائي ۽ پوءِ فرش



Marfat.com

تي هٽندو ٻين فرقن جي عالمن کي للڪاريندو ۽ پنهنجي تقرير جي تصديق جي لاءِ وڏي واڪي قرآن ۽ حديث جا حوالا ڏيندو هو. جنهن تي ٻڌندڙن جو وڏو تعداد نعرن سان گڏ هٿ مٿي کڻي روايتي انداز ۾ ماشاالله ۽ سبحان الله ڪندو رهندو هو.

نمازي تمام وڏي تعداد ۾ جمع جي ڏينهن صبح جو سوير ئي پري پري جي ڳوٺن ۽ آسپاس کان گڏ ٿيڻ شروع ٿيندا هئا. امام صاحب کي مسجد جي لاءِ ماڻهن ڪيترائي لائوڊ اسپيڪر عطئي طور ڏنا هئا. جيڪي مسجد جي چئني ڏسائن جي مينارن تي لڳل هئا. اهي لائوڊ اسپيڪر ايتري تي گهٽي انگ ۾ لڳايا ويا هئا، جو ايتري ئي وڏي انگ ۾ پکي انهن ۾ پنهنجا آکيرا ناهيندي نظر ايندا هئا. هر لائوڊ اسپيڪر مان سُڪل ڪک ۽ ڪانا لڙڪي رهيا هئا.

پر جمع جي ڏينهن پکين کي مجال ئي نہ ٿيندي هئي تہ هو انهن آکيرن ۾ وهي سگهن. هو مولوي جي سڄي واعظ دوران اٿجاتل ڏپ، پرسرور گهڙين يا پرڪيف ڪيفيت ۾ اڏار ڪندا رهندا هئا. سندس پيءُ کي ان مسجد ۾ نماز پڙهندي اڌ صدي اچي تي هئي. سندس پيءُ ان مولوي صاحب جو گهڻو عقيدتمند هو. سندس چوڻ هو تہ مولوي صاحب جي پيءُ جي تقرير ٻڌڻ جي لاءِ تہ ماڻهو پاڙيسري ملڪن هندستان ۽ چين مان بہ ايندا هئا ۽ ان جي جلال جو اهو عالم هو جو ڪيترا ڀيرا تقرير جي دوران اسپيڪر آواز جو جلال نہ سهي ڦاٽي پيا هئا.

عبدالله روزانو مسجد جي مولوي صاحب جون تعريفون ٻُڌي ۽ ان جي قابليت جو قائل ٿيندو ويو. ڪجھ وقت کانپوءِ هو مسجد ڪميٽيءَ جو ميمبر بہ بنجي ويو هو ڪميٽي جو سڀ کان ننڍي وهيءَ جو ميمبر هئڻ سان گڏ سمجهدار ۽ ديانتدار بہ سمجهيو وڃڻ لڳو. ان وچ ۾ هن مئٽرڪ پاس ڪري ورتي ۽ پري واري شهر جي ڪاليج ۾ داخلا بہ وٺي لاٿائين.

هڪ ڏينهن هن پنهنجي ڪاليجي دوست سان ڪچهري ڪندي ڪيس چيو تہ تون ڪڏهن اسان جي پاڙي جي مسجد ۾ جمع جي نماز پڙهڻ اچ ۽ اچي ڏس تہ اسان جو مولوي صاحب ڪهڙي نہ ڏيا واري شخصيت وارو آهي ۽ سندس جلال ۽ وعظ ٻُڌڻ جي لاءِ ماڻهو ڏورانهن هنڌن تان ڪهي ايندا آهن. هو هر فرقي جي عالمن کي للڪاريندو آهي. تون بہ هڪ ڀيرو سندس وعظ ٻڌڻ ضرور اچ.



Marfat.com

دوست وراڻيس، "اسان جي مسجد جو امام صاحب به وڏي علم وارو آهي. پهرين تون اسان جي مسجد ۾ اچ."

پنهنجي دوست ناصر جي ضد ۽ زور ڀرڻ تي عبدالله هن جي پاڙي جي مسجد ۾ وڃڻ تي مجبور ٿي پيو.

هو جڏهن ان پاڙي جي مسجد ۾ پهتو ته نمازين جون اکيون مٿس کُپي ويون. عبدالله هڪ مخصوص مذهبي گروهه جي سڃاڻپ جي رنگ ۾ رڱيل هو. سندس پڳڙي، ڪپڙا ۽ ڏاڙهي جو اسٽائل به اتي جي نمازين جي پڳڙين ۽ ڪپڙن جي ڊزائين کان ڌار هو. ان مسجد جي امام صاحب تقرير جي دوران ڪنهن ڪنهن مهل وڏي آواز ۾ باقي ڌيمي لهجي ۾ خطاب تي ڪيو. اهو سُست ۽ ڪاهلي وارو انداز کيس پاڻ ڏانهن متوجه نه ڪري سگهيو. هو پنهنجي مسلڪ جي حق ۾ دليل ڏيئي رهيو هو ۽ فرقن جا تفصيل ٻڌائي رهيو هو ته ڪل ٽيهتر فرقا ٿيندا. جن مان رڳو هڪ جنتي آهي ۽ اهو جنتي اسان جو فرقو آهي.

واپسيءَ تي هن اهو سڄو قصو پنهنجي پيءُ کي ٻڌايو جنهن تي پهريون ڀيرو کيس پيءُ جي ناراضگي سهڻي پئي. اها ڳالهه پاڙي جي مسجد جي مولويءَ تائين به پهتي، جيڪو سندس پيءُ تي ڏاڍو ناراض ٿيو ته پنهنجي پٽ کي گمراهيءَ کان بچائي ۽ کيس چئو ته اها نماز قضا ڪري جيڪا ٻي مسجد ۾ پڙهي اٿائين ۽ آئنده اهڙي حرڪت کان توبهه ڪري. ان ڳالهه کيس ڪيترائي ڏينهن پريشانيءَ ۾ مبتلا رکيو. ان پريشانيءَ ۾ هو ڪڏهن گهر ته ڪڏهن مسجد ۾ نماز پڙهندو هو ۽ ڪڏهن ته نماز قضا به ٿي ويندي هيس.

هو سوچ ۽ فڪر ۾ ايترو ته ٻُڏي ويو جو پڙهڻ کان به دل ڪڇڻ لڳيس. حيرت ۽ نااميديءَ سان گڏ کيس ڪيترن ئي ڏينهن تائين گهٻراهٽ به گهيري رکيو. نيٺ هو هڪ ڀيرو ٻيهر پاڙي جي مسجد ۾ اچڻ وڃڻ لڳو. پر هاڻ نمازي ۽ مولوي کيس تکين نظرن سان ڏسڻ ۽ ساڻس طنزيه لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳا، ڇو ته کين اها خبر پئجي چڪي هئي ته هو مذهبي فرقي بندين جي حوالي سان ٻُڌ تر جو شڪار آهي.

مسجد جي مولوي تي اهو اتو پتو ڄاڻڻ تي چاهيو ته هو ڪهڙي مسجد ۾ نماز پڙهڻ ٿو وڃي ۽ ڪهڙو مسلڪ اختيار ڪرڻ ٿو چاهي؟ جيئن ته هر پاڙي جا ماڻهو پنهنجي گهرن جي ڀروارين مسجدن کي ڇڏي اُتي نماز پڙهڻ



Marfat.com

ايندا هئا ۽ پاڙي جي ساڄي ڪابي لڳ ڀڳ سيني مسلڪن جون مسجدون موجود هيون. تنهنڪري هر پاڙي جا نمازي مولويءَ کي خبرون چارون ڏيندا رهندا هئا ته هو هڪ نماز پڙهڻ ڪانپوءِ ٻي نماز وري ٻي مسجد ۾ پڙهي ٿو. هن جي ڳولا ۾ گهرج جو دائرو ڪيترن ئي شهرن ۾ ضلعن تائين پکڙجي ويو.

هو جيترو وقت به ڳولا ۾ تحقيق ۾ رڌل رهيو ان عرصي دوران مولوي صاحب جي لقبن ۾ مشهوريءَ ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿي ويو هو. هو توري ئي وقت ۾ اعليٰ حضرت مولانا...! المعروف ڏنڊي واري سرڪار مشهور ٿي ويو هو.

هن جي تحقيق سالن تائين هلي ٿي. ان دؤران هو ڪيترن شهرن جي مسجدن ۾ هر فرقي جي ماڻهن جي صحبت ۾ عالمن جي فتوائن ۾ دعوائن کان واقف ٿي چڪو هو. مٿس مسلڪن جا راز پڌرا ٿي چڪا هئا.

ان دوران هو گهٽ ۾ گهٽ 73 مناظرا، 360 مشهور جلسا، 420 کان به وڌيڪ جلوسن ۾ شريڪ ٿيڻ ڪانسواءِ لڳ ڀڳ پنج سؤ ڪتاب پڻ پڙهي ۽ 72 عالمن سان ملي چڪو هو.

هو پنهنجي زندگيءَ جي ڏکي عرصي جي جدوجهد، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ کي لتاڙڻ ڪانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ جمع جي نماز پڙهڻ جي لاءِ اندر گهڙيو ۽ سڌو لئبرريءَ ۾ هليو ويو. ڪجهه ڪتابن جا صفحا اتلائڻ کان پوءِ کيس ان ڳالهه تي سخت حيرت ٿي ته لئبرريءَ ۾ ٻي مسلڪ جو ڪو به ڪتاب موجود ڪونهي.

لئبرري جو انچارج هڪ اڇي ڏاڙهيءَ وارو بزرگ هو جيڪو هڪ صندل جي ڪاٺ مان ٺهيل هڪ ڏکي تسبيح جا داڻا تيز رفتاريءَ سان ڪيرائي رهيو هو. هو ساڻس مخاطب ٿيو.

"ائين، اوهان جي لئبرريءَ ۾ ڪنهن ٻي مسلڪ جو ڪو ڪتاب موجود آهي؟" جواب ۾ هن لاحول ولا قوت پڙهندي ڪاوڙ مان اکيون ڦوٽاريندي ورائيس، "ڪونهي!"

مختصر ۾ رُکي جواب ڪانپوءِ عبدالله کي ٻيهر سوال ڪرڻ جي همت ئي نه ٿي. هو مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ڪنڌ جهڪائي مولويءَ جي تقرير ٻُڌڻ لڳو. ان دوران هو مولوي جي رڙين تي مُرڪي به ٿي پيو.



Marfat.com

دلچسپي نہ هئڻ سبب نہ نعرن جو جواب، نہ جوش ۽ ولولو نہ جوش خطاب جو داد. نمازين پاران تحسين جا نعرا ۽ سبحان الله... الله اڪبر جا لفظ ٻڌڻ جي باوجود هن جي چهري مان ڪنهن بہ قسم جي جذباتيت جي ڪا بہ نشاني ظاهر نہ هئي.

هو ڪجھ منٽن جو اهو جذباتي منظر ڏسندو رهيو جنهن ۾ مقررين جو جوش ۽ ولولو ۽ مولوي پاران قرآن ۽ حديث جا دنياوي مثال ڏيئي، ڏنڊي کي هوا ۾ لهرائڻ، ۽ پنهنجي هٿن کي زور سان گوڏن تي هڻڻ ۽ ڪاٺ جي ڏاڪڻين واري منبر تان هر هر اٿڻ ۽ وري ويهڻ جو انداز ۽ پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري، ٻين عالمن کي للڪارڻ شامل هو. جنهن تي ڪجھ نمازي اڳيان وڌي، مولوي جي خطابت جي جوش کي داد ڏيئي رهيا هئا ۽ ان سان گڏ مٿس ڏهن ۽ ويهن روپين کي گهوري، واپس اچي پنهنجي جاءِ تي ٿي ويٺا.

جواب ۾ مولوي "جزاڪ الله" جو ڪڙڪيدار آواز گلي مان ڪڍي، پنهنجي واعظ کي جاري رکندي، الله جي واٽ ۾ پئسا خرچڻ وارن کي جنت جي خوشخبري تي ٻڌائي ۽ هو نمازين کي مخاطب تي چوڻ لڳو.

"منهنجي مسلڪ جا مڃيندڙؤ! اوهان جو جذبو ڏسي دل چوي ٿي تہ پنهنجي ڳالھ کي جاري رکان. پر جمع جو وقت ٿي رهيو آهي... ايندڙ جمعي تي پنهنجي ڳالھ کي اِتان ئي کڻندس... جتي ڇڏي اٿم... جن سنتون نہ پڙهيون آهن سي سنتون پڙهي وٺن."

ٻانگو جمع جي ٻي ٻانگ لاءِ پنهنجي خوبصورت ۽ سُريلي آواز ۾ الله اڪبر... الله اڪبر جي صدا بلند ڪري ٿو. هو اهو سڄو جذباتي منظر ڏسي حيرت ۽ پريشاني ۾ وينو رهيو. جيئن ئي جمعي جي نماز لاءِ جماعت ڪڙي ٿي، هو هڪ صف ۾ بيهي نماز پڙهي گهر موٽي ويو.

ٻي ڏينهن صبح جو هو دستور موجب آفيس روانو ٿيو ۽ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ آخر مسلمانن جو ڇا ٿيندو؟ چوڌاري فرقيواريت ۽ هر فرقي وٽ پنهنجي مسلڪ جي حق ۾ دليل موجود آهن... هر فرقو ٻي فرقي جي مذهبي جلوسن، عبادتن ۽ رسمن کي غير شرعي ۽ غير اسلامي قرار ٿو ڏي. ڇا ائين ممڪن ڪونهي تہ مسجد فقط الله جو گهر هجي ۽ هر مسلڪ جا ماڻهو اتي اچي نماز پڙهن، منجهن محبت، رواداري، درگذر، اخوت ۽ ڀائيچاري جا جذبا هجن.



Marfat.com

ماڻهوءَ جو احترام هجي. عزت ۽ احترام جو معيار مسلڪ جي بدران انسانيت هجي. مذهبي رواداري هجي نہ ڪي مختلف خيالن وارن جو پاڻ ۾ جهيڙو جهٽو.

اڄ هو پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي حوالي سان حسرت ۽ مايوسي جي گڏيل ڪيفيت سان ٿمتار سوچي رهيو هو تہ مفسد ڪير آهي؟

پاڻ ۾ محبت جي درس جو مطلب ڪهڙو آهي؟

الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ ٽولا ٽولا نہ ٿيو جو مطلب ڪهڙو آهي. آفيس پهچي هن قران مجيد کولي سوره انعام کي پڙهڻ شروع ڪيو. آيت 5، 6 ۽ 159 جي تلاوت ڪانپوءِ هو سوره آل عمران جي آيت 105 جي تلاوت ۽ ترجمو پڙهندي پنهنجن لڙڪن تي قابو رکي نہ سگهيو ۽ روئڻ لڳو.

روئندي روئندي هن جو گلو ويهي رهيو. اُن دوران سندس آفيس جو دروازو کولي سندس ڪجهہ دوست اندر گهڙي آيا ۽ کيس ان حالت ۾ ڏسي ماٺ ڪري ويهي رهيا. هن قرآن کي ويڙهي الماڙيءَ ۾ رکيو. دوستن ڪانئس روئڻ جو سبب نہ پڇيو. هو سندس بدلجندڙ رويي ۽ ڏينهن رات جي مذهبي تحقيق ۽ ڳولا کان واقف هئا.

هن دوستن کي مخاطب ٿي چيو:

”ڇا اوهان پنهنجي ملڪ ۾ ڪڏهن ڪنهن مسجد ۾ نماز پڙهي آهي“ هن جي سوال تي سندس دوستن خاموش ۽ حيران هئا.

هن وري پڇيو:

”جيڪڏهن پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن دوست ڪا مسجد ڏٺي آهي تہ مهرباني ڪري مونکي ٻڌائي“

عبدالله پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو.

”دوستو! هر مسلڪ پنهنجي پنهنجي جماعت خانن جي ٻاهران مسجد جا بورڊ هڻي ڇڏيا آهن... جيڪڏهن اهي مسجدون آهن تہ هڪ مسلڪ جا ماڻهو ٻي مسلڪ جي مسجد ۾ نماز ڇو نٿا پڙهن؟“ آئون پنهنجي ملڪ ۾ هڪ اهڙي مسجد اڏڻ ٿو چاهيان جيڪا مسلڪن جي ڇاپ کان آجي هجي. جنهن ۾ نماز پڙهندڙ فقط مسلمان سڏرائڻ پسند ڪن. اتي ڪنهن بہ مسلڪ جا ماڻهو اچي نماز پڙهي سگهن. اتي خطبو نہ جاندار هجي ۽ نہ ئي ڪنهن جي دل ڏکوئڻ جهڙا اجتماع ڪوٺايا وڃن. ان مرڪز مان ڳوٺ ڳوٺ



Marfat.com

پاڙي پاڙي ۾ مسلمانن جي ٻڌي ۽ اسلامي سڃاڻپ جو پرچار ڪيو ويجي. اها مسجد شعائر اسلامي جي اها جيئري علامت جو پتو ڏيندي هجي. جيڪا اسان جي شروعاتي مسلمانن جي خبر ڏيندي هجي. جيڪا قديم کان قديم، صدي کان صدي، انهن چوڏهن سؤ سالن جي قديم اسلامي دور جو روشن حال هجي، جنهن جو درس اسان جي مذهب ڏنو هو."

دوست خاموش ويٺا رهيا. هن پنهنجي ڳالهه ختم ڪرڻ سان گڏ ئي پنهنجا لڙڪ اگهيا ۽ مرڪڻ لڳو.

هن پنهنجي خواهش جي پورائي لاءِ پنجن سالن تائين سخت محنت ڪري، پنهنجي ميڙي چونڊي مان مسجد جي لاءِ هڪ ايڪڙ زمين خريد ڪئي ۽ اتي هڪ بورڊ هڻي ڇڏيو جنهن تي لکيل هو "مسجد عهد اسلام" زير تعمير آهي. ڪجهه ماڻهن فنڊ ڏيڻ جي لاءِ هن سان ملاقات ڪئي ۽ ملاقات جي دوران هنن مسلڪ جي ڳالهه ڇيڙي ته عبدالله سڌو سادو جواب ڏنو ته اها مسجد "عهد اسلامي دور" جي ياد ۾ اڏرائي پئي وڃي، هتي فرقي واريت جو ڪو به عمل دخل ڪونهي.

اهو ٻڌي بزرگ شخص پنهنجي ير ۾ وينل پنهنجي هم عمر شخص ڏانهن حيرت مان ڏسندي اک جي اشاري سان اٿڻ جي لاءِ چيو ۽ هو وڏيڪ بنا ڪجهڻ پڇڻ جي هليا ويا.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ پرواري ڳوٺ مان ڪجهه همراهه آيا. اهو مسلڪ اجا ڳوٺ ۾ هاڻ پهتو هو. هو مسلڪن جي خلاف ڳالهائڻ لڳا. جنهن تي هن جي دل ۾ ٿورو همدردي جو جذبو مس پيدا ٿيو ته هنن پاڻ کي غير مقلد چئي پنهنجو مسلڪ نه ٻڌائيندي به پنهنجو مسلڪ ظاهر ڪري ڇڏيو... هو پنهنجي عقيدي جي مسجد جو سائن بورڊ هڻڻ تي لکين روپين جي فنڊ جو يقين ڏياري رهيا هئا.

پر عبدالله پنهنجي ضد تي قائم رهيو. ساڻس هر عقيدي ۽ مسلڪ وارن ماڻهن جي ملاقاتين جي هڪ ڊگهي فهرست آهي.

ان کان پوءِ ساڻس ويجهي علائقي جو هڪ چوڌري ملڻ جي لاءِ آيو. هن جي راءِ موجب چوڌري بهادر شير ولي تمام وڏو چوڌري ٿي گذريو هو تنهنڪري اهو وڌيڪ مناسب رهندو ته مسجد جو نالو هُن جي نالي پٺيان رکيو وڃي، ائين چوڌري ڪٽنب جا ماڻهو ان مسجد ۾ وڏي انگ ۾ نماز پڙهڻ



Marfat.com

جي لاءِ ايندا. ائين الله جو گهر بہ آباد رهندو ۽ مسجد جي اڏاوت جي لاءِ چوڌري بهادر شير علي جي وصيت موجب ڏهہ لک روپيا ڏنا ويندا.

پر عبدالله صاف انڪار ڪري ڇڏيو. ان انڪار تي چوڌري برادري جي ناراضگي فطري ڳالهہ هئي. هڪ ٻن هفتن ڪانپوءِ راجا برادريءَ ۽ ملڪ برادريءَ بہ پنهنجون پنهنجون خدمتون آڇيون. مسلڪن ۽ برادري ازم جي بنيادن تي مسجد قائم نہ ڪرڻ سبب پر پاسي جي پاڙن، خاص ڪري چوڪن، هوٽلن، مسجدن ايتريقدر جو موتي فوتي ۽ شادي مراديءَ واري گهرن ۾ بہ ”مسجد اسلامي دور“ بحث هيٺ هئي. ماڻهن برملا چوڻ شروع ڪيو تہ هن مسجد ۾ ڪير نماز پڙهندو؟

ڪجهہ ماڻهو فتوائون ڏيندي چوندا هئا ”اتي نماز ٿيندي ئي ڪو نہ.“

ڪجهہ ماڻهو وري ڪيس پاڳل، چريو ۽ليل ۽ گمراهہ ٿيل سمجهندا هئا. ڪن مٿس معتزلہ نہ ... ڪن وري خارجي هئڻ جون فتوائون ڏيڻ شروع ڪيون. اهي سيئي زباني فتوائون ۽ گومگو جي ڪيفيت جا تير سهندي ڪيس لڳ ڀڳ ڏهہ سال اچي ٿيا هئا. چوڌاري چؤبول هو تہ عبدالله جي عمر پنجاهہ سالن کان مٿي تي چڪي آهي ۽ هو پنهنجي رتا ڪي اڌ ۾ ڇڏي ئي مري ويندو ۽ ڪانئس پوءِ سندس اولاد اتي گهوڙن جو طبيلو ٺاهيندو.

ديانداري ۽ دينداري هڪ زبان ۽ هڪ آواز هئا.

هن جي سوچ ۽ رتا نيٺ رنگ لاتو ۽ ڪجهہ ئي عرصي ۾ هن پنهنجي ذاتي پئسن مان سيمنٽ ۽ ريتي خريدي بلاڪ ٺهرائڻ شروع ڪيا. ڏسندي ڏسندي هڪ نهايت سهڻي ۽ قديم دور جي عڪاسي ڪندڙ عاليشان مسجد جي اڏاوت شروع ٿي ويئي.

ماڻهو ان اڏجندڙ مسجد کي ائين ڏسڻ ايندا هئا، ڄڻ اهو ڪو عجوبو هجي يا مسلمانن جي آباديءَ ۾ ڪنهن ٻي مذهب جي عبادت گاهہ زبردستي اڏجي رهي هجي. مسجد جي سونهن ۽ سجاوت جي لاءِ خوبصورت ٽائلز ۽ شيشي جي ملمع ڪاري ۽ قرآني آيتن جا جڙيل خوبصورت ٽائلز مسجد جي مکيہ دروازي ۽ سامهون واري حصي تي هنيا ويا. هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ دلڪش ۽ خوبصورت پٿرن جي امتزاج سان جڙندڙ مسجد کي آخري شڪل ڏني ويئي ۽ بجلي جي جهالرن سان مسجد کي سجائي باقاعده اعلان ڪيو ويو تہ ”سياڻي جمع جي ڏينهن، جمع جي نماز ڪانپوءِ درس قرآن



Marfat.com

سان گڏ نمازين ۾ لنگر بہ ورهايو ويندو. فرقيواريت کان مٿانهان ٿي مسلم اُمت هئڻ جو ثبوت ڏيو ۽ خدا جا ٻانها بنجي وڃو. الله جي گهر ۾ هر گروهہ ۽ هر مسلڪ جا ماڻهو ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهلڻ جو عملي ثبوت ڏيو. الدعي الخير خادم المسلمين عبدالله.“

هو وچين نماز مهل خوبصورت ٽڏي ٽائلز واري فرش تي مصلي ڪانسواءِ نماز پڙهڻ ڪانپوءِ ”سوره العصر“ جي تلاوت ڪندي روئي پيو. هن مسلمانن جي اتحاد ۽ ٻڌي سان گڏوگڏ انهن جي عظمت جي بلنديءَ جي لاءِ الله جي بارگاه ۾ ٻاڏائي دعائون گهريون.

اڄ مسجد مقفل هئي. هن ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ نہ هو. ڏسڻ واري فقط الله جي هڪ ذات هئي وحده لاشريڪ.

هو سُمهاڻي مهل گهر موٽي ويو.

ان ڏينهن هڪ عظيم خوشيءَ جي لهر هن جي رات جي ننڊ ئي اڏائي ڇڏي هئي. هن ڪليل اکين سان الل وهاڻيءَ جڏهن ٻانگي جي صدا، ”الصلواه خير من النوم“ ٻڌي تہ هو مسجد روانو ٿي ويو.

فجر جي نماز پڙهي هو گهر موٽيو ۽ اڄڻ سان ئي جمعي جي نماز جي تياري شروع ڪري ڇڏيائين. ڏيهاڙي تي گهرايل مزدورن ڪانسواءِ مسجد جي صفائي جي بندوبست ۾ ٻيو ڪنهن جو بہ ڪو هٿ نہ هو. جمعي جي نماز جي لاءِ ٻانگ ڏني ويئي. عبدالله خطبو اردو زبان ۾ ڏيڻ شروع ڪيو. لائوڊ اسپيڪر جو آواز ڏيمو هو جيڪو مسجد کان ٻاهر نہ پئي ويو. مسجد ۾ مزدورن ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ نہ هو ۽ نہ وري ڪنهن نمازيءَ مسجد طرف رخ ڪيو. پاڙي جي سيني مسجدن جي لائوڊ اسپيڪرن جا منهن ”مسجد اسلامي دوڙ“ ڏانهن ڪيا ويا هئا. هن جو خطبو ٻڌڻ تہ پنهنجي جاءِ تي، انهن جي آوازن ڪن تي ڦاريا.

لڳ ڀڳ ستن مسجدن جا عالم، جنهن ۾ هر فرقي جا عالم هئا ان ڳالهہ تي سهمت هئا تہ هو گمراهہ ڪندڙ پروپئگنڊه ڪري، مسلڪن جي خلاف ڪوڙبدوڙ بڪي، مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ٿو چاهي. ائين مسلمان فرقن ۾ ورهائجي ويندا. جيڪڏهن هو ڪامياب ٿيو تہ هر مسلڪ جا ماڻهو نمازون پڙهڻ لڳندا. هو ماڻهن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي مسلڪن کان هٽائي مسلمان سڏرائڻ تي ضد ٻڌيو بيٺو آهي، جيڪا سراسر گمراهي آهي.



Marfat.com

مسجدن جي لائوڊ اسپيڪرن مان انهن مسجدن جي مولوين جي دڙ داڪ ۾ طعني زني وارن خنجرن جا رعبدار دڙڪا جاري هئا. ثبوتن ۾ مدلل ڪن ڦاڙ دعوائن ڪانپوءِ مولوي مناظري لاءِ للڪاريندا تقريرون ڪري رهيا هئا. هڪ مُلئين تہ ائين بہ چئي ڏنو تہ، "هو بير جي وڻ جي ٻرندڙ باهہ ۾ اسان سان تپ ڏيئي ڏسي جيڪو حق تي هوندو اهو سڙڻ ڪان بچي ويندو. مُلن جي ڪاڪڙن مان نڪتل آواز فضا ۾ پرائجي رهيا هئا.

هر مسجد مان نمازين جي زوردار مخالفاڻي نعري بازي جاري هئي، جو ان دوران ڪي متي ڦريل همراه هٿيارن پنهوارن سان "مسجد اسلامي دور" ۾ گهڙي آيا ۽ عبدالله کي ڌڪا ڏيئي مسجد مان ٻاهر ڪڍي مسجد تي قبضو ڪري ورتائون. عدالت ڪان ديواني دعويٰ جي ذريعي مسجد جي ملڪيت جي لاءِ اسٽي آرڊر ونِي، دعويٰ جي پيروي بہ شروع ڪري ڇڏيائون هو اُتي پڳو. ڪجهہ ماڻهن هن جو پيڇو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ڪيس ڪنهن بي مسجد ۾ پناهہ ڏيڻ ڪبيري گناهہ سان گڏ دين ۽ مذهب ڪان بغاوت قرار ڏنو ويو. هو مصلو ڪلهي تي رکيو ڊوڙندو ڊوڙندو هڪ ڪليسا ۾ گهڙي ويو. هن پادريءَ جي اجازت سان ڪليسا جي اڱڻ ۾ گلن جي ٻارين جي وچ ۾ ڇپر تي مصلو وڇائي نماز پڙهي. آسمان تي ڪڪر ڇانئجڻ جي ڪري چوڌاري اونداهي پکڙجي ويئي.

اوچتو ڪليسا جو دروازو زور زور سان کڙڪڻ لڳو. هن دروازو کوليو تہ زمين، سج جي چوڌاري ڦرڻ جي بدران بيهي رهي ۽ آسمان تيزي سان زمين جي چوڌاري ڦرندو نظر اچڻ لڳو. هن جي اکين جي اڳيان اونداهي ڇانئجي ويئي. ڪڪرن جي پويان وچ ڪڙڻ سان گڏ هڪ زوردار ڌماڪي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ گڏوگڏ واچوڙو ۽ طوفاني بارش شروع ٿي ويئي.

گيٽ جي ٻاهران هر فرقي جا باريش ۽ سفيد پوش هٿن ۾ ڏنڊا کڻيو هڪ قطار ۾ بيٺا. مرتد مرتد جا زوردار نعرا هڻي رهيا هئا. هاڻ هنن جي وچ ۾ فرقن جو ڪو بہ اختلاف نہ هو. هو سڀ متحد هئا، پر فقط ان ڳالهہ تي تہ عبدالله تي حملو جائز آهي. هو ڏنڊا لهرائيندا هن تي ڪاهي پيا ۽ هو انهن جي ڏنڊن جي ڌڪن جي سٽ نہ سهندي غش ڪائي پٽ تي ڪري پيو.



Marfat.com

# پیر سائیں

Marfat.com

Marfat.com

حسن عليءَ جو پيءُ ويهہ ورهيہ اڳ ڪشمير جي علائقي "باغ" مان روزگار سانگي لڏي اچي راولپنڊيءَ ۾ رهيو هو. جتي هو محنت ۽ مزدوري ڪري پنهنجن ٻارن جو پيٽ پاليندو هو. هن جي خواهش هئي تہ ڪيس ڪنهن پير جي آستاني تان ڪو اهڙو تعويذ ملي وڃي جنهن جي برڪت سان رات وچ ۾ ئي گهر ۾ پئسن جو مينهن وسي وڃي. اهو مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ هو رات ڏينهن آستانا بدلائيندو رهندو هو. هر آستاني تي صدا هڻندو تعويذ آزمائيندو ۽ دم ڪرائيندو ويندو هو. هڪ پاسي هو ڪجهہ پئسن جي اميد ۾ تعويذ وٺندو هو تہ ٻئي پاسي ڪيس نظر ۽ نياز جي لاءِ ڪجهہ عطيو بہ ڪرڻون پوندو هو. سلسلو ائين ئي هلندو رهيو. هن جي گهر ۾ پئسن جي ريل ڇيل تہ نہ ٿيڻ لڳي، البت جڏهن هو بہ هو ججهي محنت ڪندو هو يا ڪيس سٺو ڪم ملندو هو تہ وٽس چار ڏوڪڙ سرس اچي ويندا هئا. جنهن کي هو تعويذن جي برڪت سمجهندو هو ۽ سندس تعويذن تي ايمان پختو ٿيندو ويو.

تنگي جي ڏينهن کان سُٺن ڏينهن جو اهو سفر نہ ڪٽندڙ نظر اچي رهيو هو. ڪجهہ سالن کانپوءِ جڏهن سندس پُٽ حسن علي جوان ٿيو تہ هو بہ پنهنجي پيءُ جي اثر ۾ روحاني شخصيتن کي وڏي عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏسڻ لڳو. هن جي اها دلچسپي رڳو تعويذن يا دم جي ڦوڪن تائين نہ رهي، پر هن جي روحانيت سان ڏينهون ڏينهن دلچسپي گهري ٿيندي وئي. هو جتي بہ ويندو هو ڪيس پيرن جي قربت حاصل ٿيندي هئي. ائين هو ان سڄي ماحول جو مشاهدو ڪندو رهيو. ڪيس هڪ فئڪٽريءَ ۾ جونيئر ڪلارڪ جي نوڪري ملي وئي هئي.

هو پيرن جي گهرن کان وٺي لنگر خانن ۽ سندن پري پري جي دورن تي ساٿن خصوصي معاون طور ڊيوٽي انجام ڏيندو هو. ائين ڪيس پيرن کي ملندڙ ججهي نذر ۽ نياز جو بہ اندازو ٿيندو ويو. اهو ڏسي هن جي دل ۾ اهو



Marfat.com

خيال پختو ٿيندو ويو تہ مستقل ۾ هو بہ ڪنهن پير جو خليفو بنجي وڃي ۽ ائين .بهترين روزي رزق جو سلسلو هلڻ لڳي.

پير صاحب جي صاحبزادي جو چوڻ هو تہ ڪيس خلافت سان نوازيو ويندو پر پير صاحب جو چوڻ هو تہ خلافت ڪان پوءِ هن جهڙي محنتي ۽ سچي خدمتگار شخص جو ٻيهر ملڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

هڪ ڏينهن پير صاحب جي آستاني تي وڃي سندس حيرت جي حد ئي نہ رهي. ماڻهو هڪبئي جي پويان ايندا پي ويا. هنن جنهن قسم جي دعا تي ڪرائي تہ نذر ۽ نياز بہ ان حساب سان تي ڏنو. جن کي روزگار گهه بل هو تن پنج سؤ روپين تائين ۽ جن کي ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار يا ڪاروبار جا مسئلا درپيش هئا، تن وري هزارن ۾ رقم جو نذرانو تي ڏنو. جن ماڻهن جي زمينن جا ڪيس عدالتن ۾ هلي رهيا هئا، تن تہ ٻڪرا ۽ ڇيلا ۽ جن ماڻهن جي گهرن ۾ پير سائين جي دعا سان پُٽاٽون اولاد ٿيو هو اهي مينهن، ڳئون يا ڏڳو وٺي پير سائين جي آستاني تي ٻڌي ويندا هئا.

ساليانی عرس جي موقعي تي ڪيس محفل سماع جي لاءِ پير سائين بندوبست ڪرڻ جي لاءِ چيو. ان لاءِ پري پري کان قوال گهرايا ويا. پير سائينءَ جي آستاني تي سندس خليفن ۽ پير ڀائرن جي اچڻ جو سلسلو جاري هو. هو انتظامن مان واندو ٿي پير سائين جي حجري ۾ وڃي ويهي رهيو.

پير سائين پنهنجن مريدن کي، جن ۾ زائفائون بہ شامل هيون، وحدت الوجود جو فلسفو سمجهائي رهيو هو. پير سائين فرمايو "اهو لدني علم آهي، تصوف صوف مان نڪتو آهي ۽ اصحاب صفہ دراصل صوفي هئا. تصوف جي شروعات اسلام جي شروعاتي دور کان ئي ٿي ويئي هئي. ان هوندي بہ ماڻهو راه سلوڪ جو ماخذ قرآن ۽ سُنت کي نٿا مڃين. قرآن مجيد ۾ ان جي لاءِ لفظ "احسان" جو استعمال ٿيو آهي. اهي راز ۽ نياز جون ڳالهيون رڳو خاص ماڻهو ئي سمجهي سگهن ٿا.

... ڪائنات هڪ وجود آهي، وحدت اج ڪثرت ۾ جلوه گر آهي. وحدت الوجود جو فلسفو جنهن کي سمجهہ ۾ اچي وڃي، اهو انالحق جو نعرو مستانہ ڇو نہ بلند ڪري؟ هتي وصل جي لذت جو سڪون آهي. هتي ڪٿي ليليٰ، ڪٿي مجنون جي بدران، مجنون جي پڪار آهي "انا ليليٰ" جڏهن ذري ذري ۾ خدا جو نور آهي تہ سيني شين جي اصليت هڪ ئي آهي. هتي



Marfat.com

همہ اوست جي ڳالهہ صادق اچي ٿي. ان وقت خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ موجود پردا ختم ٿي رهن ٿا. پوءِ پاڻهي ئي خالق جي حقيقت آشڪار ٿئي ٿي. ان حالت تي ضبط رکڻ ئي تصوف آهي.“

هن وڌيڪ فرمايو:

”فصوص الحڪم ۾ محي الدين ابن عربيءَ شرح و بسط سان ان فلسفي جي تشريح فرمائي آهي. پوءِ بہ ڪجهہ ماڻهو ان کي ”فلسفہ اوتاد“ ۽ ”فلسفہ يونان“ سان جوڙين ٿا ۽ ان فلسفي جون ڪڙيون مذڪوره فلسفي سان وڃي ملائين ٿا. اهو يوناني فلاسافرن جي وس جو ڪم ڪونهي تہ هو ”وحدت الوجود“ جي حقيقت بيان ڪري سگهن.

... وحدت الوجود دراصل ڪائنات کي هڪ ايڪائي مڃڻ جو نالو آهي. جڏهن ڪائنات هڪ ذات آهي تہ ڪنهن ٻي جي موجودگيءَ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اصل ۾ شرڪ اهو آهي تہ اوهين ڪائنات کي هڪ وجود مڃڻ جي بدران، پاڻ کي ان ذات جو حصو مڃڻ جي بدران، اُن ذات کان ڌار تصور ڪن.“

اهي ڳالهيون جاري هيون.

ڪجهہ ماڻهن تي وجد طاري ٿي ويو. هو محفل ۾ اُٿي ”انا الحق“ ۽ ”يا منصور“، حق منهن جا زوردار نعرا هڻندا، پٽ تي لنيڙيون پائيندا حق، حق، حق جون صدائون بلند ڪندا جهومڻ لڳا.

گفتگو جي دوران وحدت الوجود جي وات تي هلندڙ مغل بادشاهہ اڪبر بہ بحث هيٺ آيو. ان جي دين الاهي ۽ وحد الاديان جون ڳالهيون ٿينديون رهيون. حسن علي پٽيل اڪين سان وات بند ڪريو ڪنهن مٽي جي بُت وانگر سڀ ڪجهہ ٻڌندو ۽ ڏسندو رهيو.

ٿوري دير کان پوءِ هو پير صاحب کان موڪل وٺي فئڪٽري روانو ٿي ويو. هو مهيني ۾ هڪ ڀيرو اُن جي آستاني تي ضرور حاضري ڏيندو هو. ڪيس پنجن سالن جي مختصر عرصي ۾ سينئر ڪلارڪ طور ترقي ملي. هاڻ هن جون حالتون ڪافي بهتر ٿي ويون هيون. هن جي دل ۾ اجا تائين تصوف جي لڱن ۽ سلوڪ جي راهہ جو راز ۽ نياز جو تجسس برقرار هو.

هڪ ڏينهن هو دستور موجب پير سائين جي آستاني تي پهتو جتي هڪ بزرگ وينو هو. پير سائين سندس تعارف ڪرائيندي چيو ”اعليٰ حضرت هڪ مشهور گاديءَ جو سجاده شين آهي... عربي، اردو ۽ فارسي تہ جڻ



Marfat.com

سندس در جي گولي ۽ ٻانهي آهي. ڪيس مثنوي مولانا روم، گلستان ۽ بوستان سعديءَ، ديوان حافظ شيرازيءَ تي وڏي دسترس آهي. سندس واسطو نقشبندي سلسلي سان آهي، جيڪو تصوف جي چئن سلسلن مان هڪ آهي ۽ ساز ۽ طبلي جي ان ۾ منع آهي. اهو تصوف جو اهو سلسلو امتيازي حيثيت ٿو رکي.“

اهو بزرگ فرمائڻ لڳو.

”دراصل اسلام ۾ ساز حرام آهي. اسين قوالي ۽ طبلي کي نه مڃيندا آهيون. اسين ”وحدت الشهود“ جا داعي آهيون“.

هن جي لاءِ اها معلومات نئين هئي.

ان بزرگ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي، چيو ”حضرت مجدد الف ثانيءَ وحدت الوجود جي ضد ۾ وحدت الشهود پيش ڪيو هو. ان وقت اڪبر بادشاهه وحدت الوجود تحت همه اوست جي ڪري گمراهه تي چڪو هو. هتي خدا خالق ۽ ٻانهون مخلوق، خدا مطلوب ۽ ٻانهون طالب. هتي وصل جي سڪون ۽ اناالحق جي نعري جي بدران لذت جي طلب جي فضا قائم ڪئي ويئي. هڪ پيرو پيهر گناهه ۽ ثواب جو نظريو سُني نموني سامهون آندو ويو. جنت ۽ دوزخ جي اهميت بيان ڪئي وئي. هي اهو فلسفو هو جنهن سان ”حواليہ ثالثہ“ سان گڏوگڏ زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ جو سرچشمو خدا جي ذات کي ثابت ڪيو ويو هو. ان فلسفي موجب صوفين جي اندر مجذوبانه ڪيفيت ۾ غرق ٿيڻ جي بدران درد بيدار ڪيو ويو هو.“

هو حيرت ۾ ان بزرگ صوفي جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. پوءِ هو پنهنجي مرشد جي دست بوسي ڪري روانو تي ويو. ان دوران هو ڪڏهن وحدت الوجود ته ڪڏهن وحدت الشهود جي علمي پهلوئن تي سوچيندو پنهنجي منزل جو تعين ڪندو اچي گهر پهتو.

ڪيس پنهنجي پير صاحب جي چاڪري ڪندي اچي ٻارهن سال ٿيا. پر پير صاحب سندس ڪنهن به قسم جي خلافت جو اعلان نه ڪيو. جڏهن ته ڪانئس پوءِ ايندڙ مريد خلافت ملڻ کانپوءِ پنهنجي پنهنجي آستانن تي عوام کي روحاني فيض ۽ برڪتن سان نوازي رهيا هئا.

ڪيس هڪ اٽڪل سُجهي.

هو اتان لڏي هڪ امڙي علائقي ۾ هليو ويو جتي سندس چارڻ سُڃاڻ نه هئڻ جي برابر هئي. هن اتي هڪ ننڍي گهر ۾ پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ والدين



Marfat.com

سان گڏ رهڻ شروع ڪيو. اتي هو پنهنجو تعارف ڪرائيندي چوندو هو. ”منهنجو پورو نالو حسن علي شاهه آهي ۽ اسين سٽن پيڙهين کان پاڪستان جي مشهور آستانن جا مجاور رهي چڪا آهيون. اسين پنهنجي پير سائين جي حڪمتي هن شهر ۾ لڏي آيا آهيون نه ته اسان جي وڏڙن جا آستانه اڃا به عوام جي فيض ۽ برڪت جو باعث آهن“

هن جي ڳلن جي ڳاڙهاڻ، نوراني چهرو سهڻي ڏاڙهي، ڪلهن تائين لڙڪيل وڏا وار متي تي سنڌي ٽوپي، ڳچيءَ ۾ رنگا رنگي گلوبند، اڇو ڊگهو ڪرتو، تورو سوڙهو پاجامو هٿ ۾ عاج جي موتين جي وڏي تسبيح، ڳالهيون گهٽ، سبحان الله، ماشا الله ۽ جزاڪ الله جي لفظن جو گهڻو ورجاءُ هوندو هو.

هو ملڻ جي لاءِ ايندڙ هر شخص جو هٿ چمي پنهنجي سيني تي رکندو هو. سندس ان رويي سبب ماڻهن جي اها ڪوشش هوندي هئي ته هو پهرين سندس هٿ چُمن. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪيس ماڻهن جا هٿ چمڻ جي گهرج نه رهي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هڪ درزي، جنهن جو ڪم لوڊشيڊنگ سبب نه هئڻ جي برابر وڃي بچيو هو ۽ مختلف پيرن، فقيرن کان تعويذ وٺڻ جي باوجود به پاڻ تي ڪارو جادو ڪرائيندڙ ۽ ڪم جي بندش وجهرائڻ وارن کي پٽيندو رهندو هو ۽ پير علي حسن شاهه جي پاڙي ۾ هئڻ جي ڪري ڪانئس هڪ رزق ۾ برڪت جو تعويذ ورتائين. پير علي حسن شاهه ڪيس تعويز ڏيڻ سان گڏ پنهنجي گهر جي جنريٽر مان تار به جوڙي ڏني هئي. بس پوءِ ڇا؟ ان درزي جي لئه تي ويئي، وقت تي ڪم ڏيڻ سبب گراهڪ ڪانئس مطمئن رهڻ لڳا ۽ ڪم سنو هلڻ لڳو هن وٽي پير حسن علي شاهه جي ڪرامتن جو زور شور سان ڍنڍورو ڏيڻ شروع ڪيو ۽ ان سان گڏ، سائي ڪاري ۽ پيلي رنگ جي جهنڊين سان پير حسن علي شاهه جي گهر جي ڇتي سينگاري ڇڏيو ۽ هڪ بينر به لڪرائي ٻاهر لڳرائي ڇڏيو. جنهن تي پير صاحب جا لقب وڏن وڏن اکرن ۾ لکيل هئا. پاڙي جي ماين پنهنجن مڙسن کي پنهنجي هٿ ۾ رکڻ جي لاءِ ڪانئس تعويذ وٺڻ شروع ڪيا.

حسن علي وڏو تجربيڪار هو. هن تعويز ڏيڻ سان گڏ اها به هدايت ڪرڻ شروع ڪئي ته جڏهن به گهر ۾ جهيڙي جهٽي جي نوبت اچي ته زالون جواب ڏين جي بدران تعويذ ڏندن جي وچ ۾ رکي زور سان دٻائي چپ ٿي وڃن. جنهن تي مڙس مجبور ٿي جهيڙو ختم ڪري ڇڏيندا هئا. انهن تعويزن جي برڪت سان گهرن ۾ امن ۽ سکون ٿي ويو.



Marfat.com

ٽڪيٽ جي سوڪڙي ڏني ۽ هو حج بہ ڪري آيو پير صاحب نماز جي مهل بہ محفل سجائي ويٺو هوندو هو ۽ سندس مريد جوندا هئا تہ پير صاحب هر نماز مسجد نبويءَ ۾ وڃي پڙهندو آهي... هوئنئن تہ پير صاحب راولپنڊي بہ بس ۾ ويندو هو. پر پنجن وقتن جي نماز پڙهڻ جي لاءِ بنا ڪنهن سفري سهوليتن جي مديني پهچي ويندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ همراهہ پراڊو گاڏي تي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. دست بيعت ڪانپوءِ نذراني طور آستاني لاءِ پنجاهہ هزار نذرانو ڏيئي موڪلائي هليو ويو. ڪجهہ هفتن ڪان پوءِ اهو ئي همراهہ جمعي جي نماز پير صاحب جي آستاني تي پڙهڻ ڪانپوءِ هڪ لک روپيا نذرانو ڏيئي روانو ٿيڻ لڳو تہ پير ڪانئس ڌنڌي روزگار بابت پڇا ڪئي، پر ان مريد وڏيڪ تفصيل ڏيڻ جي بدران دعا جي التجا ڪندي چيو تہ جيڪڏهن هڪ مهيني جي اندر منهنجو ڪم ٿي ويو تہ آئون اوهان جي آستاني لاءِ پنج لک روپيا نذر ڏيندس. ان سان گڏ هو موڪل گهري روانو ٿي ويو.

هڪ مهيني ڪانپوءِ هو ٻيهر خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ پير صاحب لنگر مان ماني گهرائڻ جي بدران مانيءَ جو ڌار بندوبست ڪرايو ۽ سُٺي سنڌي برياني، ڪڙهائي، پڳل گوشت ۽ ڪاڌي جي ٻين شين جو بندوبست ڪرايو.

ان دعوت ۾ ڪجهہ خاص مريدن بہ شرڪت ڪئي. ماني کائڻ ڪانپوءِ هن خاص مريدن جي سامهون پنج لک روپيا آستاني جي لاءِ نذر ڪري ڏيڻ چاهير تہ پير صاحب جي صبر جو پيالو ڇلڪي پيو ۽ هن ڪانئس سندس ڪاروبار جي باري ۾ ڪجهہ سوال پڇيا. پر هو جواب ڏيڻ کان پاسو ڪندو رهيو. جڏهن موڪل گهري تہ هن پير صاحب جي چهري تي ناراضگي جا آثار ڏسي چيو "آئون ماڻهن کي ٻاهرين ملڪن موڪليندو آهيان."

"بس ڌڻي جا ڪرم آهن. ڪم سٺو پيو هلي... اوهان جي دعا سان منهنجي ڪم کي چار چنڊ لڳي ويا آهن. اوهين دعا ڪريو تہ منهنجو ڪم ائين ئي هلندو رهي تہ آئون آستاني شريف جي لاءِ پنهنجي آمدني جو مخصوص حصو ادا ڪندو رهندس."

پير صاحب ڪيس اڄ رات اتي ئي ٽڪڻ جي لاءِ چيو! پر هن سڀاڻي اچڻ جو وعدو ڪري موڪلائي ويو. هاڻ پير حسن علي جي ذهن ۾ دولت جا ديگ ۽ پنهنجي حصي جي حصول جا خواب اچڻ لڳا. ٻي ڏينهن هن جي



Marfat.com

بُک

Marfat.com

Marfat.com

شهر ۾ ويراني ڇانيل هئي. دڪاندار پنهنجن پنهنجن دوڪانن جي ٻاهر سامان رکيو گراهڪن جي اوسيئڙي ۾ هئا. شهر ۾ ماڻهن جو اچڻ وڃڻ ڄڻ تہ ختم ٿي چڪو هو. هوا جا گرم جهونڪا سڄي شهر جا ردي ڪاغذ، ڪک، پن ۽ مٽي اُڏائي، رڙيون ڪندي گهٽين ۾ ناچ نچي رهيا هئا. ڏڪار ۽ سوڪهڙي، ياءَ ڪي ياءَ جو ويري بنائي ڇڏيو هو. چوري ۽ ڦرون عام ٿي چڪيون هيون.

آسپاس ۾ نااميدي ۽ مايوسيءَ اچي بنهنجا خيما کوڙيا هئا. ٻُک سبب اڻ سهپ، جهيڙو جهتو ۽ ڪينو ڪدورت پنهنجي عروج تي هو. ماڻهن ٻک جي ختم ٿيڻ تائين محبت، ڀائيچاري ۽ انساني همدرديءَ کي ڄڻ خدا حافظ چئي ڇڏيو هو.

ٻُک ۽ غربت کان بيزار ٿيل ماڻهون سڙيل، ڦتل ۽ خراب ٿيل ميوا ۽ ڪچيون ڀاڄيون، ٻڇيل سڇيل سُڪل ماني جا ٽڪرا ڀاڻي ۾ ڀُسائي ٿي کاڌا. زمين ـــ هنڌ تان ڦاٽي پئي هئي. اها ڄڻ صدين کان اُڃايل ۽ نوٽ لڳي رهي هئي.

پکي ۽ جانور، هانيارو هٽندي، تيز اُس کان پناهہ ٿي گهري. ساوڪ جو نالو ۽ نيشان بہ نہ هو. چوڏس سُڪل گاهہ ۽ پٽا انسـ ن ۽ جانورن جو مقدر بنجي چڪا هئا. ۽ اهي ئي بک ۾ سندن غذا هئا.

آسمان تي ڪکر ڇانئجي ٿي ويا. چوڌاري مينهن پوڻ جا امڪان ٿيڻ ٿي لڳا. ماڻهن جون آسون جڳڻ ٿي لڳيون ۽ هو دعائون ڪرڻ ٿي لڳا. شهر، پاڙن ۾ ڪڪرن سبب سڄ انهن جي پويان لڪي ٿي ويو... جو اوچتو ئي اوچتو تيز هوائن انهن کي ٽيڙي پکيڙي ٿي ڇڏيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي



Marfat.com

ناشڪري ڪو نہ ڪنداسين.

بصرہ ۾ ٽوم پوڪڻ جي ڪڏهن بہ خواهش نہ ورجائيندا سين.

هڪ ڪاري رنگ جي پوڙهي مائي، هيٺان هڏن ۾ جسم سان، ڪرندي ٿڙندي، سهارو وٺندي، ڪنهن مهل ويهي، سُرڻ تي لڳي تہ ڪنهن مهل اٿي بيهي تي رهي. ” اوهين سڀ مرد تہ آهيو.. هست وارا... ناڪامي تہ اوهان کان ڪوهين ڏور بيهي پناهہ گهرندي هئي.. ڪاميابي اوهان جون جتيون چٽيندي نہ ٿڪندي هئي.

انسانن جي وستين تي

عذاب جو هي طوفان ڪو بي سبب نہ آيو آهي.

ضرور اوهين هڪٻئي کان لاتعلق هئا.

اوهان جا پيٽ پريل هئا ۽ غرور سبب ڪنڌ تاڻيل.

اوهان جي اکين مان رت ٿمندو هو.

اوهين خدا جي زمين تي آڪڙجي هلندا هئا.

اوهان هڪٻئي تي زوري تعصب جي جنگ مڙهي ڇڏي هئي.

علائقا ۽ خطا اوهان جي سڃاڻپ بنيا، پوءِ اوهين نظرين جي ماترين ۾ رستو ڀٽڪي ويا.

هوريان هوريان، هلندي هلندي

اوهين هلندي بُک ۽ غربت جي ماترين ۾ اچي پهتا...

ڪير چوي ٿو ڏڪار آهي... ڪير ٿو چوي تہ اناج ڪونهي،

اوهان دنيا جي تاريخ پڙهي آهي.“

هن رڙ ڪري چيو.

”دنيا ۾ هن کان اڳ بہ بک جي تاريخ ملي ٿي. ڏڪار ۽ سوڪهڙو ايندو رهيو آهي. انسان بُک، بيماري ۽ فاقن سبب مرندا رهيا آهن. پر هن ڀيري ائين ڪونهي. گذريل سال جيڪو ان لٽو هو. ان مان گودام ڀريا پيا آهن.

اٽو پنهنجن گهرن ۾ ڏيئا ٻاريو

اونداهي ختم ڪري سُهائي پکيڙيو.

ڏسو! سج لهي رهيو آهي، اُفق تي لڙهندڙ شام اوهان جي ٻي وسيءَ تي ماتم پئي ڪري.



Marfat.com

”هو سامهون باهه چا جي آهي؟“ هن اشارو ڪندي چيو.
هوءَ ڏور پَري اُفق تي باهه جهڙي روشني ڪهڙي آهي.
متان سوچيو.
سچ لهي ويو... نااميدي ڪفر آهي.
اُتو... شاباس اُتو.
صبح جي اميد جا پاچا اوهان جي متان آهن... پر اوهين بُک جي هٿان انڌا ٿي چڪا آهيو. خدا اوهان کي اکيون ڏنيون، دماغ ڏنوءِ هٿ پير ڏنا.
هوءَ پريان
روشني نظر اچي رهي آهي.
اناج سان ڀريل گودامن تي تالا آهن.
انهن جون چابيون ڳولهيو...
هو پريان وڏيون وڏيون پٽيون... انهن تي چهنبدار تارون آهن، انهن چهنبدار تارن ۾ ڀرندڙ بجلي...
۽ انهن پٽين سان گڏ اهي روشني سان جڳ جڳ ڪندڙ بنگلا ۽ چوڌس روشني.
اُتو غور سان ڏسو.
هو سامهون دونهن اٿي رهيو آهي... اتي اناج جي ڪا به کوٽ ڪونهي.
ڏڪار ڪڏهن هو؟
هڪ افواهه هو... چوڌاري واويلا هئي.
اوهين پکين جيان خدا تي ڀروسو رکو ٿا.
اهو ئي آٽيو ٿا... جيڪو ڪائو ٿا...
اوهان کي مصيبتن جي ڏينهن جو اُلڪو نه هوءِ اوهان افواهن تي ڌيان نه ڌريو... ڌريو به ڪيئن ها... اوهان وٽ ته اناج گڏ ڪرڻ جي لاءِ موڙي به نه هئي.
اُلڪو نه ڪريو.
منهنجي ڳالهه تي يقين ڪريو.
هلو مون سان گڏ.
هنن ماڙين ۽ بنگلن ۾ اوهان جي حصي جو اناج گڏ ڪيو ويو آهي.



Marfat.com

منهنجا ٻچڙو! اوهان جي مهاندن جي تازگي ڪيڏانهن ويئي. اوهان جا نڪ ديڳڙين جي خوشبوءِ محسوس ڪرڻ کان لاچار ڇو آهن.

اوهان جي امڙ اڄا جيئري آهي... هوءَ روئندي ڇنئي رهي آهي.

هيءَ ڌرتي اوهان جي ماءُ آهي... ان وٽ اڄا گهڻو ڪجهه آهي.

هن ڌرتيءَ تي ٻڪ جو پاڇو آهي... هيءَ اُجايل آهي... هن جي اُڃ اوهين هڪٻئي جا دشمن بڻجي نه اُجهايو.

اڄو مون سان گڏ ڪجهه ماڻهو سامهون بيٺا آهن... هو اناج ورهائڻ جي تياري پيا ڪن.

اڄهو اناج ورهائبو ۽ اوهين ڊءُ ڪري کائجو.

اڄ جي رات اونداهي ضرور آهي، پر سياڻي تائين اونداهي ختم تي ويندي پوڙهي مائي اڳيان وڌندي وڌين ماڙين ۽ بنگلن وٽ اچي بيٺي.

هُن جي پويان ماڻهن جو وڏو هنجوم هلي رهيو هو.

اناج ورهائڻ جي خبر پري پري تائين پکڙجي چڪي هئي.

لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ٿيو.

تمام جلد اناج ورهايو ويندو.

قطارن ۾ تي بيهو.

پر ٻڪ جا ماريل ماڻهو هڪٻئي کي پويان ڌڪيندا اڳيان وڌڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهيا.

پوڙهي مائي کين آرام ۽ سڪون سان اڳيان وڌڻ ۽ صبر جو درس ڏيئي رهي هئي.

ڪافي دير کان اعلان تي رهيا هئا. بک جون خبرون عالمي ميڊيا تي نشر ٿيڻ ۾ باقي ڪا دير هئي.

اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي ماڻهن جي پهچڻ تائين بک ۽ اڃ سبب تڙپندڙ ماڻهو مري رهيا هئا.

پوڙهي مائي اناج ورهائجڻ جو اشارو ڪري رهي هئي.

ماڻهو پنهنجي واري اچڻ جي اوسيئڙي ۾ هئا ته ڪيڏي مهل ٿو اناج ورهائجي ۽ هو پيٽ ڀري کائين.

اناج ورهائجڻ جو اوسيئڙو ڏگهو ٿيڻ لڳو... ماڻهو تڙپي تڙپي مرڻ لڳا... ٻارڙا اُڃ ۽ بک سبب تڙپون هڻڻ لڳا.



Marfat.com

پر پٽ جي ڏيگين جا منهن ڪنهن جي اوسيئڙي ۾ هئا.
ڪنهن جو اوسيئڙو
ڇا جو انتظار...
ورهائي ڇڏيو سڀ ڪجهه.
اڃا ڇا پيا ڏسو.
انسان آهيو... انسانن جي بُک ختم ڪريو.
هاڻ ماڻهو وڌيڪ انتظار نٿا ڪري سگهن.
پر هُنن جي ڪنن تي جونءِ به نه ٿي سُري هنن جا پيٽ پريل هئا. هنن جا مهاندا تازا توانا هئا ۽ اکين ۾ چمڪ هئي.
ڪنهن جو اوسيئڙو؟
ڇا جو اوسيئڙو؟
پهرين ته انسانيت ايتري بي وس ۽ مڪار نه هئي جو ماڻهو روئي رهيا هجن، تڙپي رهيا هجن... بُک ۽ اُڃ سبب مري رهيا هجن ۽ ڏاول مهاندن تي ڏک نه هجي.
اناج ڪيڏي مهل ورهائبو... باقي ڪيترو اوسيئڙو ڪرڻو پوندو؟
پوڙهي مائيءَ آڱر جي اشاري سان سيني اڃايلن ۽ بکايلن جو ڌيان پريان ايندڙ گاڏين ڏانهن ڏياريو... جن تي ڪئمرائون ۽ ڊش لڳل هيون.
هاڻ ماڙين ۽ بنگلن جا رهاڪو اناج ورهائيندا.
مرڻ وارؤ! اوهان جون مائرون... اوهان جي روحن کان شرمنده آهن.
اوهان جي ماءُ ڪمزور ۽ هيٺي آهي.
نه ته گرهه ڪسي اوهان جي وات ۾ وجهي ها.
ماڙين ۽ بنگلن جي سامهون ڪئميرائون لڳي چڪيون هيون. تصوير ڪشي شروع ٿي چڪي هئي. ميڊيا وارا اچي چڪا هئا.
شهرت ۽ ناموري جي بُکايلن جي بُک مٽجي چڪي هئي.
اچو! هاڻ اناج ورهائجي رهيو آهي.
جلدي اچو... اڄ سڀ بُکيا... هن حشر جي ميدان ۾ بيهي پنهنجي بُک جو ماتم ڪندا.



Marfat.com

# انڈو پینو

Marfat.com

Marfat.com

هو اڪثر ڪري هُن جي ماءُ وٽ وڃي پنهنجو اندر اوريندو هو جڻ هوءَ سندس سڳي ماءُ هجي.

ريشمان به ڪيس دعائون ڏيندي سدائين چوندي هئي، ”جنهن ڪم ۾ منهنجو پُٽ ڪامیابي ماڻي... الله ڪري تون به ان ڪم ۾ ڪامیابي حاصل ڪرين۽... ۽ تنهنجو نالو ٿئي.“

هوءَ ٻنهي ۾ ڪو به فرق نه سمجهندي هئي. سياري جي مند ۾ هوءَ پشم جي ڏاڳي سان هنن جي لاءِ هڪ ئي رنگ جا سوئيٽر، ٽوپيون ۽ گلوبند اُڻندي هئي ۽ هنن جي لاءِ جوتا ۽ ڪپڙا به هڪجهڙا خريدي ايندي هئي. جيتوڻيڪ پئسن جي ريل ڇيل ته نه هئي، پر گهر جون حالتون سُٺيون هيون ۽ زندگيءَ جو گاڏو سُٺي نموني هلي رهيو هو. هن جي پيءُ به نجي ڪاليج ۾ ترڊ ايئر ۾ داخلا ورتي هئي... پٺهنس جي پگهار مان ڪاليج جي في، گاڏي جو خرچ ۽ گهرو ضرورتن پوريون ٿي ويندیون هيون.

عيد جو ڏينهن هو ۽ پٺهنس نديم عيد نماز جي لاءِ عيدگاهه ۾ پهتو.

اڃا مولوي صاحب پنهنجو خطبو مس شروع ڪيو هو جو ڪجهه ماڻهو زور سان نعره تڪبير الله اڪبر جا نعرا هڻي مسجد مان نڪري ويا. نديم اُٿيو ۽ مولوي صاحب کان موڪل وٺي لائوڊ اسپيڪر تي چوڻ لڳو.“ اڄ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دهشتگردن جو راڄ آهي. انهن ماڻهن جو ڪو به دين ايمان ڪونهي. اسين مسجد ۾ به نعره تڪبير جو نعرو هڻون ٿا ته نمازي ڊڄي ٿا وڃن ته شايد مسجد ۾ آپگهاتي بمبار گهڙي آيو آهي. دهشتگرد اسان مان آهن، پر انهن جي سکيا غلط انداز ۾ ٿي آهي. هو پنهنجي ملڪ جي هٿين خالي ۽ بي گناهه معصوم شهرين کي قتل ڪرڻ کان به نٿا مڙن!“



Marfat.com

هن اجا ايترو مس چيو تہ نعري تڪبير سان گڏ هڪ فائر ٿيو ۽ گوليءِ اچي هن جي سيني ۾ لڳي. توپ جي گولي جهڙي آواز مسجد جون پٽيون ئي ڪنبائي ڇڏيون. ڏسندي ئي ڏسندي لاشن جا ٽڪرا مسجد جي پنکن ۽ ديوارن سان چهٽي ويا. مسجد جي اندرينءَ حصي ۽ اڱڻ ۾ انساني عضوا پکڙجي ويا. عيد جي خوشي موت جي رقص ۾ بدلجي ويئي. گهر گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

شهباز هن جي پاءِ هئڻ جو ثبوت ڏنو. هن جي پيءُ جي جنازي کي دفنائڻ کان وٺي سيني رسمن، ٽيجهي ۽ چاليهي تائين شهباز اڳيرو رهيو.

ڪجھ وقت تہ گهر جو گاڏو گهيلبو رهيو هوريان هوريان جيڪا ميڙي چونڊي هئي، سا ختم ٿي ويئي. ٻيٽس ڪاليج ڇڏي اچي گهر ويهي رهي. ساجد انٽين ڪلاس ۾ فيل هو. هو ڇهن مهينن تائين تہ مختلف هنڌن تي سيلزمين، پٽيوالي ۽ پنگيءَ جي نوڪري ڪندو رهيو ۽ سُٺي روزگار جي ڳولا ۾ در در جي خاڪ ڇاڻيندو رهيو. نيٺ هو بي روزگاريءَ جا ڏينهن گذارڻ لڳو ۽ ڳالھ وڃي فاقن تائين پهتي. گهر ۾ چلھ ٻارڻ بہ مسئلو بنجي ويو. ڦودني جي چٽني يا بصرن جي ڳنڍ سان ماني کيس نڙيءَ مان هيٺ ئي نہ لهندي هئي. هيڏانهن شهباز جون بہ عيدون گذري ويون. هن جي امڙ کيس ڪپڙن جو هڪ وڳو بہ وٺي نہ ڏنو هو ۽ هُن بہ تہ گذريل اٺن مهينن کان مڙي بہ تہ نہ ڏنو هو. هو مُڙي ڏسي بہ ڪيئن ها، کيس انهن جي ڏک پريءِ سڏڪن ۽ آهن ۾ ويڙهيل فاقہ ڪشي جي ڪٿا ٻڌڻ جو ڪو شوق بہ نہ رهيو هو. هونئن بہ شهباز جي پيءُ بي شادي ڪري ورتي هئي ۽ کيس عاق ڪري ڇڏيو هو ۽ هو پيٽ جي دوزخ ڀرڻ جي لاءِ اناج منديءَ ۾ اناج جون ٻوريون ڍوئي ۽ ڪڏهن رازن سان گڏجي سيمنٽ ۽ سرن جون تغاريون کڻي وقت پيو گذاريندو هو.

هيڏانهن ساجد ٿڪجي ٽٽي گهر پهتو ۽ مايوسيءَ مان چيائين "امان! اج بہ نوڪري نہ ملي."



Marfat.com

ڪن ترسي هن چيو "در در جا ڌڪا کائڻ جي بدران سٺو اهو آهي تہ ماڻهو پنڻ شروع ڪري"

"شرم ڪر! ههڙو ڪريل ڪم ڪندين... پنهنجو هڏ ٻت تہ ڏس، محنت ۽ مزدوري ڪر پُٽ!" ريشمان ڪاوڙمان چيو.

"امان تون غلط پئي چوين! جنهن معاشري آپگهاتي حملو ڪري منهنجو پيءُ مون کان کسي ورتو. بابا کان پوءِ انهن اسان جو خيرات ۽ زڪوات ۾ بہ حصو نہ رکيو. ڪنهن واٽ وينديءَ توکي بيوهہ سمجهي پنج سؤ يا هزار جي مدد بہ نہ ڪئي... اهڙي معاشري ۾ پنڻ وڏو گناهہ آهي تہ ڇا ڌاڙا هڻان ۽ ڦرون ۽ چوري ڪريان."

سندس امڙ وضو ڪري مصلي تي ويهي رهي. نماز پڙهي آڱرين تي ڳڻيندي وظيفو پڙهندي، ڪيس پاڻ وٽ سڏي سمجهائڻ لڳي، پر ڪيس ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو. هو گهبرائجي رڙيون ڪرڻ لڳو "امان مون کي تہ ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي! لڳي ٿو تہ منهنجي نظر هلي ويئي آهي... ڇا آئون سچ پچ پنڻ جي قابل وڃي رهندس..."

اهو چئي هو سنئون ڏکهو ٿي کٽ تي ليٽي پيو.

تورو پريرو ڪجهہ ڪبوتر وڻ جي هيٺان مزي سان وينا چوڳو ڪري گُٽر گون گٽر گون ڪري رهيا هئا. پرسان ئي نيلم ويٺي رات جو دال رڌڻ لاءِ مسور جي دال مان پٿريون چونڊي رهي هئي.

هو هڪ ڀيرو ٻيهر زور سان چوڻ لڳو "امان! خدا جي مُهابي... منهنجي حال تي ڌيان ڌر... مون کي ڪجهہ بہ نظر نہ پيو اچي."

ريشمان، نيلم سان گڏ کيس هڪ رڪشا ۾ ويهاري ويجهي ڳوٺ جي هڪ پير صاحب وٽ وٺي ويئي. جتي ڪيترائي گونگا ۽ ٻوڙا دم ڪرائي رهيا هئا... هڪ قطار ۾ انڌا بہ ويٺا هئا. پير صاحب ڀِرين گونگن ۽ پوءِ ٻوڙن تي دم ڪرڻ جي ڪري مشهور ٿيو. پوءِ هن انڌن ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. ماڻهو تولن جا تولا مٺي چٽيندا، روڪڙ، ٻڪرين، ڇيلن، ڪڪڙين، بيدن ۽ ڪير جي صورت ۾ نذر نياز ڏيئي ڪري خوش ٿي موٽي رهيا هئا.



Marfat.com

هڪ پاسي قوال قوالي ڳائي رهيا هئا. ٻي پاسي پير صاحب جي مريدن جي نعرن جي ڌم لڳي پئي هئي... اها فضا ماحول کي وڌيڪ پُر رونق بنائي رکيو هو.

ڪجهه حاضرين وري مسجد جي پنيان قائم لنگر خاني مان گوشت ۽ دال جي ٻوڙ سان گڏ گول گول ڪٽڪ جون مانيون وٺي، لنگر مان پيٽ پوجا ڪري رهيا هئا. ته ڪي همراهه وري بچيل مانين جا ٽڪر پور تبرڪ طور پنهنجي گهر کڻي وڃڻ جي لاءِ پنهنجي شاپنگ بيگس ۾ وجهي رهيا هئا.

واري اچڻ تي هن کي پير صاحب جي اڳيان آندو ويو... پير صاحب هن جون اکيون کوليون ۽ ان تي پنهنجي ٿڪ مکي ۽ چيو" هن کي جلد سڀ ڪجهه نظر اچڻ لڳندو."

ماڻهنس پير جي پيرن کي ڇهي، پنهنجن آڱوٺن کي چمندي اُٿي ابتن پيرن سان هلندي پير صاحب جي حجري مان ٻاهر نڪري ويئي.

"پير سائين ڊاڪٽر آهي ڇا؟" نيلم حيراني مان پڇيو.

"نه ڌيءَ! هيءُ روحاني ڊاڪٽر آهي."

نيلم کي ڀلا ڪهڙي خبر ته روحاني ڊاڪٽر ڪهڙي بلا هوندو آهي.

گهر پهچي ساجد جي ماءُ اطمينان جي ڪيفيت سان ڀرپور ٿي مانيون پچائيندي چيو "ڏسج! منهنجو يقين آهي ته ساجد اج ئي نيڪ ٿي ويندو. منهنجو پير صاحبِ وڏي پُهتل هستي آهي... تون جلدي پاڻهين کي ماني ڏي.. آئون هڪ ڪم سان پاڙي ۾ پئي وڃان."

هيڏان هن ساجد جي بيماري جو ٻڌي، شهباز به اچي پهتو.

"اڙي ساجد ٻڌائي طبيعت ڪيئن اٿئي؟" ڪجهه نظر به اچئي تو يا رڳو نذر ۽ نياز ڏيئي پريشان وينو آهين.؟"

ساجد، شهباز جي ڳالهه جو جواب ڏيڻ جي بدران، سندس ڪن ۾ سربات ڪيو ٻي ڏينهن صبح جو صبح هو سوير شهر جي هڪ چوڪ تي مشهور گذرگاهه تي پهتا، جتان ڪان ماڻهو پل تان لهي شهر ۾ داخل ٿيندا هئا. ساجد اکين جون ماڪيون تيزي سان گهمائڻ لڳو جنهن جي ڪري ماڻهو



Marfat.com

کيس نابين سمجهي پنجن ۽ ڏهن روپين جا نوٽ ڏيندا اڳتي وڌندا رهيا. ٿوري دير کانپوءِ ٻه چار سؤ روپيا ٿي ويا.

”مون کي خبر ڪونهي ته هي ڪيترا آهن... تون پاڻ وٽ رک!“ ساجد نوٽن کي مروڙيندين کيس چيو.

هن گهر پهچي اها رقم پنهنجي امڙ جي حوالي ڪئي. ”ماڻهس جي پڇڻ تي کيس هِتان هُتان ٻه ٻُڌائي ماٽ ڪرائي ڇڏيائينس. ٻي ڏينهن پنهي طئي ڪيو ته ٻي شهر وچي ڪنهن سُني چوڪ تي پنندا سين.

گهر واپس پهچڻ کانپوءِ ساجد لڳاتار ڪنجهندو ۽ چوندو رهيو ”اي الله! منهنجو ڇا ٿيندو. مونکي ڪڏهن نظر اچڻ لڳندو.“

ٻي ڏينهن هو پنهنجي گهر کان پنجويهه ميل پري گوجر خان شهر جي مين بازار سان لڳ جي.ٽي. روڊ تي نهيل اندر پاس جي ڏاڪڻين تي اچي وينا. جتي هر ايندڙ ويندڙ پنج ڏهه روپيا سندن هٿن ۾ ڏيندو گذري ٿي ويو. ساجد کي صحيح نموني پنڻ به نه پئي آيو.

پهرين ڏينهن اتي ڪجهه ڪلاڪ ويهڻ کانپوءِ هو واپس گهر موٽي آيا. ماڻهس گهر مان غائب رهڻ جو سبب پُڇيس ته شهباز حيلا بهانا ڪري ساجد جي اکين جي علاج ڪرائڻ جو چٽي جند ڇڏائي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هڪ ڏينهن شهباز هن جي امڙ کي اطمينان ڏيارڻ جي لاءِ چيو ته اسان کي ٻي شهر ۾ نوڪري ملي ويئي آهي. ساجد جي امڙ هڪ پيرو بيهر جهولي جهلي کيس دعائون ڏنيون. مهيني کانپوءِ جڏهن ڪجهه هزار روپيا هن گهر ڏنا ته ماڻهنس خوش ٿي ويئي.

ريشمان جڏهن کانئس قاتل ۽ ميرا ڪپڙا ۽ بنا پالش جي بوٽ پائڻ جو سبب پڇندي هئي ته ساجد چوندو هو امان مشين تي ڪم ڪرڻ مهل اتي نوان ڪپڙا پائي ٿوروئي ڪو ويهبو آهي. ائين هو چرين جهڙي حالت ۽ ڪيفيت جو روپ اختيار ڪري روزانو اندرپاس جي ڏاڪڻين وٽ ويهي پنندو ۽ شام جو گهر موٽي ايندو هو.



Marfat.com

هن شهباز پنهنجي ڪمائي مان اڌ حصو ڏيڻ تي راضي ڪرڻ چاهيو پر هُن همدرد دوست جو روپ اختيار ڪندي پاڻ کي رڳو نوٽ سڌو ڪرڻ تي مقرر ڪري ايمانداريءَ جو روپ اختيار ڪري رکيو.

هن انڌي هئڻ جو ناٽڪ رچائي رکيو. شهباز ۽ سندس گهروارن، ايتري قدر جو سڄي برادريءَ کي سؤ سيڪڙو پڪ ٿي ويئي ته ساجد انڌو ٿي چڪو آهي. سندس انڌي پڻي جو سڀ کان وڏو فائدو شهباز کي هوءَ جيڪو ملندڙ خيرات مان سؤ ۽ پنج سؤ جا نوٽ پاڻ رکي ڇڏيندو هوءَ ڪيس پنجين ۽ ڏهين جا نوٽ ڏيندو هو.

هو اهو سڀ ڪجهه ڏسندي به صبر جو عملي مظاهرو ڪندي، دل ۽ زبان تي جبر ڪندي پنهنجي سوچ، جذبن ۽ ڪاوڙ کي اندر ئي اندر دٻائيندو رهيو. ائين اهو ڪم ڪندي ڪين ڪيترائي سال گذري ويا.

هيڏانهن ساجد صبر جو عملي مظاهرو ڪندو رهيو. ڏهن سالن ۾ شهباز شادي به ڪري ورتي ۽ ڪافي پئسا به ميڙي ورتائين، پر انڌي هئڻ جو ڊرامون ڪندي به ساجد ٻن وقتن جي ويلن ۽ پيٽ جا تعليمي خرچ ڏڪيائي سان پورا ڪندو هو. ڪيس رات ڏينهن پنهنجي پيٽ جي شاديءَ جو فڪر کائڻ لڳو پر حالتون سازگار هجن ته اهو سڀ ڪجهه ممڪن ٿئي.

هڪ ڏينهن هو اندر پاس وٽ وينو صدا هڻي رهيو هو "اي بابا ڏيئي وڃ واٽ الله جي... فقير کي..."

اها صدا ٻُڌي هڪ شخص هڪدم پويان مڙيو ۽ پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي ساڍي ستين هزار روپين جو انعامي بانڊ ڪشتي ۾ وجهي هليو ويو.

شهباز انعامي بانڊ ڏسندي ئي پنهنجي ڏهاڙي ڪڙي ڪري ورتي. ان شام جو نوٽن کي ترتيب ڏيندي هن معمول موجب انعامي بانڊ سان گڏ سئو ۽ پنج سؤ جا نوٽ به سنيالي گهر روانو ٿي ويو. گهر وڃي هن پنهنجي الماڙي جي اندر ڪچي پينسل سان انعامي بانڊ جو نمبر لکي قرعه اندازي جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو.

ساجد به معمول موجب گهر روانو ٿي ويو.



Marfat.com

اڄ ماڻهنس ڳوٺان آيل ديسي گيهه ۾ ڀڳي ڏاڍو سنو ساڳ رڌيو هو. ڪيس گهر پهچندي ئي اهو ڪائڻ جي لاءِ ڏنو ويو. پر سندس بک مري چڪي هئي. ڪيس انعامي بانڊ جي ائين وڃڻ تي سخت ارمان هو. اندي هئڻ جي ناتڪ جي ڏپ سبب هو ڪجهه ڪجي پُڇي به نه پي سگهيو. ساجد طبيعت جي ناسازي جو بهانو ڪري ڪجهه به نه کاڌو.

اهو ڏينهن آرسڙ جي سخت گرميءَ جو ڏينهن هو ۽ رات به بي حد گرمي هئي. هن اها سڄي رات پاسا ورائيندي دل ئي دل ۾ شهباز جي دوستي ۽ پنهنجي حق تلفيءَ تي پنهنجو پاڻ سان بحث ڪندو ۽ دليل ڏيندو رهيو. صبح ٿيندي ئي هو پنهنجي ڪم تي روانو ٿي ويو پر ڪيس شهباز کان نفرت ٿيڻ لڳي.

ڪجهه مهينن کانپوءِ هڪ ڏينهن شهباز ڏاڍو خوش نظر آيو.

هو هن کي ايترو خوش ڏسي سمجهي ويو ته ڪا ڳڙ ٻڙ ضرور آهي. ٿوري دير کان پوءِ شهباز پاڻ ئي چوڻ شروع ڪيو "يار توکي هڪ خوشخبري ٿو ٻڌايان... گهڻو اڳ مون هڪ انعامي بانڊ ورتو هو... ڪلهوڪي شام واري اخبار ۾ نمبر چيڪ ڪيم ته منهنجو هڪ ڪروڙ روپين جو انعام نڪتو آهي... هاڻ آئون چاهيان ٿو ته ڪو سنو ڪاروبار ڪريان... ۽ هائو توکي اهو ٻڌائڻ وسري ويو ته ڪجهه ڏينهن کانپوءِ جڏهن اها انعامي رقم ملنديم ته پنهنجي گهر ۾ هڪ جشن جو بندوبست ڪندس. تون به اچج... پر ان ڳالهه جو خيال رکج ته اها ڪنهن کي به خبر نه پوي ته آئون هت تو سان گڏ ويهندو هئس."

اهو ٻڌي ساجد جي اکين مان لڙڪ ڳڙهي پيا.

هن جا لڙڪ ڏسي وات ويندڙن پنجن ڏهن جي بدران پنجاهه سؤ جا نوٽ ڏيندا ويا. ٿوري دير کانپوءِ شهباز کانئس موڪلائي هليو ويو. هو سڄو ڏينهن اڪيلو ئي وينو رهيو ۽ شام ڌاري معمول جي رقم ڌار ڪري هو گهر روانو ٿي ويو. ان ڏينهن شهباز جو حصو به هن جي هٿ ۾ هو ۽ هن ايترا پئسا گهر کڻي وڃڻ نه پي چاهيا. جو ته اها ٽيڻ تي رقم هئي. گهر ويندي هن ٻي چوڪ تي وينل هڪ اپاهج پينو جي ڪشتي ۾ اهي پئسا وجهي ڇڏيا.



Marfat.com

هڪ هفتي ڪانپوءِ شهباز وٽس اندر پاس وٺ آيو ۽ چيائينس، "ساجد! اڄ مون کي انعام مليو آهي. جيڪو آئون بريف ڪيس ۾ گهر رکي آيو آهيان. اڄ شام جو گهر ۾ پارٽي رکي اٿم... تون به اچج... پر سٺا ڪپڙا پائي اچج... ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته تون اندو آهين."

هو ڪائنس ڪستو وٺي ڪيس گهر تو روانو ڪري.

ساجد شام جو نهي جڙي، پينٽ ڪوٽ پائي پوري وقت تي هُن جي گهر پهچي ويو. شهباز پنهنجي گهر ۾ ساز ۽ طبلي جي ڌن تي خوب نهي جُڙي تيلارا ڪري رهيو هو. هن جي گهر مزمانن جي آمد جاري هئي. هو ساجد کي گهر جي مٿين منزل تي وٺي ويو ۽ الماڙيءَ مان بريف ڪيس ڪڍي، هن جو هٿ جهلي پنجن پنجن هزارن جي ٿهيءَ تي ڦيرائيندي چوڻ لڳو "هيءَ اها انعامي رقم آهي."

پوءِ هن بريف ڪيس الماڙي ۾ رکيو ۽ چابي ڪمري ۾ هڪ مخصوص هنڌ تي رکي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. ڪيس پوري پڪ هئي ته هو ڏسي نٿو سگهي ۽ بيگ ۽ چابي محفوظ آهي. هو ڪيس وساري مهمانن سان ملڻ جلڻ ۾ لڳي ويو.

شهباز جي وڃڻ ڪانپوءِ ساجد چابي کنئي ۽ الماڙي کولي بيگ ڪڍي هيٺ لٿو ۽ گم ٿي ويو.

پارٽي دوران هو ساجد کي بلڪل وساري وينو ته هو موجود آهي يا نه. هيڏانهن ساجد سڌو گوجر خان ريلوي اسٽيشن تي پهتو ۽ ريل ۾ چڙهي ڪراچي روانو ٿي ويو.

پارٽي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ شهباز خان سڌو ڪمري ۾ پهتو ۽ ٿڪ سبب بستري تي ليٽندي ئي سمهي پيو.

صبح جو جڏهن ننڊ مان اُٿيو ته جلدي وهنجي سهنجي تيار ٿي، ناشتو ڪري، گهر مان نڪرڻ کان اڳ جيئن ئي هن الماڙي کولي ته ٽپ ئي نري ويس. صدمي سبب سندس حوصلا ئي خطا ٿي ويا. هن جي ذهن ۾ عجيب خيال ڦرڻ لڳا. هو سڌو اندر پاس پهتو پر اُتي ساجد کي موجود نه ڏسي، ذهن



Marfat.com

۾ هزارين خدشا پالي هو هن جي گهر پهتو. جتي ماڻهنس ٻڌايس ته، ”هو ڪالهه تنهنجي دعوت کانپوءِ واپس گهر پهتوئي ڪونهي.“

هن هڪدم امڙ جي وات تي هٿ رکي کيس خاموش ڪرائي ڇڏيو.

پوءِ هو ساجد کي ڳولهڻ لڳو...

۽ ساجد جي ڳولا ۾ هن زمين ۽ آسمان هڪ ڪري ڇڏيو...

نيٺ ٿڪجي ٽٽي هو ويهي رهيو. کيس ڪنهن مهل بي هوشين جا دورا پوڻ لڳندا هئا ته ڪنهن مهل التي... هو ڪيترن ئي خفقانن ۾ گهيرجي تي ويو ۽ نيٺ بيمار ٿي پيو ۽ نوبت اچي فاقن تائين پهتي. شهباز کي ڪو اولاد ته ڪونه هو. جوڙهنس قرضين کان تنگ ٿي ڪو ڪم ڪار ڪرڻ جي لاءِ چوندي هئي.

نيٺ هو ان ئي مجذوبانه حالت ۾ ڪستو ڪٽي انڊر پاس وٽ انڌي هئڻ جو ناٽڪ ڪري اچي پنڻ لڳو. سندس دوست شريفو به ساڻس گڏ اچي ويهندو جيڪو نوٽ سڌا ڪرڻ تي مقرر هو. هو سؤ پنج سؤ جا نوٽ پنهنجي کيسي ۾ رکندو هو جڏهن ته پنجين ڏهين ۽ ويهين جا نوٽ کيس ڏيئي ڇڏيندو هو. هو فقط هڪ ئي جملي سان هر لنگهندڙ جو ڌيان ڇڪرائي وٺندو هو“. رات وچ ۾ ڪروڙين روپيا لٽجي وڃن ٿا. ڏيئي وڃو الله جي نالي پنج ڏهه روپيا بابا...“

وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيو.

کيس پنندي پندرهن سال گذري ويا... ماڻهو گوجر خان جي انڊر پاس وٽ ويٺل فقير شهباز جي ڪستي ۾ پنج ڏهه روپيا وجهي گذري ويندا هئا.

هڪ ڏينهن پينٽ ڪوٽ ۾ هڪ رعبدار شخص، قد جو ڊگهو ۽ ڪلين شيوَ عمر پنجاهه سالن جي لڳ ڀڳ، پر هلت چلت نوجوانن جهڙي، انڊر پاس وٽ اچي بيٺو ۽ پنندڙ شهباز کي ڌيان سان ڏسڻ لڳو. جيڪو خيرات گهرندي، ”ڏيئي وڃ بندا نالي الله جي“ جون صدائون هڻي رهيو هو.

ايتري ۾ هڪ شخص اتان لنگهيو ۽ ان هڪ پندرهن هزارن جو انعامي بانڊ ڪستي ۾ وڌو ۽ اڳتي وڌي ويو. ساڻس ويٺل شريفو اهو بانڊ ڪٽي هڪدم پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو.



Marfat.com

هن ڇرڪي ڪنڌ مٿي ڪنيو... ساجد کي سڃاڻڻ جي باوجود بہ هو چپ هوءِ انڌي هئڻ جو ناٽڪ جاري رکيائين.

ساجد ڪيس تيز نظرن سان ڏٺو ۽ مُرڪي روانو ٿي ويو.

پندرهن سالن کان پوءِ بہ اندر پاس جو ماحول اهڙو ئي هو. فرق رڳو اهو هو تہ ساجد جي جاءِ شهباز ۽ شهباز جي جاءِ سندس دوست شريفو اچي والاري هئي. جيڪو نوٽ سڌا ڪندي همدرد دوست جو روپ اختيار ڪري وينو هو.

هو اهو سڄو منظر اکين ۾ سمائي فئڪٽري روانو ٿي ويو.



Marfat.com

# کروڑ پتی

Marfat.com

Marfat.com

هن تڙ تڪڙ ۾ مينهون ڏهي، پوءِ پنهنجي پٽ کي سڏ ڪيو ”سعيد او سعيد پٽ ڪٿي آهين؟“

”اڇان پيو بابا!“

”ٿورو اهو ته ڏسي اچ ته اسلم گهر آهي. آئون تيو ڏينهن پڙيءَ مان ٻڪرو وڪڻي پيو آيس جو هن مون کان هڪ ڏينهن جي لاءِ ٻه هزار روپيا اُڌارا ورتا هئا پر اڄ ٽيو ڏينهن آهي... سندس ڪو اتو پتو ئي ڪونهي...“

هن ڪل روڪيندي چيو ”عجيب ڳالهه آهي... هو ته اجا ٻه مهينا اڳ اناويهن سالن کانپوءِ انگلنڊ مان واپس وريو آهي... هن اوهان کان پئسا ڪيئن اُڌارا ورتا.“

”هل ڙي ڇورا! پيءُ جي ڳالهه کي مذاق نه سمجهه... وڃ جلدي ڏسي اچ!“

”ٺيڪ آهي بابا.“ اهو چئي هو ٻاهر هليو ويو.

ٿوري دير کان پوءِ هو واپس آيو ۽ چوڻ لڳو ”بابا آئون گهر ويو هوس انس، ان مهل ته هو گهر نه هو... باقي جڏهن واپس پي آيس ته هو گهر ڏانهن پي ويو.“

اهو ٻڌي هن گوڏ کي ڇڪي ٻڌو ۽ مٿي تي پڳ رکي جلدي جلدي اسلم جي گهر روانو ٿي ويو.

اسلم جي گهر جي دروازي تي پهچي هن دروازو ڪڙڪائي چيو ”اسلم... او... اسلم ٻاهر ته اچ!“

هو دروازو کولڻ کانسواءِ هلڪي آواز ۾ ڪجهه چوندو دروازي وٽ پهتو ”اچان پيو بشير اچان پيو... تنهنجا اڌارا پئسا جو واپس ڏيڻا اٿم... وڏو اچي ويو رئيس!“

پوءِ هن دروازو کوليو ۽ چيو ”اچ بشير... اندر اچ!“



Marfat.com

”نہ! مون کي ٻہ هزار ڏي... آئون تڪڙو آهيان...“

”بشير! آئون سُياڻي بئنڪ ويندس... اڄ آچر جو ڏينهن آهي... نہ تہ اڄ ئي ڏيئي ڇڏيانوَ ها... سياڻي پئسا ڪڍي توکي گهر اچي ڏيئي ويندس... ۽ هٿ ٻڌي معافي بہ وٺندس.“

هو اسلم جي ڳالھ تي اعتبار ڪري گهر موٽيو آيو... پوءِ ايندڙ سڄو هفتو هو ۽ پٽهنس اسلم جي گهر جا چڪر هڻي هڻي ڪَڪ تي پيا. جيڪڏهن هو گهر هوندو هو تہ پٽهنس طاهر کان اهو چورائي موڪليندو هو تہ "بابا گهر ۾ موجود ڪونهي!“

نيٺ تڪي ٿَڪي هن ٻن هزار جو خيال ذهن مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ڏينهن رات پنهنجي ٻڪرين، ڍڳين ۽ مينهن جي لاءِ گاھ ڦِني ۽ چاري جي بندوبست ۾ لڳو رهيو.

شادي مرادي، موتي فوتي جت بہ اسلم، بشير کي ڏسندو هو تہ ڪانئس نظرون ڦيرائڻ لڳندو هو ۽ هيڏانهن هوڏانهن لڪڻ لڳندو هو. هن انگلنڊ ۾ جيڪا محنت مزدوري ڪري ميڙي چونڊي ڪئي هئي.

انگلنڊ مان واپس ورڻ کانپوءِ ڪافي عرصي تائين گهر ۾ اڳ ۾ ئي موجود نسل در نسل گهر جي پاليل ٽن مينهن جي کير، مکڻ ۽ گيھ کي وڪڻي ۽ گڏوگڏ ٻني ٻاري جي اُپت مان گهر جو خرچو هلندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن وري پاڙي اوڙي يا هِتان هُتان اوڌر سوڌر ڪڍي ڪم پيو ٽپائيندو هو ۽ پوءِ گيھ جي وڪري ۽ فصل جي لاباري تي اناج وڪرو ڪري اهو قرض لاهي ڇڏيندو هو.

اسلم جي ان عادت جا قصا نہ رڳو پنهنجي ڳوٺ، پر آسپاس جي چئن پنجن ڳوٺن جا ماڻهو ائين چسڪا وٺي مزي سان بيان ڪندا هئا، ڄڻ اهي، سب رنگ ۽ نيرنگ خيال ڪتابن جا دلچسپ قصا يا وري پطرس بخاري جي مزاح نگاري جو تذڪرو هجي. جيڪو ٻڌ ۽ پيٖر جي وڏن ۽ شاهوڙ وٽن هينان ويهي ٻڌائڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. انهن دلچسپ ۽ ڪلائيندڙ قصن مان سندس پُٽ اسلم بہ ڏاڍو مزو وٺندو هو ۽ هو پنهنجي پيءُ تي طنز جا تير هلندو ڏسي چو نہ خوش ٿئي ها. چو تہ هن پنهنجي پيءُ کان بہ



Marfat.com

ڪاروبار ڪرڻ جي لاءِ بہ لڪ گهريا هئا. جيڪي هن نہ ڏنس ۽ هن سوا بہ ڪروڙ روپيا اهو فڪس ڊپازٽ ۾ رکرائي ڪيس نصيحت واري انداز ۾ اهو چئي تاري ڇڏيو تہ "اهي مون محنت سان ڪمايا آهن. تون بہ پنهنجي محنت سان ڪمائي... منهنجي ميڙي چونڊي تي عياشي نہ ڪر... سياڻي جيڪڏهن تون ڪاروبار تباھ ڪري ۽ منهنجي ميڙي چونڊي پوڙي منهن پيلو ڪري اچي منهنجي اڳيان ويهين تہ آئون توکي ڇا ڪري سگهندس؟"

ڪافي عرصو تہ هن جي گهر جو گاڏو ائين ئي گهلبو رهيو. هوريان هوريان پاڻ ۽ ٻچ بہ مهنگا ٿيندا ويا ۽ ڪيس ٽريڪٽر سان زمين ڪيڙائي، في ڪلاڪ جي حساب سان زمين ۾ پوکي ڪرائڻ ۽ لاباري مهل ڏهاڙي مزدورن کي هزارين روپيا مزدوري جا ڏيئي ڪٽڪ ۾ لابارو وجهرائڻ ڏکيو ڪم نظر اچڻ لڳو.

هو سوا ٻن ڪروڙ روپين مان ملندڙ منافعي مان گهر جو خرچ پکو هلائڻ ڪفر سمجهندو هو. بس هو نفعي مٿان نفعو ميڙيندو ويو ۽ جڏهن هو پنهنجي اها ميڙي چونڊي خرچڻ جو سوچيندو هو تہ سندس رنگ ئي ڦٽي ويندو هو ۽ تنگون ڏکڻ لڳنديون هيس ۽ وات مان اکر بہ نہ اُڪلبو هئس، هو جي ڪنهن محفل ۾ هوندو هو تہ ماڻهو سندس اها حالت ڏسي ڪيس پنکي جي هيٺان وهاريندا هئا. هٿ پير مهٽي ۽ چمچي سان شربت وات ۾ وجهندا هئس.

هن جا ڏينهن ڪل خوشيءَ ۾ گذري رهيا هئا. هڪ ڏينهن هن ڪجھ زميندارن جي اها بي چيني ڏسي تہ اڄڪلھ زمينداريءَ ۾ ڇا رکيو آهي. هن پنهنجو ڌنڌو بدلائڻ جو سوچيو.

ڳوٺ جو مشهور درزي سفيرو جيڪو سندس ننڍپڻ جو دوست هو ۽ هي ان وٽ وڃي پنهنجو اندر اوريندو هو. جيڪو وري هن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندو هو. ڪيس اسلم جي عادتن جي تہ اڳ ۾ ئي خبر هئي تہ اسلم چمڙي وڃي دمڙي نہ وڃي جي اصول تي عمل ڪندو ايندو هو. ان هوندي بہ هن اسلم جو امتحان وٺڻ جي لاءِ چيو "يار اسلم! جيڪڏهن بہ نيون سلائي مشينون خريد ڪري ڏي تہ منهنجي هنن هٿ وارين سلائي مشينين مان



Marfat.com

جند ڇُٽي وڃي... تون بہ اڃي مون سان گڏ ڪپڙا سلائي ڪر. اڄڪلهہ سلائي جا اگهہ چڱڙا آهن... ۽ گذر سفر بہ ٿي ويندو."

ٿوري دير سوچڻ ڪانپوءِ هو راضي ٿي ويو. ٻي ڏينهن نئين سلائي مشين خريدڻ ڪانسواءِ ئي هن جي دڪان تي اچي چيائين، "اڄ ارڙهين تاريخ آهي. ڏهن ٻارهن ڏينهن کان پوءِ پهرين تاريخ تي ملندڙ منافعي مان بہ نيون سلائي مشينون خريد ڪري ايندس."

اهو ٻُڌي سفيرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن دوڪان سان لڳ هوٽل جي بيري کي سڏ ڪري چيائين، "طاهر او طاهر بہ ڪوپ چانهہ جا تہ ڪٽي اچ... ۽ ها ڪيڪ ۽ بسڪوٽ بہ آڻج!" اسلم جي پُٽ طاهر چانهہ اچي ميز تي رکي ۽ پنهنجي پيءُ کي ڏسي سگريٽ جو ڪش هڻندي وڏو ٺهڪ ڏنائين. هو پنهنجي پُٽ جي ان حرڪت تي صفا چڙي پيو. سفيرو چوڻ لڳس، "اسلم يار! خير آهي... تنهنجو پُٽ آهي... ڪيس بہ ڪنهن ڏنڊي ڏاڙيءَ سان لڳائي ڇڏ... سڄو ڏينهن پيو هوٽل تي بيراگيري ڪري ۽ ٽانوَ ٽپا ڏوئي." ڪن ترسي وري چيائينس، "الله توکي نوازيو آهي ان مان ڪجهہ غريبن کي بہ ڏي. گهٽ ۾ گهٽ ڳوٺ جي ٻن ٽئن يتيم نياڻين جي شادي ئي ڪرائي ڇڏ... ڪنهن غريب يتيم جي اسڪول جي في ڏي ۽ ڪيس ڪتاب وٺي ڏي.. ڪنهن غريب جو ٻار لکي پڙهي انسان بنبو تہ توکي بہ سڪون ملندو ۽ تنهنجي آخرت بہ سنوارجي ويندي."

هن پنهنجي مُٺ ۾ جهليل سگريٽ کي زور سان دٻائيندي، منهن آسمان ڏانهن ڪندي ڊگهو ڪش هڻندي وات مان دونهن ڪڍندي چيو "اوءِ سفيرا يار... گهڻي نصيحت نہ ڪر... آئون پهرين ئي ڏينهن کان وڏي سڪون ۾ آهيان... ۽ آئنده اهڙيون ڳالهيون نہ ڪج... پائيواري هوندي بہ سني شيءِ ڪونهي... چوندا ڪونهن تہ پائيواري جو پيت بہ ٻُڇڙو... اڃا ڪم ئي شروع نہ ڪيو اٿئون جو تون وينو وڏو ڪڍين!"

"چڱو چڱو... هاڻ ناراض نہ ٿي... چانهہ پي ۽ ڪيڪ کاءُ!" سفيري مُرڪندي چيس.



Marfat.com

”پيئان ٿو تنهنجي چانهه ب... اچا ته منهنجي ڪي ٿو سگريٽ ۾ رهيل ب ٽي ڦوڪون ته پري ونان!“ پوءِ هو سگريٽ جي بچيل ٽوٽي مان ڪش هڻي، اهو اچلڻ جي بدران ماچيس جي ڪوڪي ۾ وجهي ٿو ڇڏي.

چانهه پي پوءِ هو ماچيس جي ڪوڪي مان ٽوٽو ڪڍي، ان جي ڪپهه تي تيلي ويڙهي پنهنجن ڪنن مان مير ڪڍڻ ٿو لڳي.

اسلم ڪي سفيري درزي جي دوڪان تي ڏسي ماڻهو مڙي تا اچن. ماڻهو اهو سمجهي رهيا هئا ته شايد انگلنڊ ۾ اسلم درزي هو. تنهنڪري نت نيون ڊزائنون سلائي ڪندو. ان رش جو فائدو اسلم کي ئي ٿيو جو ڪيس بئنڪ مان پئسا ڪڍرائڻ جي ڳهرج نه پئي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سلائي جي پئسن مان ٿوري رقم سفيري کي ڏيئي ڇيائين. هنن ۾ تون بيا پئسا وجهي هڪ نئين مشين خريد ڪري وٺ. ڇو ته آئون ڀائيواري جي ڌنڌي ۾ پنهنجي طرفان به سلائي مشينون خريد ڪري رسڪ کڻڻ نٿو چاهيان.

ڪيس جڏهن به گهرجي خرچ لاءِ پئسا کپندا هئا ته هو سفيري کان اڌارا وٺندو هو يا ڪاڪي هوٽل واري کي چوندو هو ته طاهر کي پگهار نه ڏج. هي سگريٽ پي پئسا دڦ ٿو ڪري ڇڏي. گهر ۾ ته ٽڪو به نٿو ڏي!“ ڪاڪا، طاهر کي ڪيسي خرچي ڪانسواءِ باقي سڀ پئسا اسلم کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

اسلم جي ڪنجوسي ۽ اوڏر کڻڻ جون ڳالهيون عام هيون پر ڪيس انهن ڳالهين جي ڪا به پرواهه نه هئي. هن جيڪي اناويهه سال پرڏيهه ۾ محنت مزدوري ڪري ڪروڙين روپيا ميڙيا هئا، اهي زيان ڪرڻ نٿي چاهيا.

سندس ڪنجوسي سبب مٽس ٿيندڙ ٽوڪون ۽ چٿرون سهڻ سان گڏ پنهنجي بي عزتي برداشت ڪرڻ ۾ به پنهنجو مثال پاڻ هو. اسلم جهڙا مرچوٽ صدين ڪانپوءِ ٿي جنم وٺندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو ڊگهي عرصي تائين، سندن جيئري ۽ مُئي ڪانپوءِ ماڻهن جي ڪل ڀوڳ، قصن ڪهاڻين ۽ وقت گذارڻ جو ذريعو بنيل رهندا آهن ۽ هو اهڙن جي ذڪر مان پنهنجي بوريت ختم ڪندا آهن.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ اسلم جي هڪ غريب گهراڻي مان ڏاج نه ڏيڻ جي شرط تي شادي ڪرائي ڇڏي ۽ پوءِ جڏهن پٺهنس طاهر گهرجي خرچ پڪي



Marfat.com

جي ٻورائي نہ ڪري سگھيو تہ اخبار ۾ اشتهار ڏيئي پنهنجي اڪيلي پُٽ کي عاق ڪري ڇڏيائين. هاڻ هو ويچارو ڪسمپرسي جي زندگي گذارڻ لڳو ۽ پنهنجي ڪروڙ پتي پيءَ جي ظلم ۽ ستم تي ماتم ڪرڻ جي بدران سندس ڳالهين تي کلندو رهندو هو.

اهو تہ طاهر جو ظرف هو جو هن ايترين زيادتين جي هوندي بہ جيئڻ جو فن سکي ورتو هو.

هڪ ڏينهن طاهر رمضان جي مهيني ۾ تيز اُس ۾ حڪومت پاران غريبن جي لاءِ سستي اٽي جي اسڪيم واري ٽرڪ واري قطار ۾ بيٺو اٽو وٺي رهيو هو اتفاق سان ان ئي قطار جي آخر ۾ سندس پيءُ اسلم بہ بيٺو هو.

هو اٽي جي ٿيلهي وٺي سائيڪل تي ٻڌي رهيو هو جو اوچتو گوڙ ٿي ويو ۽ هو ڊڪندو ميڙ ۾ ويو ڏٺائين تہ پٺهس اسلم اُڄ جي شدت سبب بي هوش ٿيو ڪريو پيو هو ۽ ماڻهو سندس وات ۾ پاڻي وجهي رهيا هئا. هن لڙڪ اُگهندي ٿيلهو هڪ طرف رکيو ۽ پٺهنس کي سنيالي سائيڪل تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسلم جي وات مان گجي نڪري رهي هئي، هو غريبن جي قطار ۾ بيٺو ڪروڙين روپيا بئنڪ ۾ گڏ ٿيل ڇڏي مري چڪو هو.

طاهر روئندي پنهنجو هٿ هٿي ڪري ڏڪندڙ آواز ۾ چيو ”ڪنگلو ڪروڙپتي اڄ گذاري ويو.“

ٻي ڏينهن اخبارن ۾ اها خبر ڇپي تہ ”انگلنڊ مان واپس آيل ڪروڙ پتي اسلم، هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. هن پويان چار ڪنواريون ڌيئرون، اڪيلو پُٽ ۽ زال کي سوڳوار ڇڏيو آهي.“

✍



Marfat.com

# چیڑھ

Marfat.com

Marfat.com

سڄي ڳوٺ ۾ چوڌري مراد سان ڳالهائڻ جي ڪنهن ۾ همت ئي نہ هئي، هو نہ رڳو ڳوٺ ۾ پنهنجي ذاتي زمين جي پوکي راهي، پر ڇيڙي نبيري ۾ اڳي ڪاري جو بہ ڏٺي هو.

هن جي حويليءَ ۾ ترڪي نسل جي سُهڻين گهوڙن ۾ ساهيوال مان آندل اعليٰ نسل جي نيل ڪنٺ ڍڳين جي خذمت ڪندڙ وڏي وهيءَ وارن نوڪرن ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ اندر اچڻ جي موڪل نہ هئي.

هو جڏهن اچي ڪاٺ جي وَر ڏنل پڳ مٿي تي رکي پنهنجي مُڇين کي هٿ سان وٽي، هٿ ۾ وڏي لٺ کڻي پنهنجي ٻنين ڏانهن ويندو هو تہ رستي هلندي ڳوٺ جا ماڻهو هٿ ٻڌي بيهي رهندا هئا. ڪي تہ جهڪي پيرين پوندا هئس تہ ڪي وري ٻنين جي ٻيڇرن جي اوٽ ۾ لڪي ويندا هئا تہ جيئن چوڌري مراد کين ڏسي نہ سگهي. هن جي ظلم ۽ ڏاڍ مڙسيءَ جا قصا بيان ڪندي بہ ڳوٺ وارا ڊڄندا هئا.

ڪٽڪ جي لاباري مهل شايد ڪو ڀاڳ وارو ئي بچي سگهندو هو هو هارين کان ارڙهن ڪلاڪ ڪٽڪ جي لاباري جو ڪم وٺندو هو ۽ مانيءَ ۾ وري مسور جي هڪ ڪلو دال ۾ پنج ڪلو پاڻي جي حساب سان اهڙي تہ پتڙي ڪري نهرائيندو هو جو وضو جي ڪونئرن ۾ وجهي، ڪجهہ نوڪر هٿن ۾ اهي ڪونئرا کڻي، سيني هارين کي هڪ قطار ۾ ويهاري هڪ هڪ ماني سندن هٿن ۾ ڏيئي ڪونئري مان پتڙي دال جو ڊُڪ پرائي ٽڪڙو اڳتي وڌي ويندا هئا.

ڪجهہ نوڪر اهو ڪم سرانجام ڏيڻ جي لاءِ مقرر ٿيل هئا. مهذب نموني پليٽ ۾ ٻوڙ وجهي ڪارائڻ هن جي روايت ۾ نہ هو. هو اڪثر گهر ۾ ٽنگون ٽيڙي وينو هوندو هو ۽ پنهنجين ٽنگن ۾ ڪنهن کي زور ڏيندڙ



Marfat.com

نوڪرن کي پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جي سخت گيري، ظلم ۽ جبر جا قصا وڏا وڏا ٿهڪ ڏيئي پيو ٻڌائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري جڏهن جوش ۾ اچي ويندو هو ته ڪنهن نوڪر کان پُڇاڻون شروع ڪندو هو. ۽ پوءِ لتن ۽ مُڪن سان ان جي ناهوڪي مرمت ڪندو هو.

هڪ رات حويليءَ مان ڪنهن عورت جون رڙيون ۽ دانهون ٻُڌڻ ۾ آيون، هو هڪ اڌ وهيءَ واري عورت کي چهبڪ سان ماريندو گھِليندو حويليءَ جي ٻاهرين ميدان ۾ وٺي وڃي رهيو هو. ڳوٺ جي هر عمر جون عورتون، مرد ۽ ٻارڙا گڏ ٿي اهو تماشو ڏسڻ لڳا، هو ڪيس چهبڪ هڻندو ويو. اهو چئي رهيو هو ته، "جي وري ايئن چيئي ته تنهنجي جسم جون ٻوٽيون ڪري حويلي جي ڪُتن جي اڳيان وجهندس."

اها عورت رڙيون ڪري ماڻهن کي مدد جي لاءِ سڏي رهي هئي، پر اهو ڏکوئيندڙ منظر ڏسڻ ۽ دل ئي دل ۾ ڪڙهڻ جي باوجود به ڪنهن کي به اها همت نه ٿي جو هو ڪيس ڇڏائي. ان عورت جو ڏوهه اهو هو ته هن ڪجهه ڏيهاڙا اڳ هن جي ڌيءَ "ضميران" جي باري ۾ چيو هو ته اها ڪيڏي نه سُهڻي ڇوڪري آهي، پر چوڌريءَ جي برادريءَ ۾ هن جو ڪو به مَٽ ڪونهي، جيڪو ڪيس پرڻائي وٺي وڃي... هاءِ ويچاري سڄي وَهي ڪنواري ئي رهندي

چوڌري مراد جي پنهنجي زال به هن جا ظلم ۽ جبر سهندي سڏڪي سڏڪي مري ويئي هئي. هاڻ حويليءَ ۾ سندس پُٽ تيمور ۽ ڌي ضميران انهن جي غير موجودگيءَ ۾ نوڪرن چاڪرن تي حڪم هلائيندا هئا.

ضميران کي پنجين ڪلاس ۾ ئي اسڪول مان ڪيرائي اهو چئي گهر ۾ ويهاريو ويو ته ڇوڪرين جي پڙهڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي. چاڪاڻ ته هو پاڻ به اڻ پڙهيل هو. تنهنڪري ڪيس تعليم جي اهميت جي خبر نه هئي. هو تعليم کي فقط روزي ڪمائڻ جي لاءِ ضروري سمجهندو هو. پر سندس پُٽ تيمور پنهنجي شوق سبب بي . اي جو امتحان پاس ڪري چڪو هو ۽ هاڻ پرڏيهه ۾ تعليم جا خواب ڏسي رهيو هو.

چوڌري مراد جي حويليءَ ۾ ڳوٺ جو ڪوبه ڇوڪرو گهڙي نٿي سگهيو پر "دتو لوهار" جو پٽ عمران عرف پهلوان، ڪڪڪ جي لاباري وارن ڏينهن ۾ ايندو ويندو رهندو هو. ان جو سبب اهو هو ته هڪ ڀيري جڏهن چوڌري



Marfat.com

ٿاڦڙجي ڪري زخمي ٿيو هو تہ ڪيس اسپتال پهچائڻ ۾ ڪجھ ڏينهن جي خدمت چاڪري جي ڪري هن جي دل ۾ ٿوري جاءِ جوڙي ورتي هئائين. هو ڪيس پُٽ چوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مينهن جھ ڪير ڏيڻ سان گڏ مٿي تي شفقت سان هٿ بہ ڦيري ڇڏيندو هو.

عمران عرف پهلوان ڳاڙهو ڳٽو گول مٿول مهانڊي وارو ڇهن فوٽن جي قد ڪاٺ وارو جوان هو. هو آکاڙي ۾ وزني پٿر هڪ ئي سٽ ۾ کڻڻ جو ماهر هو اُن ڪري ڪيس پهلوان سڏيو ويندو هو.

هڪ ڏينهن هو پنهنجي پيءُ دتوءَ ڪان بہ ڊزن کن ڏانتا نپائي چوڌريءَ کي حويلي پهچائڻ آيو گيٽ مان اندر گهڙندي ئي کابي پاسي، يُوسي جي هڪ ڏيگ جي پرسان مٿيري جاءِ تي ڏانتا رکي واپس ورڻ وارو ئي هو جو سندس نظر هڪ ڏگهي قد واري ڇوڪريءَ تي پئي، جنهن جا وار چڙ پيرن کي ڇهي رهيا هئا. وڏيون اکيون، گول مهانڊو ڏگهو نڪ ۽ اکين جا پلڪ مٿي ڪنيل، چڙ ڪنهن هتراڏو مورتي تراشي هجي. هن جي هٿ ۾ ٿڌي ڪير جو گلاس هو اڄ حويلي ۾ ڪو بہ نوڪر ڪونہ هو ضميران ڪيس ڪير جو گلاس ڏيئي، ڪلندي نظرون جهڪائي ڇڏيون، ڪيس گلاس جو وزن پٿرن کان بہ ڳرو لڳو. گلاس هن جي هٿ مان ڪري پجي پيو ۽ ٽنگون رڦڻ لڳس. هو ٽِڪو ٽِڪو گيٽ مان ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي پيءُ ڏتوءَ جي دوڪان تي پهچي ڏانتا نپڻ ۾ . .ي ويو.

هن ڏنوٽيءَ جي پنڪي کي تيز ڪندي ڪنهن مهل ڏانتي جو هڪ پاسو ٿي رکيو تہ ڪنهن مهل ٻيو سرو ٻاهه ۾ ٿي وڌائين... ضميران جو چهرو هرَ هرَ سندس اکين جي اڳيان ڦرڻ ٿي لڳو... هن ڏانتي کي پاڻي ۾ ٿي ناريو تہ ڪيس پاڻيءَ جي لهرن ۾ هن جا ڏگها وار دُنھ جي شڪل ۾ ٿي نظر آيا.

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ڪٽڪ ۾ لابارو زور تي هو ۽ ڳوٺ جا سيئي مرد ۽ زائفائون ڪٽڪ جي لاياري ۾ رُڌل هئا تہ ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ چوڌري مراد جي نياپي تي عمران عرف پهلوان چوڌري جي گهر آيو ۽ چوڌري جي شفقت ۽ مُرڪ کي مهرباني ۽ نوازش سان پيٽيندي واپس گهر وڃي پنهنجي ماءُ کي ضميران جي رشتي لاءِ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.



Marfat.com

شام ڌاري جڏهن دتو لوهار گهر آيو قميص لاهي ٽنگڻيءَ تي ٽنگيائين ۽ کٽ تي ويٺو ته جوٺهنس ڳن ڪٽنڌي چيس، "هيڏانهن ٻڌ! اسانجو پٽ بي-اي ڪريو ويٺو آهي ۽ چوڌري مراد جي ڌيءَ صفا اڻ پڙهيل... هونئن به هُن جي برادريءَ ۾ ڪو رشتو ڪونهي... چو نه پاڻ چوڌريءَ کان سڱ گهرون."

دتوءَ حُقي جي ڦوڪ ڀريندي چيو "آئون ته مراد کي منهن ۾ به ڪونه ڏسان... هو ته انسان جي روپ ۾ حيوان آهي... حيوان..!"

ايئن چئي هو گنجي ڇڪي ان سان پگهر اگهي ليٽي پيو جڻ مٿس ان ڳالهه جو ڪو اثر ئي نه پيو هو.

ايتري ۾ پٺهنس گهر ۾ گهڙيو.

دتوءَ هٿ ۾ لٺ ڪٽنڌي ڪيس سڏيندي چيو "اڙي ڪُتي جا پُٽ! چوڌريءَ کان منهنجا هڏ گڏ ڀڃرائيندين ڇا.... هو پنهنجي ڌيءَ کي ڪنوارو ويهاري ماري ڇڏيندو... پر اسان جهڙن غريبن سان ماٽتي نه ڪندو... خبردار...! چُپڙي ڪري ويهي رهو. آئنده ضميران جو نالو به نه ونج."

عمران جي امڙ پاڙي جي ڪجهه ماين سان ڳالهايو پر ڪا به ساڻس گڏ هلڻ جي لاءِ تيار نه ٿي، هنن 'جيران' کي اڪيلو ئي چوڌريءَ جي گهر وڃڻ جي لاءِ راضي ڪيو.

جيران صفا ساڌي ۽ نيڪ نيت عورت هئي، سو هوءَ ميٽ ڇپاڙيندي چوڌري جي گهر پهچي ويئي... چوڌريءَ جي ڌيءَ ضميران ڪيس ويهڻ جي لاءِ چيو هوءَ کٽ تي ويهڻ جي بدران پٽ تي ويهي رهي ۽ ضميران کي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائي، هن خوشيءَ سان ڪيس چوڌري مراد سان ڳالهائڻ جي لاءِ چيو ايتري ۾ چوڌري مراد به اچي پهتو. هو جيران کان حال احوال وٺي وڃڻ لڳو ته پنيان چيس، "ادا چوڌري مراد! الله شل تنهنجون مرادون پُجائي... اڄ آئون پنهنجي پُٽ کي تنهنجو پُٽ بنائڻ جي لاءِ آئي آهيان."

چوڌري مراد جو پُٽ تيمور اندر ڪمري ۾ ويٺو اها سڄي ڳالهه ٻولهه ٻڌي رهيو هو. اهو ٻڌي چوڌري مراد ٽپي ٻاهر تي ويو ۽ هن مينهن جيان رنڀ ڪندي چيو "آئون .... آئون .... چوڌري مراد .... چوڌري افضل جو پُٽ ... چوڌري بهادر جو پوٽو... سو پنهنجي ڌيءَ جو سڱ هڪ گهٽ ذات ڪميءَ



Marfat.com

ڪي ڏيان... نڪر منهنجي گهر مان..... خبردار جو اها ڳالهه ڳوٺ ۾ ڪنهن ڪي ٻڌايو ته تون منهنجي گهر ڪهڙي ڪم سان آئي هئين، اسين ته خراب نسل جا گهوڙا ۽ وهٽ به نه رکندا آهيون... انسان ته پري جي ڳالهه آهي... ۽ ها جي هاڻ تنهنجو پٽ منهنجي حويلي ڏانهن ايندو ته ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري ڪتن جي اڳيان وجهندو سانس!“

جيران ڊڄندي تکي تکي حويليءَ مان نڪري پنهنجي گهر رواني ٿي.

ڪجهه هفتن کانپوءِ چوڌري مراد جي پٽ تيمور کي ٽپالي هڪ رجسٽر خط ڏيئي ويو. هن خط کوليو ته مرڪي پيو هن آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا جي لاءِ جنهن ڪنسلٽ کي چيو هو. ان ڪيس ٻي ڏينهن صبح جو انٽرويو جي لاءِ پنهنجي آفيس گهرايو هو.

هوءَ انٽرويو ڏيئي خوشيءَ سان گهر وريو جيتوڻيڪ چوڌري مراد کيس آمريڪا موڪلڻ تي راضي نه هو پر هن پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي خواهش رد به ڪرڻ نٿي چاهي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ چوڌري مراد پنهنجن ڪجهه نوڪرن سان کيس پنهنجي ڊبل ڪئبن گاڏيءَ ۾ ويهاري ايئرپورٽ ڇڏڻ ويو. واپسيءَ تي کيس خبر پئي ته دتو لوهار جو پٽ عمران به هڪ هفتي کانپوءِ آمريڪا وڃي رهيو آهي، ڇو ته کيس بي-اي ۾ ٽاپ ڪرڻ تي آمريڪا ۾ پڙهڻ جي اسڪالرشپ ملي ويئي هئي ۽ هاڻ هو آمريڪا جهڙي مهنگي ملڪ جي بهترين يونيورسٽيءَ ۾ مفت پڙهي سگهندو.

وقت گذرندي دير ئي نٿي لڳي. چوڌريءَ جي پٽ آمريڪا ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ آمريڪا ۾ ئي ڪنهن ڪمپني ۾ اعليٰ عهدي تي نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ اتي ئي شادي ڪيائين. جنهن مان کيس هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو هن منصور رکيو. دتو لوهار جو پٽ عمران تعليم پوري ڪري واپس پنهنجي ڳوٺ آيو ۽ هن لوهارن جي ڪٽنب مان هڪ سهڻي ۽ سگهڙ ڇوڪريءَ مان شادي ڪئي، ڪجهه وقت ٽڪڻ کانپوءِ هو واپس آمريڪا هليو ويو. جتي عمران کي هڪ ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو هن فائزه رکيو.



Marfat.com

ويهن سالن جي عرصي ۾ چوڌريءَ جو پٽ رڳو ٻه ڀيرا ڳوٺ آيو هو. ان دوران چوڌري مراد جو پوٽو منصور ٻه جوان ٿي ويو هو ۽ هن آمريڪا جي جنهن يونيورسٽيءَ ۾ تعليم پرائي پئي، ان ئي يونيورسٽيءَ ۾ دتو لوهار جي پوٽي فائزه ٻه پڙهي رهي هئي. منصور ڪيس ڏٺو ته مٿس اکين ڇڪن ٿي پيو هوءَ ٻه منصور کي پسند ڪرڻ لڳي. منصور پنهنجي پيءُ کي فائزه جي رشتي گهرڻ تي زور ڀريو فائزه جي پيءُ پنهنجي ڌي جي رضامندي ۾ خوشي محسوس ڪئي، جڏهن ته منصور جي پيءُ تيمور ڏپ سبب پنهنجي پيءُ چوڌري مراد کي سڄو احوال ڏنو ۽ ڪانئس اجازت گهري. چوڌري مراد فقط هڪ جملو چئي، پنهنجي رضامندي ظاهر ڪئي، "اسين نيچ ذات ڪمين مان پٽ ته پرڻائي ايندا آهيون... پر پنهنجون ڌيئرون پرڻائي ڪونه ڏيندا آهيون... منهنجي سڪيلڌي پوٽي جي خواهش رد مٿان ڪرينءَ."

منصور جي فائزه سان وڏي ڌام ڌوم سان شادي ٿي گذري. ڪجهه وقت ڪانپوءِ جڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار پنهنجن مائٽن سان ملڻ جي لاءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ پهتا ته بس اسٽيشن کان وٺي چوڌريءَ جي حويليءَ تائين گلن جي ورڪا ڪندي ڳوٺ جا ميراثي، موچي، حجام ۽ لوهار دهل جي وڄت تي جهمريون هڻندا ڪيس وٺي پي ويا. هنن جي لاءِ جڻ زمين مان ڪو پوريل خزانو نڪري آيو هجي، جنهن جي خبر هو چوڌري مراد کي ڏيڻ وڃي رهيا هجن.

گهوٽ ۽ ڪنوار گهر پهتا ته چوڌري صفا پوڙهپڻ ۽ ضعيفي سبب ٻن نوڪرن جي سهاري اُٿي بيهي "دتو لوهار" جي پوٽيءَ کي گلي سان لڳائيندي چيو "ڌيا! تون هن ڪٽنب جي لَڄ آهين!"

مهمانن جي رش ۽ گوڙ سبب ڪجهه ٻه سمجهه ۾ نه پي آيو.. چوڌري مراد جي پراڻي ڪٽ جي ڀرسان ويٺل ٻڪريءَ جا ڇيلڙا ٻي . ٻي ڪري رهيا هئا. ڀرسان ئي موڙهي تي ويٺل وهي ڪاڏل ضميران پنهنجن اڇن وارن کي ڦٽي سان سڌو ڪندي ڪنهن ڪنهن مهل وارن ۾ ڦٽي قسڻ تي "آئي" ڪندي وارن مان چيڙهه ڪيندي سوچي رهي هئي، "گهٽ ذات ۾ ڌيءَ پرڻائڻ بي عزتي آهي... باقي گهٽ ذات وارن مان پٽ پرڻائڻ ۾ وري ڪيئن عزت ٿي؟"

❋



Marfat.com

# راهب...!

Marfat.com

Marfat.com

ٽيئي دوست ڪنهن غار جي ڳولا ۾ سڄو ڏينهن ٻيلي جي ڳنڊائتن پيچرن تان هلندي ساڻا ٿي همت هاري چڪا هئا.

”مايوس نہ ٿيو... اڳيان ٿا هلئون...“ هڪ دوست پُر اميد لهجي ۾ چيو... پرسان ئي وهندڙ پاڻيءَ جي گهٽ اونهائيءَ ۾ پيل ننڍن ننڍن گول ۽ نرم پٿرين تي پير رکي انهن جي سهاري هو اڳتي وڌيا.

”هوءَ سامهون روشني ڏسو.“

”ڏيئو پيو ٻري.“

”اها ئي غار هوندي.“

هو اڳتي وڌندا پرسان پهتا... هنن ڏٺو تہ هو غار جي ڪاهي ۾ ساڄي رڍن ٻڪرين کي چارو وجهي رهيو هو... سامهون ڪاٺ جي کوکن جي پرسان ڪُڪڙيون ۽ ڪبوتر چُڳي رهيا هئا.

هُن اڳتي وڌي هِنن کي ڀليڪار ڪيو ڪين غار جي اندر تڏي تي ويهاري، هُنن جي خدمت لاءِ ڪين ڀاڄيون ۽ خشڪ گوشت جو آچار ۽ جڙي ٻوٽين جو خوشبودار قهوو پيش ڪيو.

هنن ڳالهايو... ”اسانجو شڪ هو تہ تون هڪ آدم بيزار شخص آهين... پر تون تہ اسان سان محبت سان پيش آيو آهين.“

هن مُرڪي وراڻيو ”آئون آدم بيزار آهيان.“

”اڄ اسان سان هَل... دنيا تياڳڻ ڪنهن بہ صورت ۾ نيڪ ڪونهي، دنيا ڏاڍي سُندر اٿئي.. هل اسان سان ضد نہ ڪر... تنهنجو هر شرط مڃڻ جي لاءِ تيار آهيون.“

”پر هڪڙو شرط آهي“



Marfat.com

”ڪهڙو...؟“

”پهرين هلي اوهانجي دنيا ڏسندس.“

”اُت تہ هلون!“

هو شهر جي بلڪل وچ ۾ پهچي بيهي رهيو ۽ شهر ۾ گهمندڙ ڦرندڙ رنگبرنگي ڪپڙن پاتل ماڻهن کي حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳو.

هاڻ کيس رهبانيت کي ترڪ ڪرڻ جو خيال اچڻ لڳو.

بلڪل اُن مهل پُررونق ۽ ڪلندڙ ڪڏندڙ شهر ۾ هلندڙ گهمندڙ بي گناهہ ماڻهن جي وچ ۾ هڪ شخص پاڻ کي ڌماڪي سان اُڏائي ڇڏيو.

ڏسندي ئي ڏسندي چؤ ڏس لاش ۽ گوشت جا ٽڪرا پکڙجي ويا ۽ لهوءَ ۾ لَت پت بازار ڪربلا جو منظر پيش ڪرڻ لڳي.

پرسان وينل مؤرخ پنهنجي جسم ۾ سُئي سان سوراخ ڪري رت جي مَس سان دنيا جي تاريخ لکي رهيو هو.

هو ڊوڙندڙ بيلي ڏانهن ڀڄڻ لڳو ۽ ڪجهہ ئي گهڙين ۾ اکين کان گم ٿي ويو.

پوءِ... ؟

هو سدائين جي لاءِ ان غار ۾ ٽڪي پيو

اُن ڪانپوءِ....

صديون گذري ويون، ماڻهو کيس راضي ڪرڻ جي لاءِ سبب ڳولهيندا رهيا.



Marfat.com

لـــجَ

Marfat.com

Marfat.com

”تقدير جا سَگا جنميل پنهنجي ٺئي پيٽ ۽ ڀائرن جي ويڳي پٽي جو شڪار ٿي، انهن جي سڳي اولاد جي هٿان ستائجڻ تي صابر ٻ رهن ٿا ۽ نہ ٽڙندي پنهنجون جنگي ڪوششون جاري رکن ٿا ۽ پنهنجي وقار جو بچاءُ ڪندي پنهنجي انا تي حرف بہ اچڻ نہ ڏيندا آهن. اهي تحسين جا حقدار آهن.“

اهي لفظ ڪچري جي ڍڳ تي ڪاڳر ميڙيندڙ خوبصورت ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ ڪنيل هڪ پراڻي ڪاغذ جي ٽڪري تي لکيل هئا. ڪاغذ ميڙيندڙ گلبدن نالي ڇوڪري ڪاغذ تان مٽي ڇنڊي مٿيان جملا پاڻ ۾ ڳنڍي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. اهو ڪاغذ جو ٽڪرو ”برف ۾ سڙندڙ ماڻهو“ نالي ڪهاڻين جي ڪتاب جو هڪ پراڻو صفحو هو.

جڏهن افسانا، ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهڻ وارا دنيا ۾ گهٽجي ويا تہ انهن ڪتابن کي ”اولڊ بوڪ شاپ“ وارا خريد ڪري پڪوڙن ۽ سموسن جي لاءِ لفافا ناهيندڙ کي وڪڻي ڇڏيندا آهن. ڪنهن پڪوڙا وڪڻندڙ ڪان ان ٽڪري ۾ ڪنهن غريب پنجن روپين جا پڪوڙا خريدي پنهنجو پيٽ ڀريو ۽ پوءِ اهو ڪاغذ ان ڍڳ تي ڦٽو ڪري ڇڏيو هو.

شيڪو رستي جي ڪناري سائيڪل ٻيهاري گلبدن ڏانهن يڪ ٽڪ ڏسندي اهو سڄو منظر ڏسي رهيو هو.

توري دير ڪانپوءِ بہ ننڍڙا ٻارڙا اڇي رنگ جا ميرا ڪپڙا پائي هڪ ٻورو گهليندا پشتو زبان ۾ ڪجهہ ٻڙ ٻڙائيندا شيڪو ڏانهن وڌيا. هو سائيڪل تي چڙهي پيڊل هلائيندو اتان اُٿي پڳو اهو سڀ ڪجهہ سندس سمجهہ کان ٻاهر هو ٻنهي ننڍڙن ٻارن سهڻي گلبدن جي هٿن مان اهو ڪاغذ جو ٽڪرو وٺي ٻوريءَ ۾ وجهي، پنهنجي ڪوشش کي جاري رکڻ جو چئي گلبدن کي پاڻ سان وٺي روانا ٿي ويا.



Marfat.com

شيڪوءَ پنهنجي گلوبند کي جهٽڪو ڏيئي، ڪلهي جي ٻي طرف اُچليو ۽ سائيڪل جي هينڊل تي لڳل پريشر هارن کي زور زور سان وڄائيندو سائيڪل جي اڳيان لڳل ٽوڪريءَ ۾ "مٺائي" جا ٽڪرا سڌو ڪندي هوڪا ڏيڻ لڳو.

"مٺائي وٺو... مٺائي وٺو!"

اُن ڏينهن ڪانپوءِ جهڙوڪر شيڪوءَ جي عادت ٿي ويئي ته هو روزانو مٺائي وڪڻندي اڪثر آباديءَ کان ٻاهر گند، ڪچري جي ڍڳ کي ڏسي ٿوري فاصلي تي بيهي رهندو هو ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي ڪارين شيشن واري ٻي ڍنگي عينڪ لاهي سج جي ڪرڻن کان پنهنجي اکين کي بچائيندي، هٿن جو شيڊ ناهي پري پري تائين ڏسندو ۽ پوءِ ڪلندو "مٺائي وٺو... مٺائي وٺو!" جا هوڪا ڏيندي آباديءَ طرف هليو ويندو هو.

هڪ ڏينهن هن جي طبيعت ۾ عجيب بيزاري هئي، هو مٺائي وڪڻڻ جي لاءِ آباديءَ ڏانهن وڃڻ جي بدران، آبادي کان پري گند ڪچري جي هڪ وڏي اروڙيءَ ڏانهن هلڻ لڳو ڪيس پري کان ڳاڙهي رنگ جو ڪپڙو هوا ۾ لهرائيندو نظر آيو هو سائيڪل جي پيڊل کي زور سان هلائيندو سائيڪل کي سوڙهن ۽ ننڍين پيچرن تان حفاظت سان هلائيندو جڏهن اروڙي کان ٿورو اورتي پهتو ته ڪيس مايوسي ٿي، ان اروڙيءَ جي چوڌاري پوهي مڱن جي فصل کي جهار جي حملي کان بچائڻ جي لاءِ هڪ ڏاهي هاريءَ صليب جيان ڪاٺ کوڙي ان تي ڳاڙهي قميص کي ٽنگي ان جي مٿان نڪر جو مٿ ٽنگي ان کي انسان وانگر پتلو بنائي ڇڏيو هو.

شيڪوءَ ڪاوڙ مان پري کان ئي هڪ ڪڙو ڪٽي ان پتلي ڏانهن اُڇليو. پتلي جون ٻانهون زور سان هوا ۾ هلڻ لڳيون، ڄڻ هو شيڪوءَ کي خدا حافظ چئي رهيو هجي، هو انب جي وڻ جي هيٺان ويهي ساهي پٽڻ لڳو. ان دوران هن پنهنجي مٿي تي ڪا شئي ڪرندي محسوس ڪئي، هن ڪنڌ ڪٽي مٿي ڏٺو ته هن جي منهن تي اها شئي ٻيهر اچي ڪري، هن ٻهرين منهن پوءِ مٿي تي هٿ ڦيريو ايتري ۾ ڪجهه ڪانگ ڪان ڪندا اُڏرندا نظر آيا. هن پنهنجي هٿن تي هنڌبي ۽ اڇي رنگ جي ڊِٺ لڳل ڏٺي ۽ سنگهندي ئي ٽڪڻ



Marfat.com

شروع ڪري ڏنو. هن هڪ ڪڙو ڪنيو ۽ ڪانگن کي اُڇلي هنيو پر اهي ڪڙي جي پهچ کان پري متاهينءَ تي اُڏار ڪندا هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي ويا.

هو سائيڪل جي پويان ٻڌل پاٽيءَ جي ڪولر سان مٿو ۽ منهن ڌوئي، منهن ڦڻائي آباديءَ طرف هلڻ لڳو سائيڪل تي لڳل هوا جي پريشر سان وڄندڙ هارن زور سان وڄائيندو هو هوڪا ڏيڻ لڳو "مٺائي وٺو .... مٺائي وٺو". پرسان آباديءَ ۾ مٺائي وڪڻڻ ڪانپوءِ هو اڻ ڄاتيءَ مايوسي جي ڪيفيت ۾ گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. گهر جي گهٽيءَ ۾ پهچندي ئي سندس ٻه ننڍڙيون معصوم ٻارڙيون هن ڏانهن ڊوڙيون ۽ سائيڪل جي اڳينءَ ٽائر سان ٽڪرائجي ڪِري پيون، هن هڪدم بريڪ هنيو ۽ هيٺ لهي ڪپڙا ڇنڊيندي کين ڪڇي هوا ۾ اڇلڻ ۽ کين خوش ڪرڻ جي لاءِ رانديڪو ڏيئي وندرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

جوٺهنس رڌڻي مان ئي سڏيس، "شفيق اچي ويو آهين؟"

هن ٽڪ جا آثار ظاهر ڪندي ٿڌو ساهه پريندي چيو "جي! تنهنجو شيڪو پهچي ويو آهي"

"منهنجي اڳيان ايئن نه چئو... منهنجي لاءِ ته تون شفيق ئي آهين.. باقي ماڻهن توتي اهو نالو رکيو آهي... يلا اهو ته ٻڌائي ته شيڪوءَ جو مطلب ڪهڙو آهي؟" هن کلندي پڇيو.

"ٻچائڻ واري کي چوندا آهن... جيڪو شين جو پيڇو ڪري کين ڊوڙائي... تون ٻه ڪهڙي بحث ۾ پئجي ويئي آهين منهنجي شالوا!" شيڪو جواب ڏنو "وچ! منهنجي لاءِ پاڻي پري رک ته وهنجي وٺان... گرمي ۾ ساهه ئو مُنجهي... پوءِ ٻه ٿي گرهه هڻان!"

"ٺيڪ آهي هاڻ مونکي نه شيڪنا شروع ڪرينءَ... وڃان ٿي." جوٺهنس کلندي چيو.

ايتري ۾ چاچا فضلوءَ سڏ ڪندي دروازو کڙڪايو "شيڪو او شيڪوا... منهنجا پوٽا انگلينڊ مان آيا آهن... تن جي لاءِ پنج سئو روپين جي مٺائي ته ڏيا"



Marfat.com

”پنج سئو روپين جي مٺائي تہ تمام گھڻي آهي.... تنهنجا پوٽا ماني کونہ کائيندا آهن ڇا....؟“ شيڪوءَ اٺندي دروازو کوليندي چيو ”هيتري مٺائي وٺي ڇا ڪندين؟“

”ڇڳو هاڻ بڪ بڪ پوءِ ڪج... ڀرين مونکي مٺائي ڏي، هو سياڻي واپس ويندا... کين مٺائي پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻي آهي....“

شيڪو پنجين سئو جو نوٽ هٿ ۾ وٺندي دروازي تي ويٺي ويٺي فضلوءَ کي چيو.

”ٺيڪ آهي... تون ڀلي گھر وڃ... شام جو توکي تازي مٺائي گھر پهچائي ويندس...“

”ٺيڪ آهي...! ڀلا منهنجي ننهن شالو ڪٿي آهي؟“

”جي چاچا ڪهڙا حال اٿئي؟“ شالوءَ ويجھو ايندي پڇيو ”فضلو چاچا! اوهانکي ڏسي مونکي پنهنجو بابا مرحيات ياد ايندو آهي... هو تہ اوهانجو دوست بہ هوءِ اوهان جي شڪل شبيهہ بہ ساڻس ملندي هئي.“

”ڌيءَ شالو! هاڻ زمانو بدلجي ويو آهي... اهي محبتون ڪٿي.... هاڻ تہ تنهنجو مُڙس مونکي دروازي تان ئي ويٺي ويٺي پيو روانو ڪري.“

اهو ٻڌي شيڪوءَ ٿڪائي سبب نظرون جھڪائي ڇڏيون...

”ها پُٽ شيڪو جو ڪم ڪار تہ صحيح پيو هلي نہ.... ڪا ڏکيائي پيش اچي تہ مونکي متان وسارجو.“

”الله اوهانکي خوش رکي چاچا.... ڏک سُک پنهنجي چاچي فضلوءَ کي نہ ٻڌائينديس تہ ٻيو ڪنهن کي ٻڌائينديس.“

”چاچا فضلو اندر اچي ويهہ... توري ساهي پٽ تيسين گرم گرم مٺائي بہ ڪڍي ٿو وٺان.“ شيڪو سندس هٿ جھليندي چيو.

”نہ شيڪو هلان ٿو...“ ايئن چئي فضلو هليو ويو.

شيڪو وهنجي سهنجي ٻاهر نڪتو تہ پاڻ ۽ جوٺهنس شالو اڱڻ ۾ شهتوت جي وڻ هيٺان ويهي ڳالهيون مهاڙيون ڪرڻ لڳا. ”تون ڪيڏي نہ سُهڻي آهين شالو... منهنجو ڪيترو نہ خيال ٿي رکين.“



Marfat.com

”چڱو ڀلو ھاڻ مسڪو نہ ھڻ... جڻ مون کان سواءِ ڪنھن ڏانھن اک کڻي بہ نہ ٿو ڏسين.... گھٽين ۾ ھوڪا ڏيندي سھٽيون سھٽيون مايون ڏسندي تنھنجي دل چوندي ھوندي تہ انھن ۾ مٺائي مفت ۾ ورھائي ڇڏيان...“

شيڪو ٺھڪ ڏيئي اُٿي کڙو ٿيو ۽ مٺائي ناھڻ لاءِ ٻاھر ٻاري ان تي ديگڙي رکي ڪم ۾ لڳي ويو.

صبح جو ھو گھران نڪرندو ھو تہ پاڙي جون ڇوڪريون ڪيس پاجي پاجي.... ڇئي ٻيھڻ جو اشارو ڪندي ڪائنس پنجن ۽ ڏھن روپين جي مٺائي وٺنديون ھيون.

ھو ھڪ پاڙي مان لنگھندي ھوڪا ڏيندو اڳيان وڌندو پي ويو تہ کيس سامھون گلبدن ايندي نظر آئي.... ميرن ۽ اُبالڙن ڪپڙن جي باوجود جڻ سونھن جي ديوي لڳي رھي ھئي. سندس پويان بہ ميرن مُنجھيل ۽ اُٺين وارن وارا ٻارڙا ھٿن ۾ ٻورو کڻي ھلي رھيا ھئا.

شيڪو جي سائيڪل تڙي پت سان وڃي لڳي، گلبدن ۽ ٻارڙن کان کل نڪري ويئي. سائيڪل ڪِرڻ جي ڪري مٺائي جي ٽوڪري بہ اُٿلي پئي ۽ سڄي مٺائي پٽ تي وکري ويئي.

مٺائيءَ کي پٽ تي ڪرندي ڏسي پاڙي جا ٻارڙا مڙي آيا ۽ مٺائي کڻي ڀڄڻ لڳا.

سائيڪل تان ڪرڻ جي ڪري شيڪو جي ٽنگ مان وھندڙ رت سبب گلبدن سنجيده ٿي ويئي ۽ ھن پنھنجي ٻوري مان آيوڊين جو ٽنڪچر ڪڍي ھڪ پراڻي ڪپھ جي ٻُڙي سان جيڪو ھن ڪنھن اروڙيءَ تان ڪنيو ھو ھن جي زخم تي ھنيو ۽ سور سبب ڪنجھندي ھو ھن ڏانھن ڏسڻ لڳو گلبدن ان ڳالھہ کان اڻ ڄاڻ ٽنڪچر ھڻڻ کانپوءِ پنھنجي وات ۾ چيوگم چٻاڙيندي اُٿي کڙي ٿي.

ھن منڊڪندي اُٿي سائيڪل سڌي ڪئي ۽ پيڊل تي پير رکي آباديءَ کان ٻاھر اروڙيءَ وٽ ”ڪيڪڙ“ جي وڻ جي ھيٺان وڃي ويٺو. گلبدن بہ ھلندي ھلندي اچي ان اروڙيءَ تائين پھتي ۽ اتان پراڻي گتي ۽ ڪاغذ چوندي پنھنجي ٻوري ۾ وجھڻ لڳي. ھوءَ پلاسٽڪ ۽ شيشي جون پڳل ٽٽل ٻوتلون بہ گڏ ڪري رھي ھئي.



Marfat.com

هن اُتي اروڙيءَ جي پرسان پهچي، گلبدن کي مخاطب ٿي چيو ”روزانو ڪيترا ڏوڪڙ ڪمائيندي آهين؟“

”ٻه اڍائي سئو روپيا... بس ماءُ پيءُ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ ننڍن ڀيڻن ڀائرن جو پيٽ پالي رهي آهيان.... الله جو شڪر آهي.“

هن جي پنهنجي ڪمائي ٻه ڏيهاڙي پنج سئو روپيا مشڪل سان هئي. هن پنهنجي ڪيسي مان هزار جو نوٽ ڪڍي چيو ”توکي هر روز هزار روپيا ڏيندس، بس تون رڳو ٿوري دير مونسان گڏ هلندي ڪر.“

اهو ٻُڌي هوءَ ڪاوڙ سبب تپي ڳاڙهي ٿي ويئي، وس پُڇيس ها ته هٿ ۾ جهليل شيشي جي ٿڌل بوتل سندس ڪاري ٻوٿ تي واهي ڪڍي ها.

هن شيطاني مُرڪ سان مڇين تي هٿ ڦيريندي اڳيان وڌي گلبدن جي ٻانهن جلهڻ جي ڪوشش ڪئي.

هوءَ هٿ ڇڏائي اُتي پڳي ۽ پريان بيهي چوڻ لڳي، ”ڪمينا! هزار جو نوٽ ونڻ واري هُجان ها ته اروڙيءَ تان ڪاغذ ميڙيان ها ڇا؟“

❊



Marfat.com

# پہ نندیون کھاٹیون

Marfat.com

Marfat.com

# خاموش بابا

هر غلط ڳالھ تي روڪڻ ۽ نصيحت ڪرڻ جي ڪري سڀ تنگ ۽ پريشان هئا. ڪجھ وقت کان پوءِ بابا جي نظر ڪمزور ٿي ويئي ۽ ڪنن کان به ٻُرو! ڪيترن ئي اي.اين.ٽي اسپيشلسٽن کان چيڪ اپ ڪرائي چڪو هو.

ڪن جو چورڻ هو.

شايد پويان کان نظر ختم ٿي ويئي آهي. ڪارو موتيو به ٿي سگهي ٿو. ڪنن جا پردا به ٺيڪ آهن. باقي ٻُڌڻ جو مسئلو برقرار آهي. ٿورو گهٽي نظر پوندي به اٿس... پري جي نظر وڌيڪ ڪمزور اٿس. ڪيس جڏهن به ڏسڻون هوندو هو ته هو ڪارن شيشن واري عينڪ پائيندو هو.

ڪنن جي مرض بابت ڪنهن کي به ڪا آخري تاريخ معلوم نه هئي. گهر ۾ نهرون، ڏيئرون ۽ پارهن جي اڳيان هر راز هڪٻئي سان سلي چڏيندا هئا.

بابا نه ٻُڌندو هو نه ڏسندو هو.

هڪ ڏينهن، هُن جي ننڍپڻ جو دوست مشهور زميندار نور خان ساڻس ملڻ آيو.

هو ملڻ سان ئي ڪيس گهر جي ڇت تي اُس ۾ ونئي آيو.

"تون ڪڏهن کان ٻُڌين ۽ ڏسين نٿو؟" نور خان، بابا کان آهستڙي پڇيو.

هن جلدي وراڻيو "جڏهن کان ان جو ڪو فائدو ڪونهي."



Marfat.com

# ٻارڙي

ننڍڙي ٻتڪڙي گڏيءَ جهڙي آهي هوءَ...
سڀ چون ٿا پاپا ڪيس ججهو ٿو پيار ڪري
پر پاپا چوي ٿو سڀ ڪوڙ ٿا ڳالهائين
پوءِ هو روزانو ڪيس ٻانهن سان گڏ ڇو ٿو سُمهاري
ڪيس ٻانهن وٽ ويهاري گرهه ڇو ٿو کارائي
ٺيڪ آهي، اسين وڏا آهيون، پر پيار جو حق اسانجو به آهي.
پاپا چيو
اوهان سڀني کي غلط فهمي ٿي آهي، آئون اوهان سڀني سان پيار ٿو ڪريان.
ائين ڪونهي.
ڇو ڪونهي.
ايئن ئي آهي.
اها نا انصافي آهي.
ڪهڙي نا انصافي! منهنجي لاءِ اوهين سڀ برابر آهيو آئون اوهان سڀني سان هڪجيترو پيار ٿو ڪريان.
نه نه... ائين ڪونهي...
ٻُڌو!
ننڍڙي ٻتڪڙي معصوم گُڏڙي مون کان سواءِ هڪ پل به رهي نٿي سگهي، گهر ايندو آهيان ته منهنجي لاءِ پاڻيءَ جو گلاس ڀري کڻي ايندي آهي... منهنجا جوتا ۽ جوراب ڪمري ۾ سنڀالي رکندي آهي ۽ منهنجي پيرن ۾ چپل پهرائيندي آهي، مونکي گهر ۾ گهڙندي ئي هن جي چهري تي ڪيڏندڙ معصوميت ڏسي ٿڪاوٽ جو احساس ختم ٿي ويندو آهي.
ته ڇا ٿي پيو؟
آئون ڪيس پيار ڪري سندس پيار جو جواب نه ڏيان...؟



Marfat.com

# برف ۾ سڙندڙ ماڻهو

(ڪهاڻيون)



حڪيم عبدالرؤف ڪياني

يوسف سنڌي

Marfat.com